ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) سومر 31 آگسٽ 2026ع 17 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (16)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دادو لڳ ٻن ڌرين ۾ خوني ويڙهه، مڪيني تي جديد هٿيارن سان فائرنگ، 8 ڄڻا قتل، عورت سميت 3 زخمي

ڳوٺ شيخ گلاب چانڊيو ۽ ڳوٺ دانو چانڊيو ۾ رستي جي لنگهه تان اڪبر چانڊيو ۽ خان محمد چانڊيو ڌرين وچ ۾ پراڻو تڪرار ڀيهر ڀڙڪي اٿيو

فائرنگ دوران اڪبر چانڊيو ڌر جا 6 ۽ خان محمد چانڊيو ڌر جا 2 ڄڻا مارجي ويا، پوليس ڳوٺ دانو چانڊيو ۽ شيخ گلاب چانڊيو پهچي علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو

خان محمد چانڊيو ڌر جي فوتين ۾ سڳا ڀائر گلبهار، ديدار چانڊيو ۽ اڪبر چانڊيو ڌر جي فوتين ۾ ٻچل، ذوالفقار، سلطان، منظور، ارشاد ۽ فدا چانڊيو شامل، لاش اسپتال منتقل

فائرنگ ۾ غلام قادر چانڊيو، ممتاز ۽ واٺڙو عورت گڙيا زال ڪليم لاشاري زخمي ٿي پيا، علائقي ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جو سلسلو جاري، پوليس گشت وڌائي ڇڏيو

8 ڄڻن جي قتل واقعي خلاف وڏي وزير جو نوٽيس، آءِ جي سنڌ کان رپورٽ طلب، علائقي ۾ وڏي آپريشن لاءِ سڄي ضلعي مان پوليس نفري طلب ڪئي وئي آهي: ڊي ايس پي

دادو (رپورٽ- ولي محمد لنڊ) جي ڪڇي ۾ رستي جي لنگهه تان خوني ٽڪراءُ 8 ڄڻا قتل، عورت سميت 3 زخمي، علائقو ميدان جنگ بڻيل 4 ڪلاڪ ڇٽي فائرنگ، ٻنهي ڌرين جا مورچا قائم، وقفي وقفي سان فائرنگ جاري، پوليس جي وڏي آپريشن جي تياري. دادو جي ڪڇي واري علائقي جي ڳوٺ شيخ گلاب چانڊيو ۽ ڳوٺ دانو چانڊيو ۾ رستي جي لنگهه تان اڪبر چانڊيو ۽ خان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

دادو: ڪڇيءَ جي لنگهه تان ٿيل جهيڙي ۾ مارجي ويلن جا لاش اسپتال ۾ پيل آهن

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار لنڊن کان استنبول لاءِ روانو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار لنڊن کان ترڪيه جي گادي واري شهر استنبول لاءِ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

مڪي معاهدي جو اڄ پهريون اجلاس، پاڪستان، ترڪي ۽ سعودي عرب دفاعي سهڪار جو نئون روڊ ميپ جوڙيندا

پاڪستان طرفان نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، دفاع وارو وفاقي وزير خواجا آصف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير استنبول پهچي ويا

ترڪي جو پرڏيهي وزير حاقان فيدان، دفاع وارو وزير يشار گلر ۽ چيف آف جنرل اسٽاف جنرل سلجڪ بائراڪدار اوغلو، سعودي پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان، دفاع ٻيا شامل هوندا

اجلاس ۾ ٽنهي ملڪن جي دفاعي صلاحيتن ۾ واڌ، هٿياربند فوجن وچ ۾ گڏيل سهڪار ۽ گڏيل فوجي ڪارروائين جي صلاحيت کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ تي غور ڪيو ويندو

دفاعي صنعت ۾ سهڪار، گڏيل دفاعي پيداوار، تحقيق ۽ ترقي جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ ۽ دهشتگردي خلاف گڏيل ڪوشش کي وڌيڪ منظم بڻائڻ وارن قدمن تي ڳالهيون ٿينديون

اجلاس ۾ گڏيل ڪميٽي جي مستقل سيڪريٽريٽ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارتي طريقيڪار جي قيام سان گڏ مستقبل ۾ کنيل قدمن، گڏيل منصوبن ۽ دفاعي تعاون لاءِ واضح روڊ ميپ جوڙڻ جا امڪان

معاهدي جو بنيادي مقصد خطي ۾ امن، سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي کي هٿي ڏيڻ ۽ گڏيل دفاعي صلاحيت مضبوط ڪرڻ آهي، ڪنهن هڪ ڌر تي حملو ٽنهي ڌرين تي حملو تصور ڪيو ويندو: اڳواڻ

اسلام آباد (م د) مکي ۾ ٿيل گڏيل دفاعي معاهدي تحت قائم ڪيل اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جو پهريون اجلاس اڄ سومر ڏينهن استنبول ۾ ٿيندو. ترڪ پرڏيهي وزارت جي ذريعن موجب اجلاس ۾ ترڪي جو پرڏيهي وزير حاقان فيدان، دفاع وارو وزير يشار گلر ۽ چيف آف جنرل اسٽاف جنرل سلجڪ بائراڪدار اوغلو شرڪت ڪندا. پاڪستان بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان طرفان سعودي عرب لاءِ زرعي روانگي واپار 3 ارب ڊالرن تائين پهچائڻ جو عزم

سعودي جي ماحوليات، پاڻي ۽ زراعت ۽ قومي غذائي تحفظ واري وزارت سان ڪامياب ڳالهيون ٿيون

وزيراعظم شهباز شريف جي ذاتي دلچسپي ۽ سرپرستي عيوض تعاون لاءِ اهم اڳڀرائي ٿي آهي

لائيو اسٽاڪ، ايگري فوڊ پراسيسنگ ۽ چانورن جي ويليو چين شعبن ۾ تعاون جاري رکڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ذاتي دلچسپي ۽ سرپرستي عيوض پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ زرعي شعبي ۾ تعاون لاءِ اهم اڳيرائي ٿي آهي، ٻنهي ملڪن ايندڙ ٻن سالن ۾ سعودي عرب لاءِ پاڪستان جي زرعي ۽ غذائي شين جي روانگي واپار 3 ارب ڊالرن تائين پهچائڻ جي عزم ڪي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عورتن کي باعزت سفر ۽ خودمختيار بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي پئي: شرجيل ميمڻ

صوبائي حڪومت پاران ايندڙ مرحلي ۾ ميرپورخاص ۾ پنڪ اسڪوٽيز ورهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

هن وقت تائين 2 هزار کان وڌيڪ عورتن کي ڊرائيونگ ۽ ٻي لاڳاپيل تربيت فراهم ڪئي وئي آهي

پروگرام جو مقصد عورتن کي بااختيار بڻائڻ، سفري آزادي، خود اعتمادي ۽ معاشي موقعا فراهم ڪرڻ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ايندڙ مرحلي ۾ ميرپورخاص ۾ پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيز تقسيم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

لاهور: آزاد ڄمون ڪشمير جو وزيراعظم ن ليگ جي سربراهه ميان نواز شريف ۽ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

بندرگاهن ۽ شهرن جي رشتي کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي: محمد جنيد انوار

واٽر فرنٽ جي نئين سر تخليق ذريعي بندرگاهي شهرن جي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

بندرگاهن کي ڀرپاسي واري آبادي کي صحت جي سهولتن جي فراهمي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ڪمبوڊيا جو دورو مڪمل ڪري وطن واپس پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جو بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان مقرر مدي کان اڳ 1200 ارب رپين جو قرض ادا ڪري تاريخي ڪاميابي ماڻي ورتي

حڪومت جي اثرائتي معاشي حڪمت عملي سبب قرضن جي وقت کان اڳ ادائگي ۾ نئون مثال قائم ڪيو

وقت کان اڳ ادائگين سان ايندڙ سالن ۾ وڏين ادائگين جي دٻاءَ ۾ گهٽتائي ايندي: خرم شهزاد

پاڪستان هاڻي روائتي ادائگين کان اڳيان وڌي سرڪاري مالي پوزيشن مضبوط بڻائڻ جي رخ تي گامزن آهي

اسلام آباد (اي پي پي) حڪومت جي اثرائتي معاشي حڪمت عملي سبب قرضن جي وقت کان اڳ ادائگي ۾ تاريخي ڪاميابي حاصل ٿي آهي اثرائتين مالياتي پاليسين سبب پاڪستان مالي نظم ۽ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پاران ترڪي جي يوم فتح جي 104 هين سالگره جي موقعي تي ترڪ قيادت، حڪومت ۽ عوام کي مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

گدو 747 ميگاواٽ پاور پلانٽ جي بحالي لاءِ چئاپيئٽي واڪ طلب

بجلي جي پيداواري خرچ ۾ 4 روپيا 19 پئسا في يونٽ گهٽتائي جي اميد ظاهر

منصوبي ذريعي 297 ميگاواٽ اضافي بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت به بحال ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) پاور ڊويزن جي مسلسل ڪوششن جي نتيجي ۾ گدو 747 ميگاواٽ پاور پلانٽ جي اسٽيم ٽربائن جي بحالي لاءِ عالمي چئاپيئٽي واڪ طلب ڪيا ويا آهن منصوبي جي بحالي سان پلانٽ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت پاران يوم فتح جي موقعي تي ترڪ هم منصب ۽ عوام کي مبارڪون پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري يوم فتح جي موقعي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير دادو واقعي جو نوٽيس ورتو، ڊي آءِ جي حيدرآباد کان رپورٽ طلب

ٻن ڌرين ۾ هٿياربند جهيڙي جي نتيجي ۾ 8 ڄڻن جي فوت ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس

واقعي ۾ ملوث سمورن عنصرن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي: ضياءُ لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار دادو ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل هٿياربند جهيڙي جي نتيجي ۾ 8 ڄڻن جي فوت ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي. گهرو وزير واقعي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

جيڪا حڪومت ظلم ڪندي، ان کان انصاف جي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي: مولانا فضل الرحمان

ملڪ ۾ امن امان ۽ معاشي صورتحال خراب آهي، روز روز غلط پاليسين جي نتيجي ۾ تباهي مچي رهي آهي

ڀارت دنيا جي چوٿين وڏي معيشت بڻجي ويو آهي، اسان کي سوچڻو پوندو ته اسان جو ملڪ ڪٿي بيٺو آهي

ڪنهن جي خلاف هجڻ جي بنياد تي ڪيس غدار قرار ڏيڻ درست ناهي، الزام لڳايو ويو ته ان جو حساب ڏيڻو پوندو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جون ڳالهيون ناقابلِ قبول، عوام کي طاقتور بڻائڻو پوندو، جي يو آءِ سربراهه خبر موجب جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته جيڪا بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

لاهور: بچاءَ وارو وفاقي وزير خواجه آصف ايئرپورٽ جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ مبينا غيرقانوني ڪال سينٽر تي ڇاپو، 6 جوابدار گرفتار

نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي اهلڪارن گلستان جوهر ۾ ڪارروائي ڪئي

گرفتار جوابدار پرڏيهي بئنڪن جا آفيسر بڻجي شهري دوکو ڏيڻ ۾ ملوث آهن: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل سائبر بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران ترڪ صدر، حڪومت ۽ عوام کي يوم فتح جون مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ترڪيه جي صدر رجب طيب اردگان ۽ ترڪيه جي حڪومت ۽ عوام کي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي، جان ڏئي تحفظ ڪنداسين، وحدت سنڌ مارچ ۾ سنڌ واسين جو وچن

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي ريگل چوڪ صدر کان مارچ شروع ٿيو، جيڪو مختلف رستن کان ٿيندو پريس ڪلب ٻاهران پهچي ڌرڻي ۾ تبديل ٿي ويو

مارچ ۾ شامل قومپرستن، وڪيلن، اديبن ۽ دانشورن سميت پنجابي، پختون ترڙي، سرائيڪي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران هر محاذ تان سنڌ جي تحفظ جو اعلان ڪيو ويو

سنڌ صدين تي ٻڌل تاريخي، جاگرافيائي، تهذيبي ۽ سياسي حقيقت آهي، ڪنهن به نالي، فارمولي يا طريقي سان ڌرتي ورهائڻ جي ڪا به ڪوشش قبول ڪانهي: روشن ٻرڙو / حسيب جمالي

ڌرتي جي وحدت کي ڪمزور ڪرڻ نه رڳو سنڌ جي مفادن جي خلاف آهي پر ملڪ جي سالميت ۽ وفاقي نظام لاءِ به خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو: منير حيدر شاهه، عامر نواز وڙائچ ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) قومپرستن، وڪيلن، اديبن ۽ دانشورن سميت پنجابي، پختون ترڙي سرائيڪي اڳواڻن هر محاذ تان سنڌ جي تحفظ جو اعلان ڪندي چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪا به ڪوشش ڪئي وئي ته ڪراچي کان وٺي ڪشمور تائين سخت مزاحمت ڪئي ويندي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايس يو پي جي سڏ تي وحدت سنڌ مارچ ۾ سنڌ واسي وڏي انگ ۾ شريڪ آهن (فوٽو: سعيد لاشاري)

بيجنگ: پنجاب جي وزير اعليٰ مريم نواز چيني ڪمپني جي وفد سان ملاقات ڪري رهي آهي

سينيٽر روبينه خالد هري پور ۾ شهيد آيت نور جي گهر پهچي وئي، فاتحه خواني

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن شهيد جي وارثن سان تعزيت ڪئي

قانون تي عملدرآمد ضروري آهي، آيت نور جي قاتلن کي ضرور سزا ملندي: ڳالهيون

هري پور (اي پي پي) هري پور ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد، آيت نور شهيد جي گهر بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي دريائن بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

نون صوبن بابت بحث دوران سنڌ ورهائڻ جي خواهشمندن کي وائکو ڪرڻ چاهيون ٿا: نثار کهڙو

پ پ جا چونڊيل نمائندا آئيني فورم تي صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي مطالبن کي ڀرپور انداز ۾ رد ڪندا

جيڪي ماڻهو نون صوبن جا حامي هوندا، اهي به ايوان جي ڪارروائي دوران عوام آڏو رڪارڊ تي اچي ويندا

پيپلز پارٽي اڳ به پنج ڀيرا نون صوبن خلاف قراردادون منظور ڪري چڪي آهي، هاڻ به مخالفت ڪري ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙي چيو آهي ته ملڪ ۾ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام بابت سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيل ٺهراءُ واري رٿ تي بحث ڪائيو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو زرداري جي مڱڻي يا شادي بابت خبرون بي بنياد آهن: مرتضيٰ وهاب

صدر آصف علي زرداري پنهنجي پٽ جو رشتو ڪرڻ لاءِ يورپي ملڪ ناهي ويو: ترجمان

پ پ چيئرمين جي رشتي يا شادي بابت ميڊيا ۾ هلندڙ دعوائن ۾ ڪا صداقت ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي مڱڻي ۽ شادي بابت ميڊيا ۾ گردش ڪندڙ خبرن ڪاٿيو سنڌس ترجمان مرتضيٰ وهاب اهم بيان جاري ڪندي انهن خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي گذريل ڏينهن ڪجهه ميڊيا رپورٽن ۾ دعويٰ ڪئي وئي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نامعلوم جوابدارن جي فائرنگ ۾ هڪ شخص مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پراڻي گوليمار ۾ عائشه منزل ويجهو نامعلوم جوابدارن جي فائرنگ ۾ هڪ شخص مارجي ويو مقتول جي سڃاڻپ عمران پٽ خدا بخش جي نالي سان ٿي آهي اطلاع ملڻ تي مقامي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب مقتول جي قبضي مان 9 ايم ايم پسٽول بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ ٻڍڙي عورت روڊ ڪناري ڪپڙا وڪري لاءِ رکي ويٺل آهي

پيٽروليم ليوي خلاف احتجاجي ڌرڻا سڄي قوم جو آواز بڻجي چڪا آهن: ڪاشف سعيد شيخ

مهانگائي عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي، پر حڪمرانن جي ڪنن تي جون به نٿي چري

سڄي سنڌ ۾ ليوي ٽيڪس خلاف 3 سيپٽمبر تي ڀرپور شٽر بند هڙتال ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته پيٽروليم شين تي ليوي جي نالي ۾ ڀتو ٽيڪس لاڳو ڪرڻ خلاف ڪراچي حيدرآباد سميت سڄي ملڪ ۾ جاري احتجاجي ڌرڻا بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ۾ گهر اندران لکين رپيا روڪ ۽ سونا زيور چوري، شهرين ۽ متاثرن جو احتجاج

شيرازي پاڙي جي رهواسي بلديا جي ملازم زوهيب خاصخيلي جي گهر ۾ واردات ٿي

پوليس رپورٽ داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي، شهرين پاران ڌاڙن ۾ واڌ خلاف احتجاج

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي شهر ۾ شيرازي پاڙي جي رهواسي بلديا ڪوٽڙي جي ملازم زوهيب خاصخيلي جي گهر مان نامعلوم بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس جي ڪارروائي، اغوا ڪار گروهه گرفتار، ٽن نائجيرين سميت 4 مغوي بازياب

ڳجهي اطلاع ۽ جديد جاچ جي ذريعن جي مدد سان گلبهار جي علائقي ۾ گهر تي ڇاپو هنيو ويو

ٻانڌي بڻايل نائجيرين شهرين اسٽن، سنڊس پٽ مائيڪل ۽ جنتن سميت ڪي پي ڪي واسي نصرت خان بازياب

اغوا ۾ ملوث ٽن جوابدارن آصف محمود، عمر فاروق ۽ عثمان غني کي گرفتار ڪيو ويو هٿيار هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلبهار ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي پرڏيهي شهرين ۽ ضلعي خيبر جي رهواسي کي اغوا ڪندڙ ٽن رڪني گروهه کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته پوليس 4 مغوين کي باحفاظت بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

لاهور: هڪ شاگردياڻي تصوير ٺاهي رهي آهي

سنڌ جي اڪثر ضلعن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم گرم رهڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ صوبي جي اڪثر ضلعن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪرغزستان ۽ مصر ۾ چائنا ميڊيا گروپ جي فلمن ۽ ٽي وي پروگرامن جي نشريات شروع

بيجنگ (اي پي پي) چين جي صدر شي جن پنگ جي شنگھائي تعاون تنظيم جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

چين طرفان نيپال لاءِ امدادي پيڪيج تي عملدرآمد جاري آهي: پرڏيهي وزير

بيجنگ- (اي پي پي) چين جي پرڏيهي وزير وانگ يي نيپال جي پرڏيهي وزير شيسر ڪنال سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ سيوا لائرز ڪميٽي جي وڪيلن پاران اڄ اسيمبلي آڏو ڌرڻي جو اعلان

ڪراچي: سنڌ جي ورهاڱي بابت سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيل التوا واري رٿ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پارٽي ڪارڪن قيمتي اثاثو آهن، تن جي مسئلن کان غافل ناهيان: راڻا مشهود

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويزن تحت نوجوانن کي روزگار ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهيون

نوجوانن کي هنرمند بڻائڻ ۽ ڪين روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان چيو آهي ته پارٽي ڪارڪن اسان جو قيمتي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ جبري گمشدگين جي متاثرن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

سڄي ملڪ ۾ مختلف ادارن ۽ تنظيمن جي انتظام هيٺ پروگرامز منعقد ڪيا ويا

انساني حقن جي تنظيمن پاران متاثرن لاءِ انصاف ۽ گهرڀاتين سان همدردي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ جبري گمشدگين جي متاثرن جو عالمي ڏهاڙو اڄ ڏينهن 30 آگسٽ تي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سوات ايڪسپريس وي تي فلائنگ ڪوچ ۽ ڊمپر وچ ۾ ٽڪر، 4 ڄڻا فوت، 7 زخمي

ٽنل نمبر ٽري ويجهو ٿيل حادثي جي نتيجي ۾ 4 ماڻهو ڏٺي تي فوت ٿي ويا

زخمين کي شروعاتي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو

پشاور (اي پي پي) سوات ايڪسپريس وي تي فلائنگ ڪوچ ۽ ڊمپر ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 4 ماڻهو فوت جڏهن ته 7 زخمي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پشاور: سوات ايڪسپريس وي تي حادثي بعد اهلڪار بيٺل آهن

ڪراچي پوليس چيف اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ آفيس ۽ عزيز ڀٽي ٿاڻي جو دورو ڪيو

پروجيڪٽ جي چيئرپرسن عقيلا اسماعيل ۽ لاڳاپيل عملي اي آءِ جي جو استقبال ڪيو

عزيز ڀٽي ٿاڻي جي دوري دوران مختلف شعبن، رڪارڊ ۽ انتظامي معاملن جو جائزو ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ (OPP) جي آفيس جو دورو ڪيس جتي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

فرانس جو قونصل خانو مستقل طور بند، "الوداع ڪراچي" جو پيغام جاري

اختيارين قونصل خاني جي عمارت تان فرانس ۽ يورپي يونين جا جهنڊا پڻ لاهي ڇڏيا

بجيٽ سبب آفيس بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، خدمتن ۾ تبديلين جا امڪان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ فرانس جو قونصل خانو مستقل طور بند ڪيو ويو آهي ان حوالي سان فرانسيسي قونصل بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مبينا پوليس مقابلي ۾ ملڪ گينگ جو ڪار لفٽر مارجي ويو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ زخمي جوابدار اسپتال منتقل ڪرڻ دوران فوت ٿي ويو

جوابدار جي قبضي مان ڦريل الٽو ۽ پستول هٿ، ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل (اي وي ايل سي) سي آءِ اي گڏاپ ڊويزن پاران مبينا پوليس بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڦليلي ڪئنال مٿان لڳل پاڻي جي پائيپ تان هڪ نينگر گذري رهيو آهي

اسلام آباد: هڪ ناري پنهنجي اسڪوٽي تي وڃي رهي آهي

ڄمون ڪشمير ۾ قابض اختيارين هڪ ٻئي ڪشميري جي ملڪيت ضبط ڪري ورتي

سرينگر (اي پي پي) غير قانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ ڄمون ڪشمير ۾ قابض اختيارين ضلعي شوپيان ۾ هڪ ٻئي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڀارتي رياست مني پور ۾ مختلف پرتشدد واقعا، 2 ڄڻا مارجي ويا، 6 زخمي

امپال (اي پي پي) ڀارت جي وڳوڙي رياست مني پور ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران مختلف پرتشدد واقعن ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ ۾ موهن ڀاڳوت جي دوري تي خالصتان حامي سکن جو مظاهرو

اسلام آباد (اي پي پي) آمريڪي شهر نيويارڪ ۾ ڀارتي تنظيم آر ايس ايس جي سربراهه موهن ڀاڳوت جي دوري جي موقعي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر پاران دادو لڳ 8 ڄڻن جي قتل واري واقعي جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه دادو جي ڳوٺ دانو چانڊيو ۾ دشمني جي بنياد تي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس مقابلو، هڪ ڌاڙيل مارجي ويو، سندس ساٿي گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيو ڪراچي ٿاڻي جي حد نيو ڪراچي ڪنٽري ڪاور گوڏا بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا طور زهر پيئڻ سبب نوجوان عورت فوت، واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي گلشن اقبال بلاڪ 1 سوچي موڙ ويجهو گهر اندر مبينا طور زهر پيئڻ سبب 28 بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

نيپال ۾ تباهي آڻيندڙ ٻوڏ سبب 750 ماڻهو فوت، 2498 ماڻهو گم، وڌيڪ ٻوڏ جو الرٽ جاري

متاثر علائقن ۾ ريسڪيو ڪارروائيون جاري 3700 کان وڌيڪ ماڻهن کي محفوظ هنڌن منتقل ڪيو ويو

خراب موسم ۽ ڏکيا رستا هجڻ سبب متاثر علائقن تائين پهچ هڪ وڏو چئلينج آهي: ريسڪيو عملدار

هيلي ڪاپٽرن ذريعي امداد پهچائڻ جو عمل تيز، اڪثر هنڌن تي ريسڪيو لاءِ ڊرونز جي استعمال تي به غور

ڪٺمنڊو (اي پي پي) نيپال ۾ تباهي پکيڙيندڙ ٻوڏ سبب فوتگين جو انگ وڌي 750 ٿي ويو آهي جڏهن ته گم ٿيل ماڻهن جو انگ 2498 تائين پهچي ويو آهي ۽ وڌيڪ ٻوڏ جو الرٽ جاري ڪيو ويو آهي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊيفنس جهيڙي ڪيس ۾ ٻن جوابدارن جي ضمانت منظور

مقامي عدالت نورالعين ۽ علي حسن کي 20،20 هزار رپين جي مچلڪن تي آزاد ڪيو

درخواستگذارن کي غلط طور ڪيس ۾ ملوث ڪيو ويو آهي: وڪيل جو موقف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڊيفنس جي رهائشي عمارت ۾ ٻن خاندانن وچ ۾ ٿيل جهيڙي ۽ سي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير دادو لڳ 8 ڄڻن جي قتل جو نوٽيس ورتو، جوابدار گرفتار ڪرڻ جو حڪم

قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک جو اظهار، وارثن سان دلي همدردي ظاهر

آءِ جي سنڌ کان رپورٽ طلب ڪندي جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه دادو جي ڳوٺ دانو چانڊيو ۾ دشمني جي بنياد تي 7 ڄڻن جي قتل واري بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: شهر ۾ گهٽين کي پڪو ڪرڻ جو ڪم ٿي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا

شير شاهه شاهين هوٽل وٽ موٽرسائيڪل تان ڪرڻ سبب 55 ورهين جي ثمينا بي بي فوت

نيو آباد ۾ گهر مان ڪيترن ڏينهن پراڻو لاش هٿ، ٻين واقعن ۾ 2 ڄڻا حياتي وڃائي ويٺا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. شير شاهه جي علائقي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ملير پوليس جي مبينا حراست ۾ نوجوان فوت، وارثن پاران ڪرنٽ ڏئي مارڻ جو الزام

لاسي ڳوٺ ۾ ڇاپي دوران گرفتار ڪيل نوجوان ارشاد ٿاڻي اندر فوت ٿي ويو

مقتول جي وارثن جو جناح اسپتال ۽ پريس ڪلب ٻاهران احتجاج، انصاف جي گهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ملير سٽي پوليس جي مبينا حراست ۾ نوجوان فوت ٿي ويو ۽ ساڻن الزام لڳايو ته پوليس بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

کهڙا ۾ پوڙهيت جو احتجاج، نافرمان پٽ ملڪيت تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو: علي محمد اڄڻ

کهڙا (ن ع) کهڙا جي ڳوٺ لڙهي جي رهواسي پوڙهيت علي محمد اڄڻ احتجاج ڪندي چيو آهي ته منهنجو پٽ احسان بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ٻن خاندانن جي جهيڙي جو ايڊيشنل آءِ جي نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڊيفنس ۾ ٻن خاندانن وچ ۾ ٿيل جهيڙي واري معاملي جو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان نوٽيس وٺندي واقعي جي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ترجمان موجب بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي ورهاڱي خلاف ريلي دوران ڪراچي بار جي صدر عامر نواز وڙائچ جو موبائل فون چوري ٿي ويو

ڪراچي: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف ريگل چوڪ کان ڪراچي پريس ڪلب تائين ڪڍيل احتجاجي ريلي بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

روانو ٿي ويو آهي جتي هو سرڪاري مصروفيتون انجام ڏيندو آچر تي پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان مطابق نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار برطانيه جو سرڪاري دورو مڪمل ڪيو دوري دوران هن برطانوي پرڏيهي وزير ايڊملي بينڊ، برطانيه جي فارن ڪامن ويلٿ اينڊ ڊولپمينٽ آفيس ۾ وچ اوڀر ۽ اتر آفريقا، افغانستان ۽ پاڪستان بابت مملڪتي وزير اسٽيفن ڊوٽي قومي سلامتي جي صلاحڪار جوناٿن پاول عالمي ميري ٽائيم آرگنائيزيشن جي سيڪريٽري جنرل ارسينيوڊو منگيز ۽ دولت مشترڪ جي سيڪريٽري جنرل شرلي ايڪور بوچي سان ملاقاتون ڪيون نائب وزيراعظم برطانوي پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن ۾ پاڪستان چاڙن برطانوي پارليامينٽ ميمبرن سان به ملاقات ڪئي ۽ برطانيه ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري سان به ڳالهيون ڪيون

بقايا 2 روزاني عبرت

جي نمائندگي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار وفاقي وزير دفاع خواجا آصف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪندا جڏهن ته سعودي عرب طرفان پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان دفاع وارو وزير خالد بن سلمان ۽ چيف آف اسٽاف جنرل فياض بن حامد الرويلي شرڪت ڪندا پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب نائب وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار سرڪاري دوري تي استنبول پهچي ويا آهن استنبول پهچڻ تي اسحاق ڊار جو استقبال انتظامي معاملن واري ڊپٽي چيف آف اسٽاف شينول وارول ڪيو ان موقعي تي پاڪستان جو سفير يوسف جنيد ۽ ترڪ پرڏيهي وزارت جا اختياري پڻ موجود هئا اجلاس ۾ عالمي سلامتي جي صورتحال دفاعي صلاحيتن ۾ واڌ ۽ ٽنهي ملڪن جي هٿيارٻند فوجن وچ ۾ گڏيل سهڪار ۽ گڏيل ڪارروائين جي صلاحيت بهتر بڻائڻ تي غور ڪيو ويندو شرڪت ڪندڙ دفاعي صنعت ۾ تعاون وڌائڻ گڏيل دفاعي پيداوار تحقيق ۽ ترقي سان گڏ دهشتگردي خلاف گڏيل ڪوشش کي مضبوط بڻائڻ بابت معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا اجلاس ۾ ڪميٽي لاءِ هڪ سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ ۽ بين لاڳاپيل ادارتي طريقيڪار جي قيام بابت فريم ورڪ پڻ طئي ڪرڻ جي اميد آهي ان کان علاوه ايندڙ عرصي دوران ڪنيل قدمن لاءِ روڊ ميپ پڻ تيار ڪيو ويندو ترڪي، پاڪستان ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي ۽ دفاعي وزيرن سان گڏ ٽنهي ملڪن جي چيفس آف جنرل اسٽاف تي ٻڌل ڪميٽي جو مقصد مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت ٿيندڙ سرگرمين لاءِ اسٽريٽجڪ رخ جو تعين ڪرڻ آهي اجلاس ذريعي ان عزم جو پڻ ورجاءُ متوقع آهي ته مڪي گڏيل دفاعي معاهدو خطي ۾ سلامتي امن ۽ استحڪام جا خواهشمند ملڪن لاءِ تعاون جا نوان موقعا فراهم ڪري ٿو ۽ ٽڪراءَ بدران امن ۽ خوشحالي کي ترجيح ڏيندڙ گڏيل سلامتي نظام جي قيام ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو ترڪ صدر رجب طيب اردوان سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ۽ پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف 7 آگسٽ تي مڪي مڪرمه ۾ گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪيون هيون ترڪي پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ طئي ٿيل هن معاهدي جو مقصد خطي ۽ عالمي سطح تي وڌندڙ غير يقيني صورتحال جي پسمنظر ۾ گڏيل ذميواري ۽ علائقائي ملڪيت جي تصور تحت امن سلامتي استحڪام ۽ خوشحالي کي هٿي ڏيڻ ۽ گڏيل دفاعي صلاحيت مضبوط بڻائڻ آهي معاهدي تحت ڪنهن هڪ ڌر تي حملو سڀني ڌرين تي حملو تصور ڪيو ويندو معاهدي جو مقصد خطي ۾ تعاون جي نئين روايت کي هٿي ڏيڻ آهي جڏهن ته ان ۾ انهن سمورن ملڪن جي شموليت جي گنجائش پڻ رکيل آهي جيڪي عالمي قانون جو احترام ڪن ٿا ۽ پرامن تعاون جي گڏيل تصور تي يقين رکن ٿا.

بقايا 3 روزاني عبرت

ورجائيندي لائيو اسٽاڪ ايگري فوڊ پراسيسنگ ۽ چانورن جي ويليو چين جي شعبن ۾ تعاون لاءِ رابطا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو جڏهن ته سعودي عرب پاڪستان مان گوشت جي درآمد وڌائڻ ۽ چانورن جي ٻطرفي واپار کي وڌيڪ وڌائڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي آچر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ذاتي دلچسپي سان سعودي جي ماحوليات،پاڻي ۽ زراعت ۽ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وزارت وچ ۾ ڪامياب ڳالهيون ٿيون ڳالهين ڪانپوءِ پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ زرعي ۽ غذائي تحفظ جي حصيداري کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان گڏيل اعلان ڪيو ويو اعلان ۾ چيو ويو ته پاڪستان حڪومت جي دعوت تي ماحوليات، پاڻي ۽ زراعت واري وزير انجنيئر عبدالرحمان الفضلي جي اڳواڻي ۾ سعودي وفد 26 کان 28 آگسٽ 2026ع تائين اسلام آباد جو دورو ڪيو وفد وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ملاقات ڪئي ۽ امڪاني تعاون جي حوالي سان تفصيلي ڳالهيون ڪيون پاڪستان طرفان وفد جي اڳواڻي قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين جڏهن ته واپار واري سيڪريٽري جواد پال، قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق وارو سيڪريٽري عامر علي احمد، وزيراعظم جو ڪوآرڊينيٽر احمد عمير ۽ پاڪستان جي چانورن، گوشت، پراسيسڊ فوڊ/فروٽ ڪنسنٽريٽ ۽ گاهه جي شعبن سان تعلق رکندڙ نجي شعبن جا نمائندا شامل هئا. دوري دوران پاڪستان — سعودي عرب ايگريڪلچر اينڊ فوڊ اسٽريٽجڪ پلان تي بريفنگ، اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل، فوجي فائونڊيشن، پاڪستان — سعودي عرب ايگري بزنس فورم سان ملاقاتون ۽ نيشنل ايگريڪلچرل ريسرچ سينٽر جو به دورو ڪيو ويو ٻنهي ڌرين 1947ع کان جاري پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ گهرن ۽ تاريخي ۽ پائيدارن لاڳاپن جي ورجايو ٻنهي ڌرين طرفان سعودي عرب جي ويزن 2030ع تحت غذائي تحفظ جي ترجيحن ۽ پاڪستان جي زرعي غذائي روانگي واري شعبي وچ ۾ موجود گڏيل هم آهنگي کي اجاگر ڪيو ويو ٻنهي ملڪن ان گڏيل عزم جو اظهار ڪيو ته پاڪستان جي زرعي ۽ غذائي شين جي سعودي عرب لاءِ روانگي واپار کي 3 ارب ڊالرن تائين پهچايو وڃي، جنهن لاءِ ايندڙ ٻن سالن دوران اهو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون ان مقصد لاءِ سعودي نجي شعبي سان گڏجي گوشت، چانورن ۽ ان جي ڪنسنٽريٽس، گاهه ۽ پاڻي جي موثر استعمال تي ٻڌل زرعي ٽيڪنالاجيز کي ترجيحي شعبو قرار ڏنو ويو. چانورن جي حوالي سان ٻنهي ڌرين نوٽ ڪيو ته پاڪستان 2025ع ۾ سعودي عرب جي چانورن جي درآمدي منڊي کي اٽڪل هڪ لک 69 هزار ٽن چانور فراهم ڪيا جن جي ماليت اٽڪل 163 ملين آمريڪي ڊالر هو سعودي وفد ايندڙ سالن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ چانورن جي ٻطرفي واپار کي وڌائڻ ۾ پنهنجي دلچسپي جو اظهار ڪيو گوشت جي شعبي ۾ ٻنهي ڌرين پاڪستان طرفان اٽڪل 30 هزار ٽن گوشت جي فراهمي جنهن جي ماليت اٽڪل 167 ملين آمريڪي ڊالر آهي جو جائزو ورتو سعودي وفد پاڪستان مان گوشت جي درآمد کي مسلسل وڌائڻ ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو ميوءَ ۽ ان جي ڪنسنٽريٽس جي حوالي سان ٻنهي ڌرين سعودي عرب ۾ پاڪستان جي روانگي ۽ واپار واري حصي کي وڌائڻ جي وسيع امڪانن کي اجاگر ڪيو ٻنهي ڌرين نجي شعبي وچ ۾ ڪاروباري رابطن ۽ ميچ ميڪنگ کي آسان بڻائڻ ۽ معيار جي سرٽيفڪيشن جي گڏيل منظوري لاءِ قدمن جي حوصلا افزائي ڪئي.سعودي عرب ڊگهي مدي واري سپلائي پارٽنرشپ جي قيام لاءِ هڪ حوصلو افزا شعبو قرار ڏنو ٻنهي ملڪن پنجاب ۾ پاڻي جي موثر استعمال تي ٻڌل آبپاشي پروگرام جي پهرين مرحلي جي ڪامياب تڪميل جي آجيان ڪئي ۽ ننڍن آبادگارن لاءِ تجويز ڪيل ٻي مرحلي ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو سعودي وفد پاڪستان کي انٽر نيشنل ڊيٽس ڪائونسل ۾ شموليت اختيار ڪرڻ جي به دعوت ڏني جنهن جو پاڪستان طرفان آجيان ڪئي وئي ٻنهي ڌرين لائيو اسٽاڪ ايگري فوڊ پراسيسنگ ۽ چانورن جي ويليو چين جي شعبن ۾ پاڪستان جي نجي شعبي طرفان پيش ڪيل سيڙپڪاري تجويزن جو به جائزو ورتو ۽ گڏيل تعاون لاءِ رابطاڪاري جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ٻنهي ملڪن پنهنجي وسيع تر اسٽريٽجڪ حصيداري کي ورجايو سعودي عرب ۾ منعقد ٿيندڙ 43 هين سعودي ايگريڪلچر نمائش جيڪا 19 کان 22 آڪٽوبر 2026ع تي رياض ۾ ٿيندي، ۾ شرڪت جي دعوت جي آجيان ڪئي وئي. ٻنهي ڌرين دوري جي نتيجن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ان گڏيل مفاهمتن کي عملي جامو پارائڻ لاءِ رابطا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 4 روزاني عبرت

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽي ۽ ٽريننگ پروگرام جي لاءِ هن وقت تائين 50 هزار کان وڌيڪ عورتون درخواستون ڏئي چڪيون آهن جيڪا ڳالهه ثبوت آهي ته عورتون سنڌ حڪومت جي هن پروگرام ۾ ڀرپور دلچسپي رکن ٿيون هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران هن وقت تائين 2 هزار کان وڌيڪ عورتن کي ڊرائيونگ ۽ ٻي لاڳاپيل تربيت فراهم ڪئي وئي آهي، جڏهن ته تربيتي عمل ڪراچي حيدرآباد، سکر ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جاري آهي. حڪومت جو مقصد وڌ کان وڌ عورتن کي محفوظ طريقي سان اسڪوٽي چلائڻ جي قابل بڻائڻ آهي ته جيئن اهي پنهنجي نقل و حرڪت کي سٺائو بڻائين ۽ معاشي ۽ سماجي سرگرمين ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪري سگهن شرجيل انعام ميمڻ ٻڌايو ته پروگرام جي پهرئين مرحلي ۾ 925 جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ 476 اسڪوٽيز مختص ڪيون ويون آهن جڏهن ته هن وقت تائين 810 کان وڌيڪ اسڪوٽيز عورتن ۾ مفت تقسيم ڪيون ويون آهن جن ۾ ڪراچي ۾ 400، سکر ۾ 200 ۽ حيدرآباد ۾ 200 اسڪوٽيز شامل آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت هن پروگرام کي صوبي جي مختلف علائقن تائين وڌائي رهي آهي ۽ ايندڙ مرحلي دوران ميرپورخاص ۾ پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيز ورهايون وينديون سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽي پروگرام جو بنيادي مقصد عورتن کي بااختيار بڻائڻ کين نقل و حرڪت جي آزادي، خود اعتمادي ۽ معاشي موقعا فراهم ڪرڻ آهي سنڌ حڪومت عورتن کي باعزت ۽ محفوظ سفري سهولتن جي فراهمي سان گڏ کين خودمختيار بڻائڻ لاءِ عملي قدم جاري رکيون ويلي آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

واري وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري چيو آهي ته بندرگاهن کي روزگار ٽيڪس محصولن لاجسٽڪس صنعتي سرگرمين ۽ واٽر فرنٽ جي نئين سر تخليق ذريعي بندرگاهي شهرن جي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي بندرگاهون ۽ شهر تاريخي طور تي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن ۽ ان رشتي کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي سامونڊي معاملن پاران جاري پڌرائي موجب هن چيو ته اقتصادي فائدا اڪثر بندرگاهي علائقن کان ٻاهر هوندا آهن پر ماحولياتي ۽ سماجي اثر اڪثر بندرگاهي شهرن تي پوندا آهن. شهري ترقي ۾ بندرگاهن جي ڪردار جي حوالي سان هن چيو ته بندرگاهون شهري اقتصادي ترقي جو محرڪ آهن هن پسگردائي جي ڪميونٽيز کي صحت جي سهولتن جي فراهمي ۾ بندرگاهن جو ڪردار بحال ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو هن چيو ته ڪراچي پورٽ ٽرسٽ پنهنجو 35 هون مفت طبي ڪيمپ بڊ آئي لينڊ ۾ منعقد ڪيو جنهن ۾ سامونڊي ڪناري وارين ڪميونٽيز ۾ طبي سار سنڀال تائين رسائي کي بهتر بڻائڻ وارن قدمن تحت 513 رهائشين کي صحت جي سار سنڀال جون خدمتون فراهم ڪيون ويون ڪيمپ ۾ رپورٽ ٿيل 70 سيڪڙو ڪيس چمڙي جي بيمارين بابت هئا جڏهن ته ڪيمپ ۾ آيل مريضن ساهه ۽ معدي جي بيمارين جي پڻ شڪايت ڪئي ڪجهه مريض هاءِ بلڊ پريشر سميت شگر ۽ ٻين موذي مرضن ۾ مبتلا هئا هن ڪي پي ٽي تي زور ڀريو ته صحت جي ضروري خدمتن کي ڪميونٽيز جي ويجهو آڻڻ لاءِ اهڙا قدم جاري رکيا وڃن ۽ خاص طور تي ٻيٽن ۽ سامونڊي ڪناري وارن رهائشين کي طبي سهولت جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي

بقايا 6 روزاني عبرت

چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪمبوڊيا جو دورو مڪمل ڪرڻ بعد وطن واپس پهچي ويو آهي آچر ڏينهن سينيٽ سيڪريٽريٽ پاران جاري پڌرائي موجب وطن واپسي تي سيد يوسف رضا گيلاني وقتي صدر جون ذميواريون سنڀالي ورتيون آهن واضح رهي ته صدر مملڪت آصف علي زرداري جي وطن واپسي تائين سيد يوسف رضا گيلاني وقتي صدر جون آئيني ذميواريون ادا ڪندو

بقايا 7 روزاني عبرت

سنڌ اسيمبلي ۾ نثار کهڙو طرفان مهملي واري رٽ پيش ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي وئي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي سڏ تي ڇنڇر ڏينهن ڪراچي ۾ وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويو مارچ ريگل چوڪ صدر کان شروع ٿيو جيڪو شاهراهه لياقت، سنڌ اسيمبلي ڪورٽ روڊ، داتا ڪارنر ۽ سرور شهيد روڊ کان ٿيندو ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پهچي ڌرڻي ۾ تبديل ٿي ويو مارچ ۾ وڪيلن شاگردن دانشورن اديبن سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن سول سوسائٽي ۽ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي سياسي ۽ انتظامي وحدت جي تحفظ ۽ درياهه سنڌ، سنڌ جي پاڻي، زمين، ساحل ۽ قدرتي وسيلن تي قبضي ۽ نثار کهڙو خلاف نعريبازي ڪئي مارچ جي اڳواڻي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي قائم مقام صدر روشن علي برڙي، سنڌ بار جي اڳواڻ حسيب جمالي، ڪراچي بار جي صدر عامر نواز وڙائچ، ڪي بي لغاري، آفتاب خانزادو، خواجه نويد ايڊووڪيٽ، امير آزاد پنهور ٻين ڪئي جڏهن ته مظهر مغل، غفار چانڊيو خميسي خان، قمر مشواڻي، اعجاز سامٽيي، اعظم راجپر، منير حيدر شاهه، سهڻي پارس، لياقت جلباڻي، عوامي نيشنل پارٽي اڳواڻن بسم الله ڪاڪڙ حنيف شاهه عاقب راجپر ايڊووڪيٽ، الاهي بخش بڪڪ، ايڊووڪيٽ، ايڊووڪيٽ محمد خان شيخ، ايڊووڪيٽ رحمان ڪورائي ايڊووڪيٽ فهيم ضياءِ ايڊووڪيٽ فياض ميتلو ۽ سماجي اڳواڻ شيما ڪرماني سميت ٻيا سگهارا ۾ شريڪ هئا. مقررن خطاب ڪندي سنڌ کي نون صوبن يا انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ جي منصوبي کي رد ڪري چيو ۽ چيو ته سنڌ جي وحدت تي ڪوبه ڏاهه نه ٿيندو هنن چيو ته سنڌ کي ڪنهن به نالي فارمولي يا طريقي سان ورهائڻ جي ڪا به ڪوشش قبول نه ڪئي ويندي سنڌ جي انتظامي وحدت رڳو نقشي تي لڪير نه آهي پر صدين تي ٻڌل تاريخي، جاگرافيائي، تهذيبي ۽ سياسي حقيقت آهي مقررن چيو ته انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ کي ورهائڻ جي سازش رد ڪريون ٿا نئين انتظامي يونٽ جو نعرو سنڌ جي وحدت تي حملو آهي هن چيو ته سنڌ هڪ تاريخي ۽ آئيني اڪائي آهي ۽ ان جي وحدت کي ڪمزور ڪرڻ نه رڳو سنڌ جي مفادن جي خلاف آهي پر ملڪ جي سالميت ۽ وفاقي نظام لاءِ به خطرناڪ ٿي سگهي ٿو هنن الزام هنيو ته نون صوبن جو منصوبو اصل ۾ سنڌ جي زمين، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي قبضي جي راهه هموار ڪرڻ جي ڪوشش آهي. مقررن چيو ته ڏڪراڻي ڪئنالن جي منصوبن کي مڪمل طور ختم ڪرڻ بدران رڳو ملتوي ڪرڻ ڪافي ناهي سنڌ جي پاڻي جي معاملي تي ڪنهن به قسم جي سودي بازي يا مبهم پاليسي قبول نه ڪئي ويندي مقررن چيو ته 1940ع جي قرارداد لاهور جي بنيادي تصور کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي پاڪستان هڪ گهڻ-قومي وفاق آهي جنهن جي مضبوطي باهمي احترام، آئيني بالادستي، صوبائي خودمختياري ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورهاڱي ۾ آهي زبردستي سان رياستون وفاق نٿا هلي سگهن هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي ورهاست يا نون صوبن بابت سازش ۾ ملوث عنصرن خلاف آئين جي آرٽيڪل 6 سميت قانون مطابق ڪارروائي ڪئي وڃي مقررن حڪومت کي خبردار ڪيو ته سنڌ جي ورهاست، نون صوبن يا نون انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي تبديل ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش کان فوري طور باز اچي وڃي. مقررن واضح ڪيو ته هي جدوجهد ڪنهن ٻولي يا برادري جي خلاف ناهي سنڌ ۾ رهندڙ سڀ شهري جيڪي سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهن ٿا، اهي هن ڌرتي جا برابر جا وارث آهن هنن چيو ته سنڌ جي وحدت جو دفاع گڏيل وطن گڏيل امن ۽ آئيني حقن جي تحفظ جي جدوجهد آهي شرڪت ڪندڙن عزم ڪيو ته سنڌ جي وحدت، سالميت، جاگرافيائي، پاڻي، زمين ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ آئيني جمهوري ۽ پرامن جدوجهد جاري رکي ويندي سنڌ کي ڪنهن به نالي سان ورهائڻ يا ان جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ جي هر ڪوشش کي عوامي طاقت ۽ سياسي اتحاد ذريعي ناڪام بڻايو ويندو مارچ ۾ مختلف اڳواڻن شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو

بقايا 8 روزاني عبرت

ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (NCCIA) ڪراچي گلستان جوهر ۾ قائم هڪ مبينا غيرقانوني ڪال سينٽر خلاف ڪامياب ڪارروائي ڪندي 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته 2 جوابدار فرار ٿي ويا. اين سي سي آءِ اي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر طارق نواز موجب، جوابدار پرڏيهي شهرين سان رابطو ڪندا هئا ۽ انهن کان ذاتي ۽ مالي معلومات دوکي سان حاصل ڪندا هئا. ابتدائي جاچ ۾ معلوم ٿيو آهي ته جوابدار ڊيبٽ ۽ ڪريڊٽ ڪارڊن جون تفصيلون پڻ حاصل ڪندا هئا جن کي مبينا طور تي فراڊ ۽ ٻين غيرقانوني سرگرمين لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. ڪارروائي دوران ڪال سينٽر جي مالڪن ۽ ايجنٽن سميت محمد لائق، محمد فاضل سميت ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو ڇاپي دوران ڪال سينٽر مان ڪيترائي ليپ ٽاپ ۽ موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا اين سي سي آءِ اي موجب جوابدارن خلاف مقدمو نمبر 74/26 داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ PECA 2025 جي دفعائن 3، 4، 13، 14، 16 ۽ 26، جڏهن ته پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعائن 109 ۽ 34 شامل ڪيون ويون آهن مقدمي ۾ احسن رضا، محمد لائق، سيف اعجاز، محمد فاضل، فريڊرڪ جان ڪرسٽو فر ڪائزن محمد دانش ۽ محمد شهزيب کي نامزد ڪيو ويو آهي اين سي سي آءِ اي موجب فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن ته مبينا فراڊ نيٽ ورڪ سان لاڳاپيل ٻين ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ جاچ جو دائرو پڻ وڌايو ويو آهي اين سي سي آءِ اي ڪراچي موجب ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

يوم فتح جون مبارڪون ڏنيون آهن آچر تي سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ بيان ۾ وزيراعظم چيو ته هو پنهنجي عزيز ڀاءُ صدر رجب طيب اردگان، ترڪيه حڪومت ۽ برادر جمهوريه ترڪيه جي عوام کي يوم فتح جي خوشين جي موقعي تي دلي مبارڪون پيش ڪري ٿو هن چيو ته 30 آگسٽ ان تاريخي فتح جي ياد ڏياري ٿو جيڪو غازي مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ جي قيادت ۾ حاصل ڪئي وئي ۽ جنهن جديد ترڪ جمهوريه جو بنياد رکيو پاڪستان پنهنجي ترڪ ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏجي جرئت ۽ قومي عزم جي ان عظيم ۽ فخر جوڳي ميراث کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو.

بقايا 10 روزاني عبرت

اڪثريتي راءِ ۽ فيصلي جي روشني ۾ قرارداد منظور ڪئي ويندي نثار احمد کهڙو چيو ته نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت آئيني واري رٽ تي بحث دوران اهو معاملو رڪارڊ تي آڻڻ چاهيون ٿا ته سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جا خواهشمند ڪير آهن اهي سنڌ جي عوام آڏو وائکا ٿي ويندا. هن چيو ته اهو سوال ۽ تنقيد ڪئي پئي وڃي ته آئيني واري رٽ تي بحث ڪرائي نون صوبن جي حامين کي ڳالهائڻ جو موقعو ڇو ڏنو پيو وڃي؟ پر جيڪڏهن قرارداد نه ايوان ۾ آندي وڃي ها ته نون صوبن جا حامي ايوان اندر پنهنجي ڳالهه ڪري سگهن ها. تنهنڪري بحث ڪانپوءِ اڪثريتي راءِ سان فيصلو ڪرڻ ئي مناسب آئيني طريقو آهي نثار کهڙي چيو ته آئيني واري رٽ تي بحث دوران ڪشمور کان ڪراچي تائين پيپلز پارٽي جا چونڊيل نمائندا آئيني فورم تي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي مطالبن ۽ تجويزن کي ڀرپور انداز ۾ رد ڪندا. جيڪي ماڻهو نون صوبن جا حامي هوندا، اهي به ايوان جي ڪارروائي دوران عوام آڏو رڪارڊ تي اچي ويندا. هن چيو ته پيپلز پارٽي اڳ به پنج ڀيرا نون صوبن خلاف قراردادون منظور ڪري چڪي آهي پر ان باوجود وقت بوقت نون صوبن جا مطالبا ۽ ڳالهيون سامهون اينديون رهن ٿيون هاڻي عوام جو مطالبو آهي ته سنڌ اسيمبلي ۾ ٻيهر قرارداد آندي وڃي ان لاءِ ايوان ۾ بحث ڪانپوءِ اڪثريتي راءِ ۽ فيصلي جي روشني ۾ قرارداد منظور ڪئي ويندي نثار احمد کهڙي سوال ڪيو ته جيڪڏهن سڀاڻي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت ريفرنڊم ڪرائڻ جو مطالبو زور وٺي ته ڇا پوءِ ان جو فيصلو به جلسن ۾ ڪيو ويندو؟ هن چيو ته اهڙن معاملن جو فيصلو آئيني ۽ قانوني فورمن تي ئي ٿيڻ گهرجي. هن واضح ڪيو ته نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن خلاف اڪثريتي راءِ سان فيصلو ڪرڻ سنڌ اسيمبلي جو آئيني حق ۽ ذميواري آهي پيپلز پارٽي جو پهرين ڏينهن کان واضح موقف رهيو آهي ته سنڌ کي نئون صوبو يا انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ قبول ناهي ۽ نئون صوبو سنڌ جي عوام جو مطالبو به ناهي نثار کهڙي چيو ته جيڪي ماڻهو نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جا مطالبا ڪري رهيا آهن اهي ايوان اندر ٻاهر پريس ڪانفرنس، جلسن سيمينارن ۽ ٻين فورمن تي پنهنجو موقف پيش ڪري رهيا آهن هن سوال ڪيو ته ڇا ڪنهن کين اهڙا مطالبا ڪرڻ يا پنهنجي ڳالهه رکڻ کان روڪيو آهي؟ هن چيو ته پيپلز پارٽي ۽ سنڌ جي عوام سنڌ ڌرتي جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ ٿيڻ نه ڏيندي سنڌ اسيمبلي ۾ بحث ڪانپوءِ اڪثريتي راءِ سان نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي مطالبي کي رد ڪري قرارداد منظور ڪئي ويندي نثار احمد کهڙي چيو ته جنهن ڏينهن کان نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت ڳالهيون شروع ٿيون آهن ان ڏينهن کان پيپلز پارٽي پريس ڪانفرنس جلسن سيمينارن سنڌ اسيمبلي ۽ ٻين سمورن فورمن تي نون صوبن جي ڳالهين کي رد ڪندي سنڌ جي وحدت جو تحفظ ڪيو آهي ۽ اڳتي به ڪندو رهندو هن چيو ته ان اختلاف ڀلي پنهنجي جاءِ تي هجن پر پاڻي ۽ سنڌ جي وحدت جي معاملي تي هر فورم تي فرنٽ لائن تي سنڌ جو ڪيس وڙهندو رهيو آهي ۽ وڙهندو رهندو تنهنڪري سنڌ جي حقن لاءِ آئيني فورمن تي آواز اٿاريندڙن خلاف غداري جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ قطعي مناسب عمل ناهي نثار کهڙي چيو ته سنڌ جي وحدت جو آئيني فورمن تي دفاع ۽ تحفظ ڪندڙن کي غداري جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪري سنڌ جي گڏيل طاقت کي ڪمزور نه ڪيو وڃي سنڌ جي حقن ۽ وحدت جي تحفظ لاءِ گڏيل موقف ۽ گڏيل جدوجهد کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

هئي ته صدر آصف علي زرداري پنهنجي پٽ بلاول ڀٽو زرداري لاءِ رشتو ڪرڻ ۽ سندس شادي جي تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ يورپي ملڪ ليختن شٽائن پهچي ويا آهن رپورٽن ۾ ذريعن جي حوالي سان دعويٰ ڪئي وئي هئي ته صدر آصف علي زرداري سان گڏ خاندان جا ٻيا ماڻهو پڻ موجود آهن. جڏهن ته مبينا طور تي ڇوڪري جو تعلق ليختن شٽائن جي گادي واري شهر وادوز سان آهي ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي شادي هلندڙ سال جي آخر ۾ ٿيڻ جو امڪان آهي ٻئي طرف ڪراچي جي ميئر ۽ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ترجمان مرتضيٰ وهاب انهن دعوائن کي رد ڪري ڇڏيو آهي مرتضيٰ وهاب سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي مڱڻي يا شادي بابت گردش ڪندڙ خبرون غلط ۽ بي بنياد آهن هن واضح ڪيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي مڱڻي يا شادي بابت ميڊيا ۾ هلندڙ دعوائن ۾ ڪا صداقت ناهي واضح رهي ته ليختن شٽائن مغربي يورپ ۾ سوئٽزرلينڊ ۽ آسٽريا جي وچ ۾ واقع هڪ ننڍو خودمختيار ملڪ آهي، جنهن جي گادي جو هنڌ وادوز آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

پڻ هٿ ڪيو ويو آهي جنهن کي قانوني گهرجن مطابق تحويل ۾ ورتو پيو وڃي ۽ فارنزڪ جاچ لاءِ موڪليو پيو وڃي واقعي واري جاءِ کي محفوظ ڪيو پيو وڃي ۽ ثبوت گڏ ڪيا پيا وڃن، جڏهن ته اکين ڏٺن شاهدن جي بيانن، سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ ٻين ٽيڪنيڪل ذريعن جي مدد سان جاچ جاري آهي پوليس موجب شروعاتي معلومات جي بنياد تي واقعي ۾ سڀني پهلوئن جو جائزو ورتو پيو وڃي، جنهن ۾ گينگ وار سان لاڳاپيل عنصرن جي ممڪن شموليت شامل آهي بهرحال جاچ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ڪنهن به گروهه يا فرد جي ملوث هجڻ بابت حتمي راءِ قائم نه ٿي سگهي آهي واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، جڏهن ته وڌيڪ قانوني ۽ جاچ جي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي.

بقايا 13 روزاني عبرت

موسم گرم رهڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي پاران جاري پڌرائي موجب صوبي جي سامونڊي ڪنارن وارن علائقن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران جزوي جهڙالي رهندي جڏهن ته صوبي جي ٻين علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهڻ جو امڪان آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

2026ع ۾ سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ۽ ڪرغزستان ۽ مصر جي دورن جي موقعي تي چائنا ميڊيا گروپ جي چونڊيل فلمن ۽ ٽيلي ويزن پروگرامن جي نشريات جي شروعات ڪرغزستان ۽ مصر ۾ ٿي وئي صدر شي جن پنگ جي خطبن ۽ شي جن پنگ جي ثقافتي وابستگي سميت اعليٰ معيار جي چائنا ميڊيا گروپ جا پروگرام ٻنهي ملڪن جي قومي ٽيلي ويزن ۽ ٻين اهم سنڌ سماءِ جي ادارن ۾ نشر ڪرڻ ڪانپوءِ ٻين هنڌن ۾ نشر ڪيا ويندا.

بقايا 15 روزاني عبرت

ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ان موقعي تي وانگ اي چيو ته نيپال جي سرحدي علائقن ۾ اوچتو گليشيئر ڦاٽڻ سبب شديد مڊسلائيڊ جي آفت جي نتيجي ۾ ٻنهي ملڪن ۾ وڏي پيماني تي جاني نقصان ٿيو ۽ ڪيترائي جڻا گم ٿي ويا اها ويجهڙ ۾ ٻنهي ملڪن کي درپيش سرحد پار سڀ کان سنگين آفت آهي ۽ امدادي ڪمن ۾ پيچيدگي ۽ مشڪلات جي صورتحال ايتري حد تائين آهي جنهن جو مثال ماضي ۾ نٿو ملي. وانگ اي چيو ته چين ان صورتحال کي انتهائي اهميت ڏني ٿو سي پي سي جي مرڪزي ڪميٽي جي سياسي بيورو جي اجلاس ۾ خاص طور تي هدايت ڏني وئي آهي ته نيپال جي متاثر علائقن کي فوري امداد فراهم ڪئي وڃي ۽ عالمي امدادي تعاون ڪيو وڃي اهو چين طرفان هڪ اهم سياسي فيصلو آهي جيڪو نيپال جي ماڻهن سان دوستي جي جذبي کي ظاهر ڪري ٿو.

بقايا 16 روزاني عبرت

خلاف سنڌ سيو لائرز ڪميٽي پاران سڀاڻي سومر 31 آگسٽ 2026ع تي احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي، جڏهن ته وڪيل سنڌ اسيمبلي جي سامهون احتجاجي ڌرڻو پڻ ڏيندا. سنڌ سيو لائرز ڪميٽي پاران جاري ڪيل پروگرام موجب احتجاجي ريلي سنڌ هاءِ ڪورٽ ميڊيا چوڪ کان منجهند 2 وڳي شروع ٿيندي، جيڪا سنڌ اسيمبلي تائين پهچندي، جتي وڪيلن پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو سنڌ سيو لائرز ڪميٽي جو چوڻ آهي ته سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو سنڌ جي ورهاڱي يا ان کي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ بابت ڪنهن به تجويز جي ڀرپور مخالفت ڪئي ويندي ڪميٽي پاران سمورن پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي نمائندن کي احتجاجي ريلي ۽ ڌرڻي جي ڪوريج لاءِ شرڪت جي درخواست ڪئي وئي آهي.

بقايا 17 روزاني عبرت

هاڻي رڳو جماعت اسلامي جو نه پر سڄي قوم جو آواز بڻجي چڪا آهن 3 سيپٽمبر تي ليوي ٽيڪس خلاف سنڌ ۾ ڀرپور شٽر بند هڙتال ڪئي ويندي، جنهن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ جماعت اسلامي جا ضلعي اڳواڻ ڏينهن رات هڪ ڪري عوام کي متحرڪ ڪن اهڙن خيالن جو اظهار هن صوبائي دفتر قباءِ آڊيٽوريم ۾ عهديدارن جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو جنهن ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جا ضلعي اڳواڻ شريڪ هئا. هن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي پر حڪمرانن جي ڪنن تي جون به نٿي چري پيٽرول، ڊيزل، بجلي، گئس ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جي قيمتن ۾ مسلسل اضافي سبب عام ماڻهو لاءِ گهر جو چلهو ٻارڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بدران نون ٽيڪسن ۽ ليوين جو بار وجهي رهي آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هن چيو ته سنڌ حڪومت جي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب ڪراچي جا شهري ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور آهن سنڌ جي وڏي شهر ۾ عوام بنيادي خوراڪ جي شين لاءِ به پريشان آهي جڏهن ته حڪومتي ادارا عوامي مسئلا حل ڪرڻ بدران خاموش تماشائي بڻيل آهن هن مطالبو ڪيو ته عوام کي مهانگائي سان نجات ڏيارڻ لاءِ فوري ۽ عملي قدم کنيا وڃن ۽ ناجائز ٽيڪسن ۽ ليوين جو خاتمو ڪيو وڃي دادو ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي ۽ ان جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي افسوس جو اظهار ڪندي ڪاشف سعيد شيخ چيو ته سنڌ ۾ رت جي راند ۽ سرعام خطرناڪ هٿيارن جو استعمال حڪومتي رٽ لاءِ وڏو سوال بڻجي چڪو آهي حڪومت قبيلائي جهيڙن بدامني ۽ ڌاڙيل راڄ جي خاتمي سان گڏ امن جي بحالي ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي هن چيو ته سنڌ جي عوام کي امن تحفظ ۽ قانون جي حڪمراني جو حق حاصل آهي پر بدقسمتي سان ماڻهو پنهنجي جان ۽ مال جي تحفظ بابت سخت پريشان آهن حڪومت کي گهرجي ته بنا ڪنهن فرق جي ڏوهارين، ڌاڙيلن ۽ قبيلائي جهيڙن ۾ ملوث هٿيارٻند ڌرين خلاف سخت ڪارروائي ڪري ۽ سنڌ ۾ امن بحال ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي سنڌ جي امير دادو جي واقعي ۾ فوت ٿيلن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي مرحومين جي مغفرت، بلند درجات ۽ سوڳوار خاندانن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 18 روزاني عبرت

چور رات جو دير سان ديوارون ٽپي اندر داخل ٿي هڪ لک روپين کان وڌيڪ رقم ۽ لکين روپين جي ماليت جا سونا زيورات چوري ڪري فرار ٿي ويا واقعي بابت پوليس رپورٽ درج ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي. هوڏانهن شهرين ڏوهن ۾ اضافو ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. جڏهن ته متاثر بلديا ملازم احتجاج ڪندي چوري واپس ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

بازياب ڪرائي ورتو پوليس موجب ڳجهي اطلاع ۽ جديد جاچ جي ذريعن جي مدد سان گلبهار نمبر 2 ۾ واقع هڪ گهر تي ڇاپو هنيو ويو جتي قيد ڪيل چئني مغوين کي باحفاظت بازياب ڪرايو ويو بازياب ڪرايل مغوين ۾ 3 نائيجيرين شهري ۽ ضلعي خيبر جو هڪ رهواسي شامل آهن نائيجيرين شهرين جي سڃاڻپ اسٽن ولد نوان ڪواب، مائيڪل ولد اسٽن ۽ جنتن ولد اسٽن جڏهن ته خيبر جي رهواسي مغوي جي سڃاڻپ نصرت خان ولد ارباب طور ٿي آهي. پوليس ڪارروائي دوران وارادات ۾ ملوث ٽن اغواڪارن کي پڻ گرفتار ڪيو جن جي سڃاڻپ آصف محمود ولد عباس، رهواسي شاهين بازار عمر فاروق ۽ عثمان غني پٽ عتيق احمد، رهواسي گلبهار طور ڪئي وئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن مغوين کي لاهور مان پشاور منتقل ڪيو ۽ گلبهار ٿاڻي جي حدن ۾ گلبهار نمبر 2 واري گهر جي گرائونڊ فلور تي غيرقانوني طور قيد رکيو هو گرفتار جوابدار مغوين جي وارثن کان 25 هزار آمريڪي ڊالر تاوان طلب ڪري رهيا هئا. پوليس جي ابتدائي جاچ موجب گرفتار جوابدار بين الاقوامي سطح تي آئس سميت ٻين منشيات جي ڪاروبار ۾ پڻ مبينا طور ملوث آهن جنهن حوالي سان وڌيڪ جاچ جاري آهي پوليس جوابدارن جي قبضي مان هڪ ڪلاشنڪوف، ۽ پسٽل گوليون، منشيات ۽ ٻيو سامان پڻ هٿ ڪري ورتو آهي. گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. جڏهن ته گروهه جي ٻين ممڪن ساٿين ۽ سندن ٻين ڏوهن بابت پڻ جاچ جاري آهي.

بقايا 20 روزاني عبرت

مقابلي ۾ ملڪ گينگ سان تعلق رکندڙ جوابدار مارجي ويو.پوليس موجب ٻنهي طرفن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ملزم سليم ولد غلام ياسين سخت زخمي ٿي پيو ۽ اسپتال منتقل ڪرڻ دوران فوت ٿي ويو اي وي ايل سي اختيارين موجب جوابدار سليم جو تعلق ملڪ گينگ سان هو جيڪو مبينا طور تي گاڏيون ڇنڻ ۽ ڦر دوران مزاحمت ڪندڙن کي قتل ڪرڻ ۾ ملوث هو مقابلي کان پوءِ پوليس جوابدار جي قبضي مان هڪ اڇي سوزوڪي آلٽو ۽ 30 بور پسٽول هٿ ڪيو اختيارين موجب هٿ ڪيل آلٽو سچل جي علائقي مان ڦر ڪيو ويو هو.پوليس موجب جوابدار سليم ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو جڏهن ته سندس خلاف ٽي قتل ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ سميت 7 ڪيس داخل ٿيل آهن اي وي ايل سي اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدار جي ساٿين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 21 روزاني عبرت

خاني طرفان باقاعده اعلان ڪندي ڪراچي لاءِ "الوداع ڪراچي" جو پيغام جاري ڪيو ويو آهي فرانسيسي قونصل خاني پنهنجي پيغام ۾ دوستن ۽ شراڪتدارن جو شڪريو ادا ڪيو آهي قونصل خاني جي عمارت تان فرانس ۽ يورپي يونين جا جهنڊا پڻ لاهي ڇڏيا ويا آهن واضح رهي ته هلندڙ سال جولاءِ ۾ ڪراچي ۾ مقرر فرانس جي قونصل جنرل اليگزڙ فرانس جي قومي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي ٻڌايو هو ته فرانسيسي حڪومت بجيٽ جي سببن جي بنياد تي ڪراچي ۾ قونصل جنرل جو دفتر بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي فرانسيسي قونصل خاني جي بندش ڪانپوءِ ڪراچي ۾ فرانس جي قونصلر خدمتن جي حوالي سان پڻ تبديليون متوقع آهن

بقايا 22 روزاني عبرت

اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ جي چيئرپرسن عقيلا اسماعيل ۽ لاڳاپيل عملي پوليس چيف جو استقبال ڪيو ان موقعي تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي سان گڏ ٻيا سينيئر پوليس آفيسر پڻ موجود هئا. چيئرپرسن ۽ او پي پي جي عملي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي صفائي سترائي، شهري ٻهراڙي جي ترقي آفتن جي انتظام ۽ ڪميونٽي بيسڊ ڊولپمينٽ جي حوالي سان اداري جي خدمتن ۽ جاري منصوبن بابت بريفنگ ڏني ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان عوامي ڀلائي لاءِ اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ جي خدمتن کي ساراهيندي ڪراچي پوليس طرفان هر ممڪن سهڪار ۽ مڪمل معاونت جي خاطري ڪرائي بعد ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان عزيز ڀٽي ٿاڻي جو اوچتو دورو ڪيو جتي هن ٿاڻي جي مختلف شعبن رڪارڊ ۽ مجموعي انتظامي معاملن جو جائزو ورتو ايڊيشنل آءِ جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي پنهنجا فرض ذميواري سان انجام ڏيڻ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ٿاڻي جي انتظامي معاملن ۾ وڌيڪ بهتري آڻڻ بابت ضروري هدايتون جاري ڪيون

بقايا 23 روزاني عبرت

ٿي پيا. ريسڪيو 1122 جي ترجمان مطابق سوات موٽر وي ٽنل نمبر 3 ويجهو فلائنگ ڪوچ ۽ ڊمپر وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 4 ماڻهو ٿڏي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته 7 زخمي ٿي پيا حادثي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 جون ميڊيڪل ٽيمون ايمبولينسن سان گڏ واقعي واري هنڌ پهچي ويون. ريسڪيو 1122 ۽ موٽر وي پوليس گڏيل امدادي ڪارروائي ڪندي زخمين کي شروعاتي طبي امداد فراهم ڪندي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته فوت ٿي ويلن جا مڙهه ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن هوڏانهن خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڍي سوات ايڪسپريس وي تي ٽريفڪ حادثي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي گورنر زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي ۽ لاڳاپيل ادارن کي زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي گورنر چيو ته ڏک جي ان گهڙي ۾ فوت ٿي ويل ماڻهن جي خاندانن سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان. گورنر فوت ٿي ويلن جي درجن جي بلندي ۽ پوئتين لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 24 روزاني عبرت

ملهايو ويو ان ڏينهن کي ملهائڻ جو بنيادي مقصد جبري گمشدگين جي باري ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ گم ٿيل ماڻهن سان يڪجهتي جو اظهار آهي هلندڙ سال عالمي ڏهاڙي جو موضوع متاثر پهرين ترجيح ۽ فوري ڪارروائي چونڊيو ويو آهي عالمي ڏهاڙي کي ملهائڻ جي شروعات گڏجهي طور تي گم ٿيل ماڻهن جي الميي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي انساني حقن جون عالمي ۽ مقامي تنظيمون متاثرن لاءِ انصاف، گهرڀاتين سان همدردي، اظهار يڪجهتي ۽ ذميوارن کي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ جو مطالبو ڪن ٿا عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان سڄي ملڪ ۾ مختلف ادارن ۽ تنظيمن جي انتظام هيٺ پروگرامز منعقد ڪيا ويا.

بقايا 25 روزاني عبرت

اداڪو آهن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويزن تحت سڄي ملڪ جي نوجوانن کي تعليم، فني تربيت، ڪاروبار اسٽارٽ اپس ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن تڪ جي مسئلن کان غافل ناهيان عوامي مسئلن جو حل ترقياتي منصوبن جي تڪميل لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهيون اسان عوام جي امنگن جي ترجماني ڪيون ٿا، موسمياتي مسئلو پوري خطي لاءِ خطرو آهي آچر ڏينهن تڪ 172 ۾ مسلم ليگ (ن) جي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي هن چيو ته يونين ڪائونسل جي سطح تي پارٽي جي تنظيم يوٿ ونگ، ليبر ونگ، لائرز ونگ، واپاري ونگ ۽ عورت ونگ کي بااختيار بڻايو ويو آهي. جڏهن ته مختلف ڪاتن لاءِ مقرر ڪيل ڪوآرڊينيٽرز ذريعي عوامي مسئلن جي نشاندهي ۽ انهن جي حل لاءِ مسلسل رابطا جاري آهن هن چيو ته موسمياتي مسئلا پوري خطي لاءِ خطرو بڻيل آهن هاٽوڪي شديد گرمي گليشيئرز پگهرڻ ڪڪر ڦاٽڻ ۽ غير معمولي برساتن سبب سڄي دنيا ۾ نوان چئلينجز پيدا ٿي رهيا آهن چين نيپال جي سرحدن تي آيل شديد ٻوڏ به موسمياتي تبديلي جي اثرن جو هڪ مثال آهن راڻا مشهود احمد چيو ته موجوده دور ۾ نوجوانن لاءِ باعزت روزگار حاصل ڪرڻ وڏو چئلينج آهي ان لاءِ نوجوانن کي هنرمند بڻائڻ ۽ کين روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي

بقايا 26 روزاني عبرت

محمد چانڊيو ڌرين وچ ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو فجر جي وقت ٻنهي ڌرين جديد هٿيارن سان هڪ ٻئي مٿان ڇتي فائرنگ شروع ڪري ڏني، جيڪا لڳ ڀڳ 4 ڪلاڪ جاري رهي فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 8 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته هڪ عورت سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا. فائرنگ دوران اڪبر چانڊيو ڌر جا 6 ڄڻا ۽ خان محمد چانڊيو ڌر جا 2 ڄڻا مارجي ويا آهن اطلاع ملڻ تي جهلو پوليس ۽ ايس ايڇ او جهلو جي موجودگي باوجود صورتحال تي ضابطو نه اچي سگهيو جنهن بعد ڊي ايس پي دادو علي اڪبر چنه دادو اي سيڪشن، بي سيڪشن ۽ سي آءِ اي پوليس جي وڏي نفري سان ڪري دادو شهر کان 6 ڪلوميٽر پنڌ تي ڳوٺ دانو چانڊيو ۽ ڳوٺ شيخ گلاب چانڊيو پهچي علائقي کي پوليس ڪوڙو چاڙهي ڇڏيو آهي. پوليس ٻنهي ڌرين جي قبضي مان لاش تحويل ۾ وٺي دادو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۽ سول اسپتال جي ايمرجنسي شعبن ۾ منتقل ڪيا، جتي فوتين جي سڃاڻپ ڪئي وئي. خان محمد چانڊيو ڌر جي ٻن فوتين جي سڃاڻپ سڳن ڀائرن گلبهار ولد حاجي عثمان چانڊيو ۽ ديدار چانڊيو طور ٿي. جڏهن ته اڪبر چانڊيو ڌر جي فوتين ۾ بجل چانڊيو ذوالفقار چانڊيو عرف وطني چانڊيو سلطان ۽ منظور ولد اڪبر چانڊيو ارشاد عرف حاجن چانڊيو ۽ فدا حسين چانڊيو شامل آهن. فائرنگ ۾ غلام قادر چانڊيو ممتاز چانڊيو ۽ واٽهڙو عورت گوپا زال ڪليم لاشاري زخمي ٿي پيا آهن. قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم بعد فوتين جا لاش ڊي ايس پي دادو ۽ جهلو پوليس جي نگراني ۾ وارثن حوالي ڪري ڳوٺ دانو چانڊيو ۽ شيخ گلاب چانڊيو منتقل ڪيا ويا پوليس ڀيري هيٺ، ٻنهي ڌرين جا هٿيارٻند مورچا بند ٿي ويٺل آهن. دادو جي ڪچي ۾ 8 ڄڻن جي قتل واري واقعي جو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سخت نوٽس وٺندي آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان 24 ڪلاڪن اندر تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. پوليس پاران علائقي ۾ گشت وڌايو ويو آهي ۽ وقفي وقفي سان فائرنگ جو سلسلو جاري رهڻ سبب علائقي ۾ سخت خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙيل آهي. ڊي ايس پي دادو علي اڪبر چنه صحافين کي ٻڌايو ته واقعي جو اطلاع ملڻ شرط پوليس نفري سان گڏ واقعي واري هنڌ پهچي علائقي کي پوليس ڪوڙو چاڙهيو ۽ ٻنهي ڌرين وٽان لاش تحويل ۾ ورتا، پوليس جي پهچڻ بعد هٿيارٻند جوابدار فرار ٿي ويا، هن چيو ته ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي واقعي جو سخت نوٽس ورتو آهي ۽ علائقي ۾ وڏي آپريشن لاءِ سڄي ضلعي مان پوليس نفري طلب ڪئي وئي آهي ٻنهي ڌرين خلاف سخت آپريشن ڪري علائقي کي هٿيارن کان پاڪ ڪيو ويندو جيئن وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهجن. پوليس فوتين جو اڳوڻو پوليس رڪارڊ پڻ چيڪ ڪري رهي آهي. ڊي ايس پي موجب ٻنهي ڌرين وچ ۾ پراڻو تڪرار هلندڙ آهي جنهن دوران ماضي ۾ پڻ 5 جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن. ايس ايس پي دادو ڪئپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي پڻ ڳوٺ دانو چانڊيو ۽ شيخ گلاب چانڊيو پهچي واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو ۽ ڊي ايس پي دادو کان صورتحال بابت تفصيل معلوم ڪيا، ايس ايس پي چيو ته واقعو پراڻي دشمني جو نتيجو آهي ٻنهي ڳوٺن ۾ پوليس پڪٽون قائم ڪري گشت وڌايو ويو آهي، امن امان خراب ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي ۽ امن خراب ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪري کين گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 27 روزاني عبرت

ضبط ذريعي اقتصادي استحڪام جو نئون مثال قائم ڪري رهيو آهي پاڪستان پاران وقت کان اڳ قرضن جي ادائگين جو مجموعي ڳاڻيٽو 6000 ارب روپين ويجهو پهچي ويو آهي ناڻي واري وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد مطابق پاڪستان هن وقت اٽڪل 5920 ارب روپين جو قرض مقرر وقت کان اڳ ادا ڪري چڪو آهي پاڪستان وقت کان اڳ قرضن ادائگي ۾ آگسٽ 2025ع ۾ ڪيل 1133 ارب روپين جي رڪارڊ کي به پوئتي ڇڏي ڏنو آهي ناڻي واري صلاحڪار چيو آهي ته مالي سال 2025-26ع ۾ مجموعي طور تي 2900 ارب روپين جو قرض مقرره وقت کان اڳ ادا ڪيو آهي هن چيو ته مالي سال 27-2026ع ۾ هن وقت تائين وڌيڪ 1200 ارب روپين جو قرض مقرر وقت کان اڳ ادا ڪيو ويو آهي خرم شهزاد چيو ته وقت کان اڳ ادائگين سان قرض جي مجموعي رقم ۽ ايندڙ سالن ۾ وڏين ادائگين جي دٻاءُ ۾ به گهٽتائي ايندي هن چيو ته پاڪستان جي قرض مينجمينٽ هاڻي روايتي ادائگين کان اڳيان وڌي سرڪاري مالي پوزيشن مضبوط بڻائڻ جي رخ تي گامزن آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

جي بجلي جي پيداواري خرچ ۾ 4 روپيا 19 پئسا في يونٽ گهٽتائي اميد آهي جنهن سان پيداواري خرچ 13 روپيا 87 پئسا في يونٽ مان گهٽ ٿي 9 روپيا 68 پئسا في يونٽ رهجي ويندو منصوبي ذريعي 297 ميگاواٽ اضافي بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت به بحال ٿيندي آچر تي توانائي واري وزارت (پاور ڊويزن) طرفان جاري بيان مطابق جولاءِ 2022ع ۾ لڳل باهه کان پوءِ اسٽيم ٽربائين نمبر 16 ۽ سان ڳنڍيل جنريٽر هن وقت تائين بند آهن جنهن سبب پلانٽ هن وقت اوپن سائيڪل موڊ ۾ اٽڪل 450 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري رهيو آهي. ان صورتحال ۾ پلانٽ ميرٽ آرڊر ۾ نسبتاً مهانگي بجلي پيدا ڪندڙ پلانٽس ۾ 11 نمبر تي آهي اسٽيم ٽربائين جي بحالي ۽ پلانٽ کي مڪمل ڪمبائينڊ سائيڪل آپريشن ۾ آڻڻ بعد ان جي پيداواري صلاحيت پنهنجي ڊزائن صلاحيت يعني 747 ميگاواٽ تائين پهچي ويندي ان سان گڏ پلانٽ جي بجلي جي پيداواري خرچ ۾ نمايان گهٽتائي ايندي ۽ ميرٽ آرڊر ۾ ان جي پوزيشن اٽڪل 7 نمبر تائين بهتر ٿيڻ جي اميد آهي اهڙي طرح قومي نظام کي گهٽ خرچ بجلي جو هڪ وڌ اضافي ذريعو دستياب ٿيندو جيڪو مهانگي ذريعن مان بجلي جي پيداوار جي ضرورت کي گهٽ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو تفصيلي فني مطالعي ۽ انجنيئرنگ جائزي کان پوءِ خراب ٿيل اسٽيم ٽربائين جي بحالي لاءِ خريداري جي عمل باقاعده طور شروع ڪيو ويو آهي. مرمتي ڪمن جي پڄاڻي ۽ پلانٽ جي بحالي جي لاءِ ڊسمبر 2028ع جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي تفصيلي جائزي بعد اسٽيم ٽربائين نمبر 16 ۽ لاڳاپيل اوزارن جي بحالي لاءِ عالمي چاڻپيٽي واڪ طلب ڪيا ويا آهن جن لاءِ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 7 آڪٽوبر 2026ع مقرر ڪئي وئي آهي اهو قدم گدو پاور پلانٽ کي ان جي مڪمل صلاحيت ڪان بهتر فعال بڻائڻ ڏانهن هڪ اهم اڳڀرائي آهي اضافي 297 ميگاواٽ پيداواري صلاحيت جي بحالي سان موجوده پيداوار ۾ اٽڪل 66 سيڪڙو اضافو ٿيندو جنهن سان پاڪستان پنهنجي موجوده پيداواري اثاثن مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهندو

بقايا 29 روزاني عبرت

بابت ڊي آءِ جي حيدرآباد کان فوري رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ضياءُ الحسن لنجار پوليس اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته واقعي ۾ ملوث سمورن عنصرن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال کي هر صورت ۾ برقرار رکيو وڃي گهرو وزير چيو ته واقعي جي محرڪن ۽ ذميوارن جو تعين ڪري انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي هن پوليس کي علائقي ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ تي ضابطو آڻڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي معمول تي آڻڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن ضياءُ الحسن لنجار زخمين کي فوري ۽ بهتر طبي امداد فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته فوت ٿيل ماڻهن جا لاش ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ سندن وارثن حوالي ڪيا وڃن گهرو وزير لاڳاپيل پوليس اختيارين کي هدايت ڪئي ته علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ سان گڏ واقعي جي شفاف جاچ ڪري ذميوارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

ترڪيه جي يوم فتح جي 104هين سالگرهه جي موقعي تي ترڪيه جي قيادت، حڪومت ۽ برادر عوام کي مبارڪون پيش ڪندي چيو آهي ته اسان پنهنجن ترڪ ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏجي ان تاريخي فتح جي خوشي ملهائيندا آهيون ۽ غازي مصطفيٰ ڪمال اتا ترڪ سميت ترڪيه جي آزادي واري جنگ جي سمورن هيروز ۽ شهيدن جي عظيم قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا آچر تي ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته اسان ترڪ قوم جي عزم، حوصلي ۽ ثابت قدمي جي لازوال جذبي کي سلام پيش ڪيون ٿا پاڪستان ۽ ترڪيه گڏيل اعتماد، محبت ۽ ٻنهي قومن وچ ۾ گهري دلي وابستگي تي ٻڌل غير معمولي ڀائراڻي رشتي ۾ ٻڌل آهن اسان جا ٻه طرفا لاڳاپا وقت سان گڏوگڏ وسيع ۽ گهڻ رخي شراڪتداري جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن هن چيو ته الله ڪري پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ دوستي ۽ ڀائراڻا لاڳاپن جو اهو لازوال رشتو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندو رهي

بقايا 31 روزاني عبرت

تي ترڪ هم منصب رجب طيب اردگان ۽ ترڪ عوام کي مبارڪون ڏنيون آهن آچر ڏينهن ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ صدر مملڪت چيو ته پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ تاريخ ايمان ۽ گڏيل سهڪار جي رشتن تي ٻڌل منفرد ۽ پائيدار لاڳاپا قائم آهن هن چيو ته 30 آگسٽ 1922ع جي عظيم فتح ترڪيه جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي ۽ ان ڳالهه تي اعتماد جو اظهار ڪيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويجها ۽ڀائراڻا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا رهندا صدر مملڪت صدر رجب طيب ۽ ترڪ عوام لاءِ مسلسل امن خوشحالي ۽ڪاميابي جي دعا ڪئي

بقايا 32 روزاني عبرت

حڪومت ظلم ڪندي، ان کان انصاف جي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. رياست عوام کي شعور ڏيندي آهي، پر اسان جي حڪومت عوام کان شعور کسي رهي آهي ملڪ ۾ امن امان ۽ معاشي صورتحال خراب آهي روز روز غلط پاليسين جي نتيجي ۾ تباهي مچي رهي آهي جڏهن ته ڀارت دنيا جي چوٿين وڏي معيشت بڻجي ويو آهي اسان کي سوچڻو پوندو ته اسان جو ملڪ ڪٿي بيٺو آهي هو سکر ۾ مقامي هوٽل ۾ جي يو آءِ سنڌ جي مجلس عمومي جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان جي تعليمي نظام جي صورتحال اڄ به ڳڻتي جوڳي آهي وڪيلن جي نصاب ۾ قرآن ۽ سنت جي تعليم شامل ناهي جڏهن ته قرآن ۽ سنت جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته چيو وڃي ٿو ته مدرسن ۽ ديني تعليم کي ختم ڪيو وڃي هن چيو ته ملڪ ۾ اختلاف راءِ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ان مقصد لاءِ اسلامي نظرياتي ڪائونسل موجود آهي جنهن ۾ مختلف مڪاتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهو شامل آهن هن چيو ته حڪمراني ۾ صرف شخصيتن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ته ڪير سٺو آهي ۽ ڪير غلط، جڏهن ته ملڪ جي پاليسين ۽ نظام بابت ڳالهائڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن صوبن کي ورهائڻ جي پاليسي اختيار ڪئي وئي ته اها غلط پاليسي هوندي سنڌ جي ورهاڱي خلاف سڄو سنڌ متفق آهي ۽ جي يو آءِ سنڌ هڪ وڏي سياسي ۽ عوامي قوت آهي، تنهن هوندي به ڪجهه قوتون رڪاوٽون پيدا ڪري رهيون آهن اسان کي انهن جي به خبر آهي هن چيو ته فاٽا کي صوبو بڻايو ويو پر اڄ تائين اتي جا مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن. اسان ان وقت به ان فيصلي جي مخالفت ڪئي هئي هن چيو ته 18هين آئيني ترميم به اڃا تائين ڪجهه قوتن کي هضم نه ٿي رهي آهي. صوبن جي وسيلن، ذخيرن ۽ محصولن تي صوبن جو آئيني حق آهي، پر ان حق کي تسليم نه ڪيو پيو وڃي مولانا فضل الرحمان چيو ته جي يو آءِ کي اسٽيبلشمينٽ ذريعي ڪجهه حاصل ڪرڻ قبول ناهي اسان کي انصاف گهرجي ڪنهن جي خلاف هجڻ جي بنياد تي کيس غدار قرار ڏيڻ درست ناهي جيڪڏهن غداري جا الزام لڳايا ويا ته ان جو حساب ڏيڻو پوندو هن چيو ته اسان دفاع وطن جي حق ۾ آهيون پر جبر نه ٿيڻ گهرجي آئين ۾ ترميم پارليامينٽ جو حق آهي پر پهريان اهو سوچڻو پوندو ته موجوده حڪومت جائز به آهي يا نه. مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان ڪنهن جي ماتحت ناهيون نه ئي ڪنهن جي توهين ڪندا آهيون پر ٻهادري ۽ اصولن سان پنهنجي ڳالهه رکون ٿا اسان جا ساٿي مخلص آهن ۽ الله تعاليٰ جي نظام جي نفاذ لاءِ اسان جي جدوجهد جاري رهندي اسان کي عالمي امن اجتماع لاءِ ڏينهن رات محنت ڪرڻي آهي عوام کي طاقتور بڻائڻو آهي ۽ اسان شدت پسندي ۽ انتهاپسندي جي خلاف آهيون هن چيو ته هاڻي عوام به سمجهندو ته جيڪو ڪجهه ڪيو ويندو اهو عوام لاءِ ڪيو ويندو ان موقعي تي جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو

بقايا 33 روزاني عبرت

پهچي فاتحه خواني ڪئي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد هريپور ۾ آيت نور جي گهر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته قانون تي عملدرآمد ضروري آهي، آيت نور جي قاتلن کي ضرور سزا ملندي پوليس کي جديد اوزار ۽ ضروري سهولتون فراهم ڪرڻيون پونديون پوليس کي مضبوط وسيلن سان ليس ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ نڪر جا انگ اکر جاري ڪيا آهن آچر ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو هڪ لک 82 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 82 هزار 100 ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 22 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 22 هزار 400 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو هڪ لک 95 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 95 هزار 600 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 19 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 7 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 72 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 50 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو بئراجن جي صورتحال موجب گڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 44 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 8 هزار 800 ڪيوسڪ، سکر بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 98 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 46 هزار 200 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 58 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 15 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1219.30 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.534 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 35 روزاني عبرت

پرڏيهي ميڊيا نيپال جي ڊزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي جي حوالي سان ٻڌايو ته متاثر علائقن ۾ ريسڪيو ڪارروائيون پنجين ڏينهن به جاري آهن ۽ هن وقت تائين 3700 کان وڌيڪ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي اختيارين مطابق ٻوڏ ۽ مٽيءَ جون ڇپون ڪرڻ سبب متاثر علائقن تائين پهچ هڪ وڏو چئلينج آهي. نيپال ۾ 18 هزار کان وڌيڪ امدادي ڪارڪن ريسڪيو آپريشن ۾ مصروف آهن جڏهن ته خراب موسم ۽ ڏکيا رستا امدادي سرگرمين ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيا آهن اختيارين هيليڪاپٽرن ذريعي امداد پهچائڻ جو عمل تيز ڪري ڇڏيو آهي ۽ اڪثر هنڌن تي ريسڪيو لاءِ ڊرونز جي استعمال تي به غور ڪيو پيو وڃي ٻوڏ ۾ وڏي انگ ۾ پرڏيهي شهري به متاثر ٿيا آهن نيپال ٽوئرزم بورڊ موجب 261 پرڏيهي شهرين کي ريسڪيو ڪيو ويو آهي جڏهن ته 320 پرڏيهي هن وقت تائين گم آهن ريسڪيو ڪيل پرڏيهين ۾ 167 ڀارتي 40 چيني، 8 يوڪريني، 4 جرمني، 4 مالٽا جا شهري ۽ 3 آمريڪي به شامل آهن

بقايا 36 روزاني عبرت

سي ٽي وي ڊيو وائرل ٿيڻ واري ڪيس ۾ ٻن جوابدارن جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ ڊيفنس جي رهائشي عمارت ۾ ٻن خاندانن وچ ۾ جهيڙي ۽ سي سي ٽي وي ڊيو وائرل ٿيڻ واري ڪيس ۾ جوابدارن جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي جوابدارن جي وڪيل ارشاد شاهه ايڊووڪيٽ عدالت ۾ موقف اختيار ڪيو ته درخواستگذارن کي غلط طور ڪيس ۾ ملوث ڪيو ويو آهي درخواستگذارن جو چوڻ آهي ته اهي اپارٽمينٽ جي ٽئين منزل تي رهندا آهن جڏهن ته ڪيس جو مدعي جو چوٿين منزل تي رهندو آهي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته مدعي پنهنجي پٽ، جيڪو پوليس آفيسر آهي ۽ سيڪيورٽي گارڊ سان گڏ ٽئين منزل تي آيو هو سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته مدعي مبينا طور تي جارحاڻي انداز ۾ ٽئين منزل تي آيو وڪيل صفائي وڌيڪ موقف اختيار ڪيو ته پوليس رٽ ڪيس ۾ ڪو به خانگي شاهد موجود ناهي عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪيس ۾ نامزد نورالعين ۽ علي حسن جي ضمانت منظور ڪندي ٻنهي کي 20،20 هزار روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو پوليس موجب درخواستگذارن خلاف درخشان ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل آهي، جنهن ۾ عورتن جي مبينا بي حرمتي، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ زخمي ڪرڻ جا الزام شامل آهن واضح رهي ته ان کان اڳ متاثر خاندان جي سربراهه ۽ تشدد جو نشانو بڻيل ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي والده حميرا پڻ عبوري ضمانت حاصل ڪري چڪي آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

واقعي جو سخت نوٽيس ورتو آهي وڏي وزير سنڌ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مقتولن جي وارثن سان دلي همدردي ڪئي آهي سيد مراد علي شاهه آءِ جي سنڌ پوليس کان واقعي بابت رپورٽ طلب ڪندي جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن وڏي وزير هدايت ڪئي ته واقعي ۾ ملوث سمورن عنصرن خلاف بلاامتياز قانوني ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي. سيد مراد علي شاهه چيو ته ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نٿي ڏني سگهجي، ڏوهارين کي هر صورت ۾ قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي وڏي وزير آءِ جي پوليس کي واقعي جي فوري طور تي جاچ ڪرائڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ قدم کڻڻ جا حڪم پڻ ڏنا آهن سيد مراد علي شاهه ڳوٺ ۾ امن امان جي صورتحال تي سخت نظر رکڻ ۽ علائقي ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ کي فوري طور ختم ڪرڻ لاءِ پڻ هدايتون جاري ڪيون

بقايا 38 روزاني عبرت

ڪشميري جي ملڪيت ضبط ڪري ورتي. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڀارتي پوليس ضلعي جي علائقي وي هل ۾ هلال احمد ڊار جو رهائشي گهر ضبط ڪري ورتو جنهن جي ماليت اٽڪل 16 لک رپيا ٻڌائي وئي آهي ملڪيت پوليس اسٽيشن شوپيان ۾ داخل هڪ ڪيس جي سلسلي ۾ ضبط ڪئي وئي آهي ڀارتي اختيارين آگسٽ 2019ع ۾ قلم 370 ۽ 35 اي جي خاتمي ڪانپوءِ جمون ڪشمير ۾ ڪشميرين کي انهن جي گهرن ۽ زمينن کان محروم ڪرڻ جون ڪارروائيون تيز ڪيون ويون آهن ته جيئن علائقي ۾ آبادي جي تناسب کي تبديل ڪري سگهجي، ان سلسلي ۾ هن وقت تائين رهائشي گهرن سميت سوين ملڪيتون ضبط ڪيون ويون آهن

بقايا 39 روزاني عبرت

۽ 6 زخمي ٿي پيا ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڀارتي سنڌ سماءِ جي ذريعن جو چوڻ آهي ته هٿيارٻندن ضلعي نوني جي علائقي نونگٽيڪ ۾ حملو ڪيو فائرنگ ڪيترن منٽ تائين جاري رهي ۽ ان دوران ڌماڪيدار مواد جو به استعمال ڪيو ويو فائرنگ سبب علائقي ۾ خوف ۽ دهشت جو ماحول پيدا ٿي ويو گذريل 24 ڪلاڪن ۾ پيش آيل ڌار ڌار واقعن ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته 6 ڄڻا زخمي ٿيا آهن ٻنهي واقعن ۾ زيليا نگرونگ يونائيٽيڊ فرنٽ (زيڊيو ايف) جي 2 گروپن وچ ۾ هٿيارن جي استعمال جا اطلاع آهن ڀارتي اختيارين مطابق ڇنڇر جي صبح ضلعي نوني جي علائقن نونگٽيڪ ۽ هارچونگ وچ ۾ ٻيهر فائرنگ جا اطلاع آهن اهو علائقو نوني ضلعي هيڊڪوارٽر کان اٽڪل 5 ڪلوميٽر اتر اوڀر ۾ آهي اختيارين جو چوڻ آهي ته زيڊيو ايف سان منسلڪ هٿيارٻند ماڻهن نوني ٿاڻي جي حد نونگٽيڪ علائقي ۾ منصوبو ٺاهي حملو ڪيو زخمين کي علاج لاءِ امپال جي 2 ڌار ڌار اسپتالن ۾ داخل ڪرايو ويو آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

تي خالصتان حامي سک مظاهرو ڪندڙن احتجاج ڪيو نيويارڪ ۾ ميڊيسن اسڪوائر گارڊن جي ٻاهر مظاهرو ڪندڙن ڀارتي حڪومت ۽ هندو قوم پرستي جي پاليسين خلاف نعرا لڳايا. مظاهرين ڀارت ۾ سکن، مسلمانن ۽ مسيحين سان مبينا امتيازي سلوڪ ۽ انساني حقن جي صورتحال تي شديد خدشن جو اظهار ڪيو خالصتان حامي تنظيم سکز فار جسٽس جي جنرل ڪائونسل جي اڳواڻن گرپتونت سنگهه پنون آر ايس ايس ۽ بي جي پي جي قيادت تي ڀارت کي هڪ مبينا هندو راشٽر بڻائڻ جو الزام لاڳو ڪيو گرپتونت سنگهه پنون 1984ع جي گولڊن ٽيمپل آپريشن 1992ع ۾ بابري مسجد جي شهادت ۽ مني پور ۾ مسيحين خلاف تشدد جو حوالو ڏنو هن ڀارتي رياستي ادارن تي سکن، مسلمانن ۽ مسيحين خلاف مبينا طور تي استعمال ٿيڻ جو الزام لاڳو ڪيو

بقايا 41 روزاني عبرت

8 ڄڻن جي قتل واري افسوسناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي سيد اويس قادر شاهه چيو آهي ته دشمني جي بنياد تي 8 قيمتي انساني جانين جو قتل انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو عمل آهي اهڙي قسم جا واقعا معاشري ۾ بدامني ۽ عدم تحفظ کي هٿي ڏين ٿا، جن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿو ڪري سگهجي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي چيو ته واقعي ۾ قيمتي انساني جانين جو ضايع ٿيڻ هڪ وڏو نقصان آهي، جنهن تي کيس دلي ڏک ۽ افسوس آهي هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي ته واقعي ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ذميوارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي انصاف جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي سيد اويس قادر شاهه چيو ته هو متاثر خاندانن جي ڏک ۽ غم ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ ڏک جي هن گهڙي ۾ متاثر خاندانن سان دلي همدردي جو اظهار ڪن ٿا. هن لاڳاپيل ادارن تي زور ڏنو ته علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن ۽ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ کي فوري طور ختم ڪري عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي.اسپيڪر سنڌ اسيمبلي چيو ته قانون هٿ ۾ کڻندڙ ڪنهن به شخص کي ڇوٽ نه ملڻ گهرجي ۽ دادو واقعي جي ذميوارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي ٿيڻ گهرجي

بقايا 42 روزاني عبرت

چوڪ تي پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ پوليس جي مبينا مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو ۽ هڪ ملزم کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻيو ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس 2 پسٽول هٿ ڪيا، لاش قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ پوليس موجب وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 43 روزاني عبرت

سالن جي عاليا جي حالت خراب ٿي وئي سندس گهر وارا فوري طور تي کيس ويجهي اسپتال وٺي ويا، جتي علاج دوران هوءَ فوت ٿي وئي. ايڌي رضاڪارن پاران مقتولا جي لاش کي خانگي اسپتال مان پوسٽ مارٽم لاءِ عباسي شهيد اسپتال پهچايو ويو ريسڪيو عملدارن چيو ته اهو واقعو گهر اندر زهر ڏيڻ سبب پيش آيو آهي. ايس ايڇ او گلشن اقبال سعود احمد چيو ته واقعي جي اطلاع ملڻ کان پوءِ پوليس جاچ لاءِ اسپتال وئي آهي جتي خاندان کان وڌيڪ معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي

بقايا 44 روزاني عبرت

شاهين هوٽل جي ويجهو موٽرسائيڪل تي سوار 55 سالن جي عورت ثمينا بي بي زال ظفر شاهه تيز رفتاري سبب موٽرسائيڪل تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ فوت ٿي وئي. لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ڊيفنس ٿاڻي جي حد قيوم آباد بي ايريا گلي نمبر 3 ويجهو گهر مان ڪيترائي ڏينهن پراڻي 46 سالن جي يوسف ولد رمضان جو لاش مليو ايڌي ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال قانوني ڪارروائي جي لاءِ منتقل ڪيو ويو سعود آباد ٿاڻي جي حد ملير ڪوڪرا پار جي ويجهو ناد علي چوڪ لڳ فاروقيا مسجد جي ويجهو روڊ ڪناري تان زيرِ زمين بجلي جي ڪيبل ڪٽڻ جي دوران ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 30 کان 32 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو قانوني ڪارروائي بعد پوليس ايڌي هوم سهراب ڳوٺ لاش منتقل ڪيو آهي گلشن اقبال ٿاڻي جي حد گلشن اقبال راشد منهاس روڊ تي ڊهاڪا سوئٽس جي ويجهو روڊ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار 43 سالن جو راشد ولد عبدالرشيد فوت ٿي ويو آهي

بقايا 45 روزاني عبرت

ڇوڪرو کي بجلي جو ڪرنٽ ڏئي ماري ڇڏيو فوت ٿيل نوجوان جي خاندان مقتول جي لاش سان گڏ پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪيو ۽ ميڊيا کي ٻڌايو ته 17 سالن جو ارشاد اٺين درجي جو شاگرد هو ۽ پوليس لاسي ڳوٺ ۾ سندس گهر تي ڇاپو هڻي ارشاد کي گرفتار ڪيو آهي انهن چيو ته ارشاد کي بجلي جو ڪرنٽ ڏئي ماريو ويو خاندان ۽ پاڙي جي ماڻهن جناح اسپتال ۾ به احتجاج ڪيو ايس ايڇ او ملير سٽي رياض ڀٽو چيو ته ملير سٽي پوليس بدنام منشيات فروش ارشد کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپو هنيو منشيات فروش ارشد کي گرفتار ڪيو ۽ سندس قبضي مان 55 گرام آئس هٿ ڪئي هن چيو ته ڪارروائي دوران ملزم جو پاڙيسري نوجوان ارشاد ڀڄڻ لڳو گهرن جي ڇت تان ٽپو ڏيندي بجلي جي تار ۾ ڦاسي پيو ۽ ڪرنٽ لڳڻ جي سبب فوت ٿي ويو ايس ايڇ او چيو ته جڏهن پوليس ارشاد کي حراست ۾ ورتو ته هو بي هوش هو جڏهن کيس جناح اسپتال آندو ويو ته ڊاڪٽرن سندس موت جي تصديق ڪئي ايس ايڇ او رياض ڀٽو دعويٰ ڪئي ته نوجوان ارشاد پوليس جي حراست ۾ تشدد سبب فوت نه ٿيو جوابدار ارشد جي گرفتاري دوران ارشاد خوف کان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

بقايا 46 روزاني عبرت

نافرمان ٿي ويو آهي، جيڪو وڙهي ٿو مونکي ۽ منهنجي ڀاءُ کي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن چيو ته نافرمان پٽ ملڪيت تي زوري قبضو ڪرڻ چاهي ٿو آئون کيس پنهنجي ملڪيت مان بي دخل ڪريان ٿو جيڪڏهن مان مري به وڃان ته نافرمان پٽ کي آخري رسمن ۾ شرڪت ڪرڻ نه ڏني وڃي

بقايا 47 روزاني عبرت

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي هدايت ڪئي آهي ته ڊي آءِ جي ساؤٿ ٽن ڏينهن اندر واقعي بابت رپورٽ پيش ڪري ترجمان جو چوڻ آهي ته وائرل ٿيل وڊيو ڪلپ ۾ نظر ايندڙ پوليس اهلڪارن جي مبينا بدسلوڪي ۽ مس ڪنڊڪٽ بابت پڻ رپورٽ طلب ڪئي وئي آهي ايڊيشنل آءِ جي هدايت ڪئي آهي ته واقعي بابت داخل ڪيل سمورن ڪيسن جي ميرٽ تي جاچ ڪئي وڃي ۽ ڪنهن به ڌر سان فرق نه رکيو وڃي. آزاد خان چيو ته معاملي جي سمورن پاسن جو جائزو وٺي واقعي ۾ ملوث ماڻهن جو تعين ڪيو وڃي ۽ حقيقتون سامهون آنديون وڃن هن چيو ته قانون کان مٿانهون ڪو به ناهي جيڪڏهن ڪنهن پوليس اهلڪار سميت ڪو به شخص قانون جي ڀڃڪڙي ۾ ملوث ثابت ٿيو ته ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 48 روزاني عبرت

دوران ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ جي کيسي مان نامعلوم شخص قيمتي موبائل فون چوري ڪري ورتو

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ڪٽڪ درآمد ڪرڻ جي ضرورت يا انتظامي ناڪامي؟ صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
ويانا جي گھيٽين مان اٽڪڙ هڪ شاهي رشتي جي خبر ۽ پٺو خاندان جي تاريخ! صفحو 4

هڪ نظر ڳاديءَ واري شهر ۾ پيش ايندڙ واقعن تي!
ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ صفحو 4

محمود شام
اسان جو مستقبل سڙي ويو! صفحو 4

دڙو جي يو آءِ پاران پڇاري پل جي زبون حالي ۽ ترقياتي ڪمن ۾ مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دڙي ۾ پڇاري پل جي مرمت نه ٿيڻ ۽ پنهنجا نوازي خلاف احتجاجي مظاهرو

جمعت علماءِ اسلام طرفان ترقياتي ڪمن ۾ مبينا طور پنهنجا نوازي خلاف نعريبازي

10سيپٽمبر کان احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ ۽ ڌرڻا هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو

شهر ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪم مبينا ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي تحت ڪرايا پيا وڃن،اڳواڻ

دڙو (رپورٽ:اعجاز اختر ميمڻ)دڙو ۾ جمعت علماء اسلام (جي يو آئي) طرفان پڇاري پل جي مرمت نه ٿيڻ ۽ ترقياتي ڪمن ۾ مبينا طور پنهنجا نوازي خلاف احتجاجي مظاهرو انتظاميا خلاف نعريبازي، 10 سيپٽمبر کان احتجاجي تحريڪ ۽ ڌرڻن جو اعلان تفصيل موجب دڙي ۾ پڇاري ڪينال مٿان اڏيل پل جي مرمت نه ٿيڻ ۽ شهر ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪمن ۾ مبينا طور پنهنجا نوازي خلاف جي يو آئي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جي يو آئي جي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين حافظ عبدالغفور ميمڻ زبير سوناري مولانا شهزاد يوسف، سيد صابر شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مين پڇاري پل تي احتجاجي مظاهرو ڪري انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته انتظاميا جي نااهلي ۽ مبينا ڪرپشن سبب ڪجهه سال اڳ مرمت ٿيل پڇاري پل هڪ دفعو ٻيهر زبون حال بڻجي وئي آهي، پل جي زبون حالي ۽ ٽٽڻ سان ڪنهن به وقت دڙي شهر جو لنڪ سجاول ۽ ٻيلو شهر سميت سوين ڳوٺن سان زميني رابطو ڪٽجي سگهجي ٿو،زبون حال پل ڪي هر وقت شهرين ۽ ٽرانسپورٽرن لاءِ امڪاني طور جاني ۽ مالي نقصان جو خطرو درپيش آهي. هنن چيو ته شهر ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪم مبينا ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي تحت ڪرايا پيا وڃن، جيڪڏهن اها صورتحال رهي ۽ نوٽيس نه ورتو ويو ته 10 سيپٽمبر کان باقائدا احتجاجي تحريڪ هلائڻ سميت ڌرڻا هنيا ويندا، جنهن جي سڄي ذميداري انتظاميا تي هوندي

حيدرآباد ضلعي جا 594 مرد ۽ عورت پوليس اهلڪار 15مهينن کان پگهارن کان محروم

سال 2025 جي جون مهيني ۾ ايس پي ڊي 01 بيچ جا 534مرد ۽ 60 عورت ڀرتي ٿيل اهلڪارن کي 15مهينا گذرڻ باوجود پگهارون نه ملي سگهيون

پگهارن کان محروم594 مرد ۽ عورت اهلڪارن کي هر مهيني آسرو،گهرن ۾ فاقه ڪشي،بنا پگهار ڊيوٽي ڪرڻ تي مجبور

سنڌ جي گادي واري شهرڪراچي، ڄامشورو، بدين، سجاول، مٽياري، ٺٽو ۾ مقرر پوليس اهلڪارن جون پگهارون جاري ٿي چڪيون آهن:اهلڪار

مقرري جي ڏينهن کان وٺي اسين سردي هجي يا گرمي،امن امان هجي يا بدامني 12کان13ڪلاڪ ڊيوٽي ڪري رهيا آهيون

گهرن جو خرچ قرض کڻي هلائي رهيا آهيون ۽ قرض ڏيندڙن کي هر مهيني آسرو ڏئي ٻيو قرض کڻي رهيا آهيون،هاڻ دڪاندارن به وڌيڪ قرض ڏيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي

بلاول ڀٽو زرداري،مراد علي شاهه،آئي جي حيدرآباد ضلعي ۾ مقرر پوليس اهلڪارن جون پگهارون جلد جاري ڪري پريشاني کان بچايو وڃي

حيدرآباد (رپورٽ:اعجاز لغاري)سنڌ حڪومت جي بدانتظامي حيدرآباد ضلعي جا 594 مرد ۽ عورت پوليس اهلڪارن 15مهينن کان پگهارن کان محروم،هر مهيني آسرو گهرن ۾ فاقه ڪشي بنا پگهار ڊيوٽي ڪرڻ تي مجبور.سال 2025 جي جون مهيني ۾ ايس پي ڊي 01 بيچ جا 534مرد ۽ 60 عورت ڀرتي ٿيل اهلڪارن کي 15مهينا گذرڻ باوجود پگهارون نه ملي سگهيون آهن جنهن سبب سندن گهرن ۾ فاقا ڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي ان سلسلي ۾ 27 جون 2025 ۾ ڀرتي ٿيل پوليس ڪانسٽيبل اهلڪارن موجب مقرري جي ڏينهن کان وٺي اسين سردي هجي يا گرمي،امن امان هجي يا بدامني 12کان13ڪلاڪ ڊيوٽي ڪري رهيا آهيون. هنن چيو ته سنڌ جي گادي واري شهرڪراچي ڄامشورو بدين سجاول مٽياري، ٺٽو ۾ مقرر پوليس اهلڪارن جون پگهارون جاري ٿي چڪيون آهن پر اڻڄاتل سبب ڪري ضلعي حيدرآباد ۾ مقرر پوليس اهلڪارن جون پگهارون جاري نه ڪرڻ ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪرڻ برابر آهي. هنن موجب پگهارون نه ملڻ سبب گهرن جو خرچ قرض کڻي هلائي رهيا آهيون ۽ قرض ڏيندڙن کي هر مهيني آسرو ڏئي ٻيو قرض کڻي رهيا آهيون.جنهن تي هاڻ دڪاندارن به وڌيڪ قرض ڏيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي. هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري،سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه،آئي جي سنڌ پوليس کي اپيل ڪئي ته حيدرآباد ضلعي ۾ مقرر پوليس اهلڪارن جون 15مهينن جون پگهارون جلد جاري ڪري وڌيڪ پريشاني ۽ فاقا ڪشي کان بچايو وڃي

فريدآباد مان ڪنهيل نوجوان جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

فريدآباد مان ڪنهيل نوجوان جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو،ڌرڻو

وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين13 هين ڏينهن به احتجاج رڪارڊ ڪرايو

رياض خاصخيلي کي 13 ڏينهن اڳ نامعلوم ماڻهون کنهي کڻي ويا آهن:وارث

رياض خاصخيلي پورهيت آهي،شگر جو مريض ۽ اکين جي نور کان محروم آهي

فريدآباد(ن ع)فريدآباد مان ڪنهيل نوجوان جي آزادي لاءِ سنڌس وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين جو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو .ڳوٺ الهڏنو ٽيوڻو جي رهواسي پورهيت نوجوان رياض خاصخيلي جي گمشدگي خلاف فريدآباد ۾ سنڌس وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين رئيس ضمير خاصخيلي جسقم اڳواڻ عاشق سولنگي رفيق خاصخيلي وزير سولنگي علي چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 13 هين ڏينهن به احتجاج رڪارڊ ڪرايو. هنن چيو ته رياض خاصخيلي کي 13 ڏينهن اڳ نامعلوم ماڻهون کنهي کڻي ويا آهن جنهنجو ڪنهن به سياسي تنظيم سان ڪو به تعلق ناهي جيڪو شگر جو مريض آهي ۽ اکين جي نور کان به محروم آهي هنن چيو ته رياض خاصخيلي پورهيت آهي جيڪو هوٽل هلائي پنهنجن ٻچن گذر ڪندو هيو سندس گمشدگي ڪانپوءِ ٻچا لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور آهن کين جلد آزاد ڪيو وڃي .هنن چيف جسٽس آف پاڪستان انساني حقن جي تنظيمن ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته بيگناهه ڪنهي گم ڪيل رياض خاصخيلي جو نوٽيس وٺي آزاد ڪرايو وڃي

ڊپٽي ڪمشنر سکر پاران پوليو کان بچاءَ واري مهم بابت اجلاس طلب

سکر(بيورو رپورٽ)ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان پوليو کان بچاءَ واري مهم جي سلسلي ۾ اهم اجلاس 31 آگسٽ 2026ع تي منجهند 3 وڳي ڊي سي آفيس سکر جي ڪانفرنس هال ۾ طلب ڪري ورتو آهي اجلاس ۾ 21 کان 27 سيپٽمبر 2026ع تائين جاري رهندڙ پوليو کان بچاءَ واري مهم بابت سمورن انتظامن ۽ معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو جڏهن ته مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ضروري قدمن تي پڻ غور ڪيو ويندو اجلاس دوران آگسٽ مهيني ۾ هلندڙ بوسٽر ڊوز مهم بابت پڻ تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي ويندي

ٽنڊوغلام علي مهيشوري برادري پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽنڊوغلام علي ۾ مهيشوري برادري پاران ڪراچي ليئاري جي بااثر خلاف ريلي

سودر مهيشوري ۽ بابو جي اڳواڻي ۾لڇمڻ ڳلان خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

لڇمڻ شري مامئي ڏيوو جي آستانن کي ايڪيو ٽرسٽ ۾ شامل ڪرائڻ چاهي ٿو،سودر مهيشوري

ٽنڊوغلام علي(ن ع)ٽنڊوغلام علي ۾ مهيشوري برادري جو ڪراچي ليئاري جي بااثر لڇمڻ ڳلان خلاف سودر مهيشوري ۽ بابو مهيشوري جي اڳواڻي ۾ جمعون مهيشوري جي آرا مشين ڏکڻوڙي ناڪي کان احتجاجي ريلي ڪڍي پوري جو گشت ڪندا پريس ڪلب اڳيان پهتا جتي مظاهرين پوڙهو ماتنگ سومار ماتنگ سودر مهيشوري بابو مهيشوري ۽ ٻين چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي منارٽي ونگ ڪراچي جو نائب صدر بااثر لڇمڻ ڳلان جيڪو ملي ضلعي جي شري ڏٿي ماتنگ ڏيوو بدين ضلعي جي شري لوٽنگ ڏيوو ۽ شري ماتئي ڏيوو ۽ ٺٽو ضلعي ۾ واقع شري ماسئي ڏيوو جي آستانن (درڳاهن) کي آيڪيو ٽرسٽ جي هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي جي مندرن جي لسٽ ۾ شامل ڪرائڻ چاهي ٿو جنهن کي سموري سنڌ جي مهيشوري ميگهواڙ برادري رد ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت ۽ اقليتي اڳواڻن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته اسان پيپلزپارٽي جا ووٽر آهيون ليڪن لڇمڻ مهيشوري پاڪستان پيپلز پارٽي جو ووٽ بينڪ خراب ڪري رهيو آهي ان جي ڪري لڇمڻ مهيشوري کي پاڪستان پيپلز پارٽي منارٽي ونگ مان هٽائي اسان مهيشوري برادري مان بيچيني ختم ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو احتجاج ۾ مهيشوري برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا جن تي مختلف نعرا لکيل هئا

سکر ۾2021ع جا جي ايس ٽي،پي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوار پنجن سالن کان مقرري جا منتظر

سکر سٽي جي اميدوارن پنهنجن مطالبن جي حق ۾ پريس ڪلب جي سامهون ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

هاڻ پرامن مارچ ڪري بلال هائوس ۽ سنڌ اسيمبلي جي گهيراءَ سميت احتجاج جا ٻيا جمهوري رستا اختيار ڪنداسين: اميدوار

ميرٽ ۽ اسڪور مطابق فوري طور آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن، جيئن پنجن سالن کان روزگار جا منتظر اميدوارن ۾ موجود بيچيني ختم ٿي سگهي

سکر(بيورو رپورٽ) 2021ع ۾ PST/JEST جو ٽيسٽ پاس ڪرڻ باوجود گذريل پنجن سالن کان مقرري جا منتظر سکر سٽي جي اميدوارن پنهنجن مطالبن جي حق ۾ سکر پريس ڪلب جي سامهون ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين چيو ته هو پُرامن مارچ ڪندي بلال هائوس ۽ سنڌ اسيمبلي جي گهيراءَ سميت احتجاج جا ٻيا جمهوري رستا اختيار ڪندا مظاهرين سنڌ حڪومت، تعليم کاتي اسپيشل ڪميٽي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته PST/JEST 2021ع جي سکر سٽي جي ويٽنگ اميدوارن جو مسئلو ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي ۽ ميرٽ ۽ اسڪور مطابق فوري طور آفر آرڊرجاري ڪيا وڃن. جيئن پنجن سالن کان روزگار جا منتظر اميدوارن ۾ موجود بيچيني ختم ٿي سگهي احتجاج ۾ محفوظ احمد، عبدالله ۽ علي رضا سميت وڏي انگ ۾ PST/JEST اميدوار شريڪ هئا، جن پنهنجن مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪندي فوري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو مظاهرين چيو ته کين مسلسل خاطريون ڪرايون پيون وڃن، پر عملي طور تي سندن مسئلي جو حل نه ڪيو ويو آهي هنن ٻڌايو ته هنن 2021ع ۾ PST/JEST جا ٽيسٽ ڏنا هئا ۽ گذريل پنجن سالن کان مختلف مرحلن ۾ ويٽنگ لسٽ ۾ رکيا ويا آهن سندن چوڻ هو ته سنڌ جي مختلف علائقن ۾ گهٽ اسڪور وارن اميدوارن کي به مقرري جا آفر آرڊر جاري ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ 40 کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪندڙ اميدوار به ڀرتي ٿي چڪا آهن پر سکر سٽي جا اهڙا اميدوار جن 50 يا ان کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪيا آهن اڃ به مقرري جا منتظر آهن احتجاج ڪندڙ اميدوارن چيو ته ڪڏهن کين گريونس ڪميٽي آڏو پيش ٿيڻ لاءِ گهرايو وڃي ٿو ۽ ڪڏهن اسپيشل ڪميٽي جي اجلاس ۾ شنوائي جي اميد ڏياري وڃي ٿي، پر ڪيترائي ڀيرا پيش ٿيڻ باوجود سندن بنيادي مسئلي جو مستقل حل نه ڪيو ويو آهي هنن شڪايت ڪندي چيو ته پنجن سالن جو ڊگهو عرصو گذري وڃڻ باوجود هو پنهنجي حق جي آفر آرڊر کان محروم آهن جنهن سبب اميدوارن ۽ سندن خاندانن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي.مظاهرين عبرت کي ٻڌايو ته سندن ڀرپاسي وارن ضلعن ۽ علائقن ۾ 40 کان وڌيڪ اسڪور تي اميدوارن کي مقرريون ڏنيون ويون آهن جڏهن ته هو50 نمبر حاصل ڪرڻ باوجود ويٽنگ ۾ ويٺل آهن هنن چونڊيل نمائندن تي پڻ سخت تنقيد ڪندي چيو ته سکر جي ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز سندن مسئلو لاڳاپيل فورمن تي اثرائتي نموني نه کنيو آهي، جنهن سبب هزارين اميدوارن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي مظاهرين چيو ته هو اڃا تائين پرامن ۽ آئيني طريقي سان پنهنجي حق جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن جيڪڏهن آفر آرڊر جاري ڪرڻ بابت واضح اڳڀرائي نه ٿي ته هو احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا. هنن چيو ته هو پُرامن مارچ ڪندي بلال هائوس ۽ سنڌ اسيمبلي جي گهيراءَ سميت احتجاج جا ٻيا جمهوري رستا اختيار ڪندا. مظاهرين سنڌ حڪومت، تعليم کاتي، اسپيشل ڪميٽي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته PST/JEST 2021ع جي سکر سٽي جي ويٽنگ اميدوارن جو مسئلو ترجيحي بنيادن تي حل ڪري ميرٽ ۽ اسڪور مطابق فوري طور آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن

سکر پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي پاس اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

شهدادڪوٽ ۾هيٽير دين درين ۽ آر بي ڊي او سم جي ۽ ربيع چينل جي درن ۽ پل جو ڪم جاري

شهدادڪوٽ (ڊ ر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صدر آصف علي زرداري ۽ پ پ ايم پي اي نوابزادهه مير نادر خان مگسي جي ڪوشش سان ۽ ايريگيشن جي تعاون سان ورلڊ بينڪ جي طرفان جي سيف الله مگسي برانچ مان نڪرندڙ ربيع چينل وڪان هيٽير دين درين ۽ آر بي ڊي او سم جي ۽ ربيع چينل جي درن ۽ پل جو ڪم جاري آهي جنهن جي ڪلاپ وريچ ماپ اڳ ۾ 12 فٽ مان وڌائي ڪري 25 فٽ ويڪري ڪئي آهي جتي جابلو ٻڪي جو پاڻي سيف الله مگسي کي نقصان ٿيندو هيو جيڪي در اڳ ۾ پنج فٽ هاڻي در 12 فٽ ڪيا ويا آهن در ڪمزور هجڻ جي ڪري 2007وارو ،سيلاب 2010 وارو سيلاب ۽ تازوئي ڪجهه سال اڳ ۾ 2022 جي ماهه بوڏ جي ڪري علائقعا جا هزارين ماڻهو متاثر ٿيا هيا جتي هاڻي ڪم ٿيڻ جي ڪري علائقعي واسين ۾ سرهائي ڇانئجي وئي آهي جتي علائقعي واسين چيو ته اسين تهياتي شڪر گزار آهيون پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ، صدر آصف علي زرداري ، پ پ ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو ، ايم پي اي نادر خان مگسي جا شڪر گذار آهيون

گهنڊيا لنڪ روڊ تي سڪرنڊ پوليس جو ڌوڙهاين سان مقابلو

هڪ ڌوڙهاري لال بخش عرف لالو رند کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڌوڙهاري جا ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن،تلاش جاري آهي:پوليس

سڪرنڊ (س ر)سڪرنڊ لڳ گهنڊيا لنڪ روڊ تي سڪرنڊ پوليس جو ڌوڙهاين سان مقابلو هڪ ڌوڙهاري زخمي حالت ۾ گرفتار سڪرنڊ ايڊيشنل ايس ايڇ او سڪرنڊ علي بخش مگسي پوليس ٽيم سان معمول موجب گشت تي نڪتل هو ته گشت دوران ڪجهه شڪي ماڻهو نظر آيا جن پوليس کي ڏسندي ئي پوليس مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس پاران جوابي ڪارروائي ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڌوڙهاري لال بخش عرف لالو رند ويٺل مهراڻ ڪالوني کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. فرار جوابدارن کي پوليس تلاش ڪري رهي آهي جڏهن ته زخمي کي همدرد فري ايمبولينس سروس ذريعي تعلقه اسپتال سڪرنڊ کان نوابشاهه روانو ڪيو ويو

داد لغاري ويجهو ڳوٺ بهرام لغاري ۾ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي،معصوم ٻينگر فوت

ارڙي جي مرض ۾ مبتلا 18 مهينن جو معصوم فراز علي پٽ رفيق احمد فوت ٿي ويو،ڪيترائي ٻيا ٻار پڻ ارڙي جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا

ارڙي سبب فراز جي حياتي بچائي نه سگهيا آهيون،وڌندڙ مرض تي ضابطو نه آيو ته وڌيڪ مرض ۾مبتلا ٻارڙا زندگي جي جنگ هارائي ويندا:رهواسي

صحت کاتي،ڊي سي گهوٽڪي ۽ اعلي اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي متاثر ٻارن جي علاج ۽ طبي ٽيمون موڪلڻ جي اپيل ڪئي وئي

داد لغاري(ن ع) داد لغاري ويجهو ڳوٺ بهرام لغاري ۾ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي ارڙي جي مرض ۾ مبتلا 18 مهينن جو معصوم فراز علي پٽ رفيق احمد فوت ٿي ويو ڪهرام متل.ڳوٺ ۾ ارڙي جي مرض وبائي صورت اختيار ڪرڻ تي وارث سخت پريشان ڳوٺ ۾ڪيترائي ٻيا معصوم ٻار پڻ ارڙي جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا،ڳوٺاڻن پاران ضلعي جي صحت کاتي ڊي سي گهوٽڪي ۽ اعلي اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي متاثر ٻارن جي علاج ۽ علائقي ۾ طبي ٽيمون موڪلڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي وارث موجب ارڙي سبب معصوم فراز لغاري جي حياتي بچائي نه سگهيا آهيون ، ارڙي جي وڌندڙ مرض تي ضابطو نه آيو ته وڌيڪ مرض ۾ مبتلا ٻارڙا زندگي جي جنگ هارائي ويندا

داد لغاري ارڙي وگهي فوت ٿيل ٻار جو لاش

ميرپور بٺورو ۾غير معياري زرعي دوائن آبادگارن کي مٽي تي هٿ ڏياري ڇڏيا

ميرپوربٺورو(ن ع)ميرپور بٺورو ۾ ملندڙ غير معياري زرعي دوائن آبادگارن کي مٽي تي هٿ ڏياري ڇڏيا ايگريڪلچر جا عملدار ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ سب انسپيڪٽر خاموش تماشائي بڻيل. ميرپوربٺورو ۾ پوکجندڙ سارين جي بمپر ڪراپ فصل ۾پن ويڙهي،ڳڏر ۽ ٻيون بيماريون تيزي سان ڦهلجي رهيون آهن آبادگارن کي بازار ۾ ملندڙ لوڪل ڪمپنين جي غير معياري پيسٽيسائيڊ وڌيڪ فصلن کي نقصان پهچايو آهي آبادگارن جو چوڻ آهي ته ايگريڪلچر جا عملدار نظر ئي نٿا اچن آبادگارن کي ڊيلرن ۽ پنجاب جي لوڪل ڪمپنين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي جيڪي آبادگارن کي غير معياري ٻج ڏيڻ کان پوءِ هاڻي نقلي زرعي دوائون ۽ ڀاڻ ڏئي زراعت کي تباهي طرف ڌڪي رهيا آهن ميرپوربٺورو ۾ ايگريڪلچر جي عملدارن ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ سب انسپيڪٽر پنهنجي آشيرواد سان نوان دڪان کولرائي ڇڏيا آهن جن وٽ ڪو به لائسنس نه آهي

ٽنڊوالهيار ضلع ۾ايجوڪيشن ورڪس جون ڪروڙين جون اسڪيمون ڪرپشن جي ور چڙهي ويون

اي ڊي پي سنڌ سرڪار جون ڪروڙين رپين جون اسڪيمون ناقص مٽيريل، جعلي بل ۽ رشوت جي نظر ٿي ويون

آفيسرن ضلع جي بااثر سياسي شخص جي ملي ڀڳت هئڻ جو انڪشاف، اسڪولن جي مرمت ۽ نئين تعمير جي نالي تي سرڪاري خزاني کي ڪروڙين رپين جو نقصان

نتيجو اهو آهي ته هر سال اسڪولن جي مرمت ٿئي ٿي پر ناقص مٽيريل جي ڪري ڪجهه مهينن ۾ ئي ٻيهر ٽٽي پون ٿا:شهري

اسان جا ٻار اڃا تائين ملبن ۾ پڙهي رهيا آهن هي ٺيڪيدار ۽ آفيسر ملي ڀڳت ڪري تعليم جو جنازو ڪڍي رهيا آهن

ٽنڊوالهيار(ڊ ر)سنڌ سرڪار ۽ اي ڊي پي فنڊ سان ضلعي ٽنڊوالهيار جي تعلقي چمبڙ جهنڊومري ۽ ٽنڊوالهيار ۾ اسڪولن جي مرمت ۽ نئين تعمير جي نالي تي سرڪاري خزاني کي ڪروڙين رپين جو نقصان پهچايو پيو وڃي ذريعن موجب ضلع جي سياسي شخص طرفان سياسي سفارش تي مقرر ضلعي ايجوڪيشن ورڪس جا مقرر آفيسر قانون کي پس پشت وجهي ڪم پنهنجي من پسند ٺيڪيدارن کي ڏئي ڇڏيو آهي جتي فيلڊ ۾ نه معيار آهي نه نگراني اسڪولن ۾ لڳندڙ سيمينٽ، سرون ۽ سريو سڀ کان گهٽ معيارجو استعمال ٿي رهيو آهي جڏهن ته ڪاغذن تي "فرسٽ ڪلاس مٽيريل" جا بل پاس ڪيا پيا وڃن سڀ کان وڏو الزام اهو آهي ته جاري منصوبن تي مقرر سائيٽ انجنيئر مبينا طور تي ڳري رشوت وٺي اکيون بند ڪري ڇڪو آهي نتيجو اهو آهي ته هر سال اسڪولن جي مرمت ٿئي ٿي پر ناقص مٽيريل جي ڪري ڪجهه مهينن ۾ ئي ٻيهر ٽٽي پون ٿا انهي حوالي سان ضلعي جي عوام چيو آهي ته هي مرمت ناهي پر هڪ فراڊ آهي ٻارن جي جان سان ڪيڏيو پيو وڃي ڪروڙين رپيا ڪيڏانهن ويا اسان جا ٻار اڃا تائين ملبن ۾ پڙهي رهيا آهن هي ٺيڪيدار ۽ آفيسر ملي ڀڳت ڪري تعليم جو جنازو ڪڍي رهيا آهن ضلعي جي عوام وزيراعليٰ سنڌ، وزير تعليم ۽ اينٽي ڪرپشن کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽنڊوالهيار جي سمورين اي ڊي پي اسڪيمن جو فوري آڊٽ ڪرايو وڃي ۽ ملوث آفيسرن سائيٽ انجنيئر ۽ ٺيڪيدارن خلاف فوري ڪيس داخل ڪيو وڃي ناقص ڪم ڊاهي ٻيهر معياري تعمير ڪرائي وڃي جڏهن ته عوامي حلقن اهو به خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن فوري انڪوائري نه ٿي ته هو روڊن تي نڪري احتجاجي تحريڪ هلائيندا

ڪوٽ غلام محمد ۾سنڌي ثقافتي ۽ يوم آزادي جي رنگن سان سجيل تقريب

ثقافت ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ٽيبلوز،تقريرون،گيت پيش،چار چنڊ لڳي ويا

ٻارڙن ثقافت ۽ پاڪ فوج سان يڪجهتي ۽ وطن سان محبت جو ڀرپور اظهار ڪيو

ڪوٽ غلام محمد(ن ا)ڪوٽ غلام محمد ۾ سنڌي ثقافتي ۽ يوم آزادي جي رنگن سان سجيل شاندار تقريب منعقد شاگردن پاران ثقافتي قومي ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ٽيبلوز تقريرون گيت پيش تقريب کي چار چنڊ لڳي ويا،سنڌي ثقافت جي رنگن ۽ يوم آزادي جي جذبي سان ڪوٽ غلام محمد جي نالي واري دي انوويٽرز پرائيويٽ اسڪول ۾ هڪ پروقار ۽ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جيڪا اسڪول جي پرنسپل طلحه احمد خان ۽ مزمل محبوب ڀنڀرو جي اڳواڻي ۾ ٿي،تقريب ۾ مهمان خاص ڊپٽي ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪول مظفر ڀرڳڙي، پ پ پ سٽي صدر سهيل احمد قائمخاني ۽ اسڪولي شاگردن استادن والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران اسڪول جي ٻارڙن پنهنجي شاندار صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي سنڌي ثقافتي گيتن، قومي نغمن ۽ ٽيبلوز پيش ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. سنڌي ٽوپين اجرڪن ۽ ثقافتي لباس ۾ ٻارڙن جون خوبصورت پيشڪشون ڏسي پنڊال تاڙين سان گونجي اٿيو،خاص طور تي پاڪ فوج جي ڊريس پهريل شاگردن پاران ملڪ جي دفاع ۽ پاڪ فوج جي بهادريءَ کي اجاگر ڪندڙ شاندار ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، جن سان ٻارڙن پاڪ فوج سان يڪجهتي ۽ وطن سان محبت جو ڀرپور اظهار ڪيوان موقعي تي مهمانن خطاب ڪندي چيو ته ٿوري ئي وقت ۾ اسڪول جي ٻارڙن وڏي محنت، نظم ۽ جذبي سان ايترو خوبصورت پروگرام پيش ڪري سڀني کي متاثر ڪيو آهي هنن چيو ته تقريب ۾ شرڪت ڪري کين دلي خوشي ٿي آهي جڏهن ته پرائيويٽ اسڪولن ۾ تعليم ۽ تربيت لاءِ استاد محدود وسيلن ۽ گهٽ پگهارن باوجود وڏي محنت ۽ سچائي سان پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيا آهن.تقريب جي پڄاڻيءَ تي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۽ استادن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا، جڏهن ته اسڪول انتظاميه پاران آيل معزز مهمانن کي سنڌ جي ثقافت جي علامت اجرڪ ۽ لنگي جا تحفا پيش ڪري ڀرپور مان ۽ محبت سان آجيان ڪئي وئي.تقريب ۾ سنڌ جي ثقافت، تعليم حب الوطني ۽ نئين نسل جي صلاحيتن جو اهڙو خوبصورت سنگم نظر آيو جنهن شرڪت ڪندڙن جون دليون کٽي ورتيون

ڪوٽ غلام محمد سنڌي ثقافتي ۽ يوم آزادي جي تقريب ۾ ٻارڙا ٽيبلوز پيش ڪندي

ملي ۾ ڳوٺ گرڙيو رهواسي پاران بليڪ ميل ڪندڙ خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

ملي (ڊ ر)ڳوٺ گرڙيو تعلقو چاڇرو ضلعي ٿرپارڪر جي رهواسي ڪيسرو ولد ٺاڪرو ٿر پريس ڪلب ملي ۾ صحافين اڳيان ڳالهائيندي چيو ته پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندڙ ميوو ولد ڪيٿو ذات ميگهواڙ اصل رهواسي ڳوٺ ڊاڪلو خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي متاثر ڳوٺاڻي جو الزام آهي ته مٿئين شخص پاران مبينا طور ڪاري علم ۽ اهڙين دعوائن جي نالي تي ماڻهن کي خوفزده، ورغلائي ۽ بليڪ ميل ڪيو وڃي ٿو جنهن سبب ڳوٺ ۾ خوف ۽ بي چيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي ڳوٺاڻن موجب جڏهن پاڙي وارن ڳالهه ڪيس اهڙين سرگرمين کان منع ڪئي ته مبينا طور تي کين ڌمڪايو،چيو ته سندس خلاف جيڪو به ڳوٺاڻو دانهن ڪندو ان جو خير نه هوندو متاثر ڳوٺاڻي جو چوڻ آهي ته اهڙين مبينا ڌمڪين سبب هو پاڻ کي غير محفوظ سمجهن ٿا ۽ کين خدشو آهي ته مستقبل ۾ ڪو ناخوشگوار واقعو پيش اچي سگهي ٿو ڳوٺاڻي وڌيڪ الزام هنيو آهي ته مختلف بيمارين يا ذاتي مسئلن کي به مبينا طور "حسابي چڪر وغيره سان جوڙي ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪيو وڃي ٿو جنهن ڪري ڳوٺاڻن ۾ سخت پريشاني پکڙيل آهي هن مطالبو ڪندي چيو ته جوابدار ڌر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري، ڳوٺاڻن کي ڌمڪائڻ خوفزده ڪرڻ يا بليڪ ميل ڪرڻ خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي اسان ڳوٺاڻن جي جان مال ۽ عزت جي تحفظ لاءِ مناسب سيڪيورٽي ۽ قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي جوابدار ڌر کي اسان جي ڳوٺ مان ڪڍيو وڃي ته جيئن اسان ڳوٺاڻا سڪون جي زندگي گذاري سگهون



ملي ڳوٺ گرڙيو رهواسي بليڪ ميل ڪندڙ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

راڌڻ موئن جو دڙو بولان ميل ۽ خوشحال خٽڪ ٽرينون بند ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

موئن جو دڙو بولان ميل ۽ خوشحال خٽڪ ٽرينون بند ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

ريلوي هيڊڪوارٽر لاهور جي سنڌ دشمن ڪردار خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

لاڙڪاڻي کان دادو تائين ريلوي ٽريڪ جي مرمت ڪري اپ گريڊ ڪيو وڃي:اڳواڻ

راڌڻ (ن ع)ريلوي هيڊ ڪوارٽر لاهور پاران ٽيل جا اگهه وڌڻ جو جواز ڄاڻائي ايم ايل ٽو سنڌ ۾ لاڙڪاڻو دادو سيوهڻ ڪوٽڙي ريلوي سيڪشن تي هلندڙ ٽرينون موئن جو دڙو بولان ميل ۽ خوشحال خٽڪ بند ڪرڻ خلاف ماما نظير حسين بروهي مظهر علي پنهور ڪامريڊ جان محمد سولنگي شوڪت جانوري ڪيلاش ڪمار جي اڳواڻي هيٺ راڌڻ ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي جنهن ۾ ٻيا راڌڻ واسي پڻ شريڪ ٿيا ۽ ريلوي هيڊڪوارٽر لاهور انتظاميا جي سنڌ دشمن ڪردار خلاف زوردار سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي مظاهرين چيو ته هڪ طرف ايم ايل ون تي پنجاب ۾ پرائيويٽ ٽرينون هلي رهيون آهن ۽ اتي نيون ٽرينون پڻ هلايون وڃن ٿيون ته ٻئي طرف ايم ايل ٽو تي سنڌ ۾ هلندڙ ٽرينون بند ڪرڻ تعصب کي ظاهر ڪري ٿو ريلوي هيڊڪوارٽر لاهور جي اهڙي سنڌ دشمن عمل جي مذمت ڪيون ٿا مظاهرين وڌيڪ چيو ته ريلوي هيڊڪوارٽر لاهور 27 ڊسمبر 2007 کان اڄ تائين مختلف بهانن سان پنج ڀيرا ايم ايل ٽو سنڌ ٽريڪ مڪمل طور بند ڪري ڇڪو آهي پهريون ڀيرو بينظير ڀٽو جي شهادت بهانئي ٽرينون بند ڪيون ويون ٻيو ڀيرو 2010ع واري بوڏ برسات وقت ٽرينون بند ڪيون ويون ٽيون ڀيرو ڪووڊ بيماري پکڙجڻ بهانئي ٽرينون بند ڪيون ويون چوٿون ڀيرو 2022ع واري بوڏ برسات بهانئي ٽريڪ بند ڪيو ويو پنجون ڀيرو ٽيل جو اگهه وڌڻ بهانئي ٽريڪ بند ڪيو ويو مظاهرين چيو ته سنڌ جي راڻي بينظير جي شهادت کان پوءِ ايم ايل ٽو ٽريڪ لاوارث رهيو آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ايم ايل ٽو سنڌ لاڙڪاڻو دادو سيڪشن تي پنجن مهينن کان بند ڪيل ٽرينون موئن جو دڙو بولان ميل ۽ خوشحال خٽڪ سميت سنڌ حڪومت پاران ڪراچي کان جيڪب آباد ۽ ڪراچي کان روهڙي تائين اعلانيل نيون ٽرينون به بنا دير بحال ڪيون وڃن ۽ لاڙڪاڻي کان دادو تائين ريلوي ٽريڪ (ريلوي لائين) جي مرمت ڪري اپ گريڊ ڪيو وڃي

ٽنڊوڄام ۾ ترقياتي ڪمن ۾ مير ڪالوني کي نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج

رهواسين پاران يونين ڪميٽي 66 جي چيئرمين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

چار سال پورا ٿيڻ وارا آهن، پر مير ڪالوني ۾ هڪ سر به نه لڳائي وئي

جاچ نيب ۽ اينٽي ڪرپشن کان ڪرائي وڃي ۽ مير ڪالوني جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

ٽنڊوڄام(رپورٽ:علي محمد جمالي)مير ڪالوني جي رهواسين پاران ترقياتي ڪمن ۾ علائقي کي نظرانداز ڪرڻ خلاف حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي يونين ڪميٽي 66 جي چيئرمين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اياز ريس، ساگر سنڌي، عرفان ملاح، سڪندر ميرجت، انيل ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندڙن يو سي چيئرمين خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ علائقي ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ جون دانهون ڪيون. احتجاج ڪندڙن چيو ته يو سي جي مدي جا لڳ ڀڳ چار سال پورا ٿيڻ وارا آهن پر مير ڪالوني ۾ هڪ سر به نه لڳائي وئي آهي. هنن چيو ته لڳ ڀڳ 10 هزارن جي آبادي تي مشتمل مير ڪالوني کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هنن دانهيندي چيو ته علائقي ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن. جڏهن ته گهٽيون اڃا تائين ڪچيون هجڻ سبب رهواسين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙن چيو ته يو سي جي ماهوار 12 لک رپين جي بجيٽ خبر ناهي ڪٿي خرچ ٿي رهي آهي. هنن پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيو ته يوسي 66 جي راشي چيئرمين کي فورن هٽائي سندس ڪرپشن ۽ بدعنواني جي جاچ نيب ۽ اينٽي ڪرپشن کان ڪرائي وڃي ۽ مير ڪالوني جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

ٽنڊوڄام ترقياتي ڪمن ۾ مير ڪالوني کي نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هنگورجا پرسان چوپائي مال جي واپارين کان 18 ٻڪريون،موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر

هنگورجا(ن ع)هنگورجا ٿاڻي جي حد ۾ ڏيپارجا جي - روهڙي ڪئنال جي پل وٽان صبح جو سوير نامعلوم هٿيارٻندن چوپايو مال جي واپارين کي يرغمال بڻائي لکين رپين جو مال،چار موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا.متاثر واپارين موجب هو اڄ صبح سوير ڪارگو رڪشي ۾ 18 ٻڪريون کڻي هالاڻي جي مال واري پڙي تي وڪرو ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا ته روهڙي ڪئنال جي ڏيپارجا پل وٽ ڇهن نامعلوم هٿيارٻندن رستو روڪي کين هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڇڏيو واپارين جو چوڻ آهي ته هٿيارٻندن کانئن 18 ٻڪريون چار موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪرڻ سان گڏ مزاحمت ڪرڻ تي کين مبينا طور تشدد جو نشانو پڻ بڻايو جنهن بعد جوابدار ڦريل سامان ۽ چوپائي مال سميت فرار ٿي ويا.ڦر جو شڪار ٿيل واپارين ۾ مير ڏيپ ذاڪر ڏيپ محمد علي ڏيپر ۽ ٻيا شامل آهن واقعي جي اطلاع ملڻ تي هنگورجا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ متاثر واپارين کان ڦر بابت تفصيل معلوم ڪيا.پوليس پاران واقعي جي رپورٽ درج ڪري ڇڏي آهي هوڏانهن چوپايو مال جي واپارين مطالبو ڪيو آهي ته روهڙي ڪئنال جي پل ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پوليس گشت وڌائي ڦر ۾ ملوث هٿيارٻندن کي جلد گرفتار ڪري ڦريل ٻڪريون، موبائل فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي



هنگورجا چوپايو مال جي واپارين جو ڦر واقعي خلاف احتجاج

موهڙ سنگهه گرلس پرائمري اسڪول ۾استاد نه هجڻ ڪري تعليم متاثر

سيمس ڪوڊ بلاڪ هجڻ ڪري اسڪول ليڊيز ٽيچر يا مرد استاد مقرر نٿو ٿئي

فورن اسڪول جو بلاڪ ٿيل ڪوڊ کولي ٻارڙن جي تعليم بچائي وڃي:رهواسي

چوڙان ع)ڻيو چوڙ شهر موهڙ سنگهه پاڙي جي گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول جي نيائڻين جي استاد نه هجڻ ڪري تعليم متاثر ٿيڻ لڳي والدين ۽ نيائڻيون پريشان آهن انهي سلسلي ۾ اسڪول پڙهندڙ ٻارڙن دانهيندي چيو تي اسان اسڪول جو سيمس ڪوڊ بلاڪ هجڻ ڪري اسڪول ليڊيز ٽيچر يا مرد استاد مقرر نٿو ڪيو جنهن ڪري اسان تعليم سخت متاثر ٿي رهي ڪيترا ڀيرا تعليم ڊائريڪٽر سميت آفيسرن اسڪول وزٽ ڪري بلاڪ ڪوڊ کولڻ لاءِ معي ليٽر لکيا آهن پر سيمس ڪوڊ کولي نه سگهيون آهي اسان تعليم کاتي صوبائي وزير سائين سردار علي شاهه ۽ ضلعي عمرڪوٽ تعليم کاتي فوڪل پرسن وائيس چيئرمين حاجي ميان خالد ولهاري اپيل ڪريو فورن اسڪول جو بلاڪ ٿيل ڪوڊ کولي ٻارڙن جي تعليم بچائي وڃي

کهڙا جامع مسجد شهداءَ ۾عظيم الشان ساليانو جشنِ عيد ميلادالنبي صه پروگرام

نبي سرڪار جي سيرتِ طيبه،تعليمات ۽ محبتِ رسول ﷺ جي اهميت تي روشني وڌي وئي

عاشقانِ رسول ﷺ وڏي عقيدت ۽ احترام سان زيارت جو شرف حاصل ڪيو

راضيديرو(ن ع)راضيديرو پرسان شهيدن جي دل کهڙا شريف، درگاهه عاليه حضرت سيدنا مخدوم عبدالرحمان هاشمي شهيد رحمة الله عليه کهڙا جي جامع مسجد شهداءَ ۾ عظيم الشان ساليانو جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جو پروگرام پير مخدوم نديم احمد هاشمي سجاده نشين درگاهه عاليه شهداءِ ڪرام کهڙا شريف درگاهه عاليه پريالو شريف جي زير صدارت ٿي گذريو پروگرام ۾ مخدوم سڪندر علي هاشمي چيئرمين امڙ جيجل ويلفيئر ايسوسيئيشن کهڙا علامه مولوي غلام اڪبرسڪندري مولوي عطاءِ الرسول اڄڻ حافظ محمد بلال ڦليپوٽو جن خصوصي شرڪت ڪئي پروگرام جو آغاز تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جنهن کان پوءِ نعتِ خواني جو سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن ۾ فقير حضور بخش ڪلال،فقير غلام مرتضيٰ ڪلال،عبدالستار مري ۽ ٻين ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي شانِ اقدس ۾ نعتون پيش ڪيون پروگرام دوران مفتي عبدالحفيظ کهڙو،مولوي عطاءالرسول اڄڻ خطاب ڪيو،جڏهن ته خصوصي خطاب علامه مفتي محمد عارف سعيدي (آف سکر) ڪيو،خطاب دوران عالمن ڪرام حضور اڪرم ﷺ جي سيرتِ طيبه، تعليمات ۽ محبت رسول ﷺ جي اهميت تي روشني وڌي وئي ان موقعي تي مولوي محمد قاسم اڄڻ مولانا حفيظ الله اڄڻ محمد عادل کهڙو ياسين علي شاهه جيلاني شهر جي حافظن عالمن مريدن خادمن،عوام سميت جماعت اهلسنت جي پوئلڳن جججهي تعداد ۾ شرڪت ڪئي صلوات ۽ سلام کان پوءِ پير مخدوم نديم احمد هاشمي،شهر ملڪ ۽ پوري عالمِ اسلام بالخصوص فلسطين،غزا جي مظلوم مسلمانن لاءِخصوصي دعائون گهريون ۽ سمورن مسلمانن کي جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ مبارڪون پيش ڪيون بعد ۾ جماعت کي ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي موءِ مبارڪ جي زيارت پڻ ڪرائي وئي، جنهن دوران عاشقانِ رسول ﷺ وڏي عقيدت ۽ احترام سان زيارت جو شرف حاصل ڪيو

سڪرنڊ ۾ائٽ اڪيڊمي آف ايڪسيلينس پاران جشن آزادي جي تقريب

سڪرنڊ (س ر)ائٽ اڪيڊمي آف ايڪسيلينس پاران جشن آزادي جي عنوان تحت اڪيڊمي جي چيف ايگزيڪيوٽو جنيد احمد ائٽ جي ميزباني هيٺ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ تعليم سان دلچسپي رکندڙن سميت مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ علائقي جي سياسي سماجي شخصيت رئيس امتياز حسين راهو مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ، شهري اتحاد جو صدر سانول ڪيريو، همت خاصخيلي ، ڊاڪٽر ايم بي ائٽ ، تعليمي ماهر عبداللطيف قريشي ۽ ٻيا شامل هئا

گهوٽڪي ۾ساليانو عظيم الشان جشنِ عيد ميلاد النبي ص، حق باهو ڪانفرنس

جماعت الصالحين پاڪستان پاران ڪانفرنس ۾مذهبي شخصيتن شرڪت ڪئي

حضور اڪرم امن، محبت، اخوت، مساوات ۽ پائيچاري جو درس ڏنو:مقرر

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي جماعت الصالحين پاڪستان پاران گهوٽڪي جي مقامي هال ۾ ساليانو عظيم الشان جشنِ عيد ميلاد النبي ﷺ حق باهو ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عالمن مذهبي شخصيتن جماعت جي عهديدارن جعفر دايو سلطاني نياز محمد سومرو سلطاني، الياس مهر سلطاني توفيق عباسي سلطاني ذوالفقار سلطاني وسيم قاضي سلطاني سميت عاشقان رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مرڪزي ناظمِ اعليٰ جماعت اهلِ سنت پاڪستان ۽ امير جماعت الصالحين پاڪستان صاحبزاده پير محمد خالد سلطان سروري القادري چيو ته نبي ڪريم ﷺ جي آمد سموري انسانيت لاءِ الله تعاليٰ جي عظيم نعمت آهي. حضور اڪرم ﷺ انسانيت کي جهالت، ظلم ناانصافي ۽ نفرت جي اونداهين مان ڪڍي امن، محبت، اخوت، مساوات ۽ پائيچاري جو درس ڏنو. پاڪ ڪريم ﷺ جي سيرت طيبه سموري انسانيت لاءِ پوري انسانيت لاءِ بهترين مثال آهي. هن چيو ته اڄ امتِ مسلمه کي درپيش سمورن مسئلن جو اصل حل حضرت محمد ﷺ جي زندگي تي عمل ڪرڻ ۾ آهي. جشن عيد ميلاد النبي ﷺ صرف خوشي ۽ عقيدت جي اظهار جو نالو ناهي پر اهو ان عهد جي تجديد جو موقعو پڻ آهي ته اسان پنهنجين زندگين کي حضور اڪرم ﷺ جي تعليمات ۽ سنتي نموني مطابق بڻائينداسين. پير محمد خالد سلطان سروري القادري چيو ته نوجوان نسل کي سيرت مصطفيٰ ﷺ سان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ته جيئن معاشري ۾ اخلاق، برداشت، محبت، رواداري، باهمي احترام ۽ پائيچاري کي هٿي ملي سگهي. مسلمان جي حقيقي ڪاميابي ان ۾ آهي ته هو قرآن ڪريم ۽ سنت رسول ﷺ کي پنهنجي زندگي جو مرڪز بڻائي ۽ معاشري ۾ امن ۽ محبت جي فروغ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان موقعي تي نعت خوانن بارگاهه رسالت مآب ﷺ ۾ عقيدت ۽ محبت جا نذرانا پيش ڪيا، ڪانفرنس جي پڄاڻي تي پاڪستان جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي، امت مسلمه جي اتحاد، ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

گهوٽڪي پير محمد خالد سلطان سروري القادري جشن عيد ميلاد النبي حق باهو ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ملي لڳ سيڏيو لنڪ روڊ تباهي جو شڪار،ڳوٺاڻا چندو ڪري مرمتي ڪم ڪرائڻ تي مجبور

ٽڏون ڪوٽ ڏيپلو روڊ، پڏريو مورا وايا سيڏيو لنڪ روڊ جيڪو سال 2009ع ۾ تعمير ڪيو ويو هو،بوڏ دوران هنڌان هنڌان ٽٽي پيو هو

ضلعي انتظاميه ۽ ورڪس اينڊ سروسز کاتي کي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ۽ شڪايتون ڏنيون ويون پر مرمت لاءِ عملي قدم نه کنيو ويو

روڊ جي ٻن اهم لنڪن جي حالت انتهائي خراب هجڻ سبب ڳوٺاڻن کي آمدورفت ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

سيڏيو لنڪ روڊ جو فوري طور ٽيڪنيڪل سروي ڪرائي، مڪمل مرمت لاءِ فنڊ جاري ڪري ۽ عملي ڪم شروع ڪرايو

ملي (ڊ ر)سيڏيو لنڪ روڊ جي تباهي، ڳوٺاڻا چندو ڪري مرمت ڪرڻ تي مجبور،ٽڏون ڪوٽ ڏيپلو روڊ، پڏريو مورا وايا سيڏيو لنڪ روڊ، جيڪو سال 2009ع ۾ تعمير ڪيو ويو هو اهو 2011ع جي بوڏ دوران هنڌان هنڌان ٽٽي ۽ سخت متاثر ٿيڻ باوجود اڄ تائين مڪمل مرمت کان محروم آهي،علائقي واسين موجب روڊ جي تباهه ٿيل صورتحال بابت ضلعي انتظاميه ۽ ورڪس اينڊ سروسز کاتي کي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ۽ شڪايتون ڏنيون ويون آهن پر ڊگهو عرصو گذرڻ باوجود روڊ جي مرمت لاءِ ڪو خاطر خواهه عملي قدم نه کنيو ويو آهي روڊ جي ٻن اهم لنڪن جي حالت انتهائي خراب هجڻ سبب ڳوٺاڻن کي آمدورفت ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو صورتحال کان تنگ اچي سيڏيو جي نوجوانن ۽ ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت چندو گڏ ڪري سيمنٽ خريد ڪئي ۽ ٻنهي اهم لنڪن جي مرمت جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي،علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جنهن روڊ جي تعمير ۽ مرمت حڪومت ۽ لاڳاپيل کاتن جي ذميواري آهي، ان جي مرمت لاءِ غريب ڳوٺاڻا پاڻ چندو گڏ ڪرڻ تي مجبور آهن جيڪا انتظامي ڪارڪردگي تي هڪ وڏو سوال آهي. ڳوٺاڻن سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميا ۽ ورڪس اينڊ سروسز کاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته سيڏيو لنڪ روڊ جو فوري طور ٽيڪنيڪل سروي ڪرائي، مڪمل مرمت لاءِ فنڊ جاري ڪري ۽ عملي ڪم شروع ڪرايو وڃي، جيئن سيڏيو پڏريو مورا ٽڏون ڪوٽ ڏيپلو ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين کي درپيش سفري مشڪلاتن جو خاتمو ٿي سگهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 31 آگسٽ 2026ع

ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جي ضرورت يا انتظامي ناڪامي؟

سنڌ حڪومت پاران ٽي لک ٽن پرڏيهي ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جو فيصلو اهڙي وقت سامهون آيو آهي، جڏهن سنڌ جهڙي زرعي صوبي ۾ ڪڻڪ جي پيداوار، خريداري، ذخيري ۽ ورڇ جو نظام هر سال نون سوالن کي جنم ڏيندو رهي ٿو هڪ پاسي حڪومت کي مستقبل جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ پرڏيهي ڪڻڪ درآمد ڪرڻي پئجي رهي آهي تہ ٻئي پاسي صوبي جي مختلف علائقن مان ڪڻڪ جي مبينا ذخيره اندوزي خلاف ڪارروايون جاري آهن اها صورتحال رڳو خوراڪ جي کوٽ جو معاملو ناهي پر زرعي پاليسي، سرڪاري خريداري، ذخيري جي نظام ۽ مارڪيٽ مئنجمينٽ جي مجموعي ڪارڪردگيءَ تي بہ سنجيده سوال اٿاري ٿي سنڌ ڪابينا جي فيصلي موجب صوبائي حڪومت ٽي لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ وفاقي وزارت کي باضابطہ درخواست پڻ موڪلي وئي آهي سنڌ ڪابينا جي ذيلي ڪاميٽي جي اجلاس ۾ ڪڻڪ جي درآمد لاءِ تجويز ڪيل ٽي طرفي معاهدي جو جائزو ورتو ويو، ڪاميٽي وفاقي حڪومت کي درخواست ڪئي آهي تہ 15 ڊسمبر کان اڳ ڪڻڪ جي درآمد کي يقيني بڻايو وڃي حڪومت جو دليل يقيناً اهو هوندو تہ صوبي جي خوراڪ جي ضرورت کي نظر ۾ رکندي ڪڻڪ جو مناسب ذخيرو موجود هجڻ ضروري آهي، جيئن مارڪيٽ ۾ قيمتن ۾ اوچتو واڌ، اٽي جي کوٽ يا عام صارف کي ڪنهن بحران کي منهن نہ ڏيڻو پوي، پر سوال اهو آهي تہ آخر سنڌ، جيڪا پاڻ ڪڻڪ پيدا ڪندڙ اهم صوبو آهي، ان کي هر ڀيري پرڏيهي ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جي ضرورت ڇو محسوس ٿئي ٿي؟ هيءُ سوال ان ڪري بہ اهم آهي جو سنڌ ۾ هزارين ايڪڙ زمين تي ڪڻڪ پوکي وڃي ٿي ۽ هاري پنهنجي محدود وسيلن سان ملڪ جي خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جيڪڏهن صوبي ۾ ڪڻڪ جي پيداوار موجود آهي تہ پوءِ اصل ضرورت هڪ اهڙي جامع پاليسي جي آهي جنهن تحت هاريءَ کي مناسب اگهہ، معياري ٻج، ڀاڻ، پاڻي ۽ جديد زرعي سهولتون فراهم ڪري پيداوار وڌائي وڃي درآمد کي مستقل حل سمجهڻ بدران ان کي رڳو هنگامي ضرورت تائين محدود رکڻ گهرجي ٻئي طرف پاسڪو کان ڪڻڪ خريد ڪرڻ بابت ڪاميٽي جو اهو فيصلو بہ اهم آهي تہ رڳو مقرر ڪيل معيارن تي پورو لهندڙ ۽ استعمال لائق ڪڻڪ ئي خريد ڪئي ويندي خوراڪ جي معاملي ۾ معيار تي ڪنهن بہ قسم جي سوديبازي نہ ٿيڻ گهرجي عوام جي صحت سان لاڳاپيل شين ۾ گهٽ معيار جي ڪڻڪ خريد ڪرڻ يا ذخيرو ڪرڻ نہ رڳو سرڪاري خزاني جو نقصان آهي پر لکين ماڻهن جي صحت سان بہ ناانصافي آهي

پاسڪو کان حاصل ٿيندڙ هڪ لک ٽن ڪڻڪ ڪراچي ۽ 90 هزار ٽن حيدرآباد ۾ ذخيرو ڪرڻ جو فيصلو پڻ انتظامي نگرانيءَ جي تقاضا ڪري ٿو ڪڻڪ کي گودامن ۾ رکڻ ڪافي ناهي، ان جي معيار، وزن، پوسل اسٽاڪ جي اچ وڃ ۽ ورڇ جو شفاف رڪارڊ پڻ لازمي هجڻ گهرجي ماضيءَ ۾ خوراڪ کاتي جي معاملن بابت جيڪي سوال اٿندا رهيا آهن، تن کي نظر ۾ رکندي هن ڀيري مڪمل شفافيت ۽ جديد نگرانيءَ جو نظام اختيار ڪرڻ ضروري آهي ان حوالي سان هالا جي فيض ون ڪالوني ۾ خوراڪ کاتي متياري پاران مبينا ڪڻڪ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪيل ڪارروائي پڻ غور طلب آهي ڪارروائي دوران 1100 کان وڌيڪ ڪڻڪ جون ٻوريون هٿ ڪري ضبط ڪيون ويون جيڪڏهن واقعي ڪنهن وٽ غيرقانوني طور وڏي مقدار ۾ ڪڻڪ ذخيرو ٿيل آهي تہ قانون موجب سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي پر ساڳئي وقت اهو بہ ڏسڻ گهرجي تہ قانوني واپار ڪندڙ هاري ۽ جائز طور ڪڻڪ رکڻ وارا ماڻهو بنا سبب متاثر نہ ٿين حڪومتي ڪارروائي جو مقصد رڳو ٻوريون ضبط ڪرڻ نہ پر مارڪيٽ ۾ مصنوعي کوٽ ۽ ناجائز منافعي خوري جو خاتمو هجڻ گهرجي اسين سمجهون ٿا تہ اصل مسئلو اهو آهي تہ ڪڻڪ جي پاليسي رڳو بحران اچڻ کان پوءِ نہ ٺهڻ گهرجي سنڌ حڪومت کي هر سال ڪڻڪ جي پيداوار، صوبائي ضرورت، سرڪاري خريداري، خانگي ذخيري، اٽي جي ملن جي گهرج ۽ ايندڙ موسم جي امڪاني پيداوار جو سائنسي بنيادن تي جائزو وٺڻ گهرجي ان سان گڏ هاريءَ کي يقين ڏيارڻ ضروري آهي تہ سندس پيداوار مناسب اگهہ تي خريد ڪئي ويندي ۽ کيس واپارين جي رحم ڪرم تي نہ ڇڏيو ويندو

لطيفي لات ــــــــ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

ڪَرَهَا ڪَسَرَ چَڙهُ، وِکَ وَڌَنديِ پَاءِ،
مُنهنجو هَلَڻُ اُتهين، جِتي جَانِبَ جَاءِ،
تَو کي چَندَنُ چَارِيَان، ڀِيَو وَڳُ لاَئِي ڪَاءِ،
اِيهين اَٺَ اَنَاءِ، تہ هُونديِ رَاتِ هُتِ مِڙُون.

عشق، پيار، محبت، چاهت، قرب وغيره، سماج جون اهي صفتون، گڻ ۽ لاڳاپا آهن جن جون وصفون بيان ڪرڻ لاءِ اهو قلمڪار گهرجي جنهن کي لفظن جو الهام ٿيندو هجي ۽ اها ذات وري قدرت واري لطيف سائينءَ اڻ مٽ عطا ڪئي آهي، جنهن تي شاعري نازل ٿيندي هئي محبوبن کان پري هجڻ ڪري جيڪا جهجهڻ ۽ جهوري ماڻهوءَ کي اندران ئي اندران کپي ۽ کوري ٿي تہ کهڙيءَ ريت، ڪيئن بہ ڪري محبوبن سان ملڻ جي ڪا واٽ ڪڍان ۽ انهن وٽ پهچڻ جي ڪيان جيئن جلديءَ ۾ ماڻهوءَ کي ڪٿي پهچڻو هوندو آهي تہ ٽيڪسي يا رڪشي واري کي هيٺو ڪرايو ٿو جهٻو اٿس تہ يار جلدي ۾ پهچاءِ دير نہ ڪرايا! ٺيڪ ساڳي ئي ريت هتي بہ لطيف سائين اٺ کي ڪاهلي ڇڏڻ ۽ تيز ۽ تڪڙيون وکون کڻي هلڻ لاءِ چئي ٿو تہ منهنجو هلڻ محبوبن جي ماڳ ڏانهن اٿئي جلديءَ ۾ پهچاءِ تہ اتي توکي چندن ڪارايان جڏهن تہ هين اُن جو ڳلو يا وڳ وٽي ۾ لائي ڪاٺ لاءِ جهر جهنگ ڳاڙيندو! اي اٺ! هاڻ مون کي اڌاري ڪئي هلي پرين وٽ پهچاءِ جو گهڻي دير مون کان برداشت نہ پئي ٿئي اهائي مهل اتي رساءِ جتي جانب جي جوءِ آهي، وقت نہ وڃاءِ جيئن سڄڻن جا دل کولي درشن ڪيان **(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)**

ٿر ۾ ٻي برسات نہ پوڻ جو معاشي بحران

مير محمد جوڻيجو

هن سال آگسٽ جي پهرين کان 03 تاريخ تائين ٿرپارڪر جي مختلف علائقن ۾ سٺيون برساتون ٿيون انهن برساتن کان پوءِ ٿرجي ماڻهن ۾ هڪ نئين اميد پيدا ٿي ڪيترن ئي هارين پنهنجون ٻنيون پوکيون، ٻج زمين ۾ وڌا ويا، فصل ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ۽ مالوند خاندان بہ ٻرڙاجي علائقن ڏانهن ويل جانورن کي واپس ٿرڏانهن آڻڻ شروع ڪيو ماڻهن کي اميد هئي تہ شروعاتي برسات کان پوءِ ٻي ۽ ٽين برساتون ٿينديون، زمين ۾ نمي برقرار رهندي، فصل اڳتي وڌندا، جهنگ ۾ قدرتي چارو پيدا ٿيندو ۽ جانورن جي خوراڪ جو بندوبست مقامي سطح تي ٿي ويندو پر آگسٽ جي شروعاتي برسات کان پوءِ اڃا تائين ٻي برسات نہ ٿيڻ سبب اها اميد هاڻي پريشانيءَ ۾ تبديل ٿيڻ لڳي آهي فصل هن وقت اهڙي نازڪ مرحلي ۾ آهن، جتي انهن کي وڌڻ لاءِ وڌيڪ برسات جي ضرورت آهي ڪيترن ئي علائقن ۾ فصل اوڙ مان مس نڪتا آهن يعني ٻج تہ ڦٽي آيو آهي، پر ٻوٽو اڃا ايترو مضبوط نہ ٿيو آهي جو ڏگهي خشڪي ۽ سخت گرميءَ کي برداشت ڪري سگهي جيڪڏهن ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ مناسب برسات نہ پئي تہ زمين ۾ موجود نمي گهٽجڻ سان اهي فصل ڪمزور ٿيڻ شروع ٿي سگهن ٿا. هڪ ڀيرو فصل سڪي وڃڻ شروع ٿيو تہ هاريءَ وٽ ان کي ٻيهر بچائڻ جو ڪو آسان رستو موجود نہ هوندو ٿر جي هاريءَ جي بدقسمتي اها آهي تہ هو فصل پوکي تہ سگهي ٿو پر فصل کي پنهنجي مرضي سان پاڻي نٿو ڏئي سگهي هو زمين تيار ڪري سگهي ٿو، ٻج خريد ڪري سگهي ٿو، پوکائي لاءِ مزدوري يا مشينري جو خرچ ڪري سگهي ٿو، پر ان کان پوءِ سندس نظر آسمان ڏانهن هوندي آهي ڪڪر اچن تہ اميد پيدا ٿئي ٿي، برسات پوي تہ فصل وڌي ٿو ۽ برسات رڪجي وڃي تہ سڄي محنت خطري ۾ پئجي وڃي ٿي هيءُ ٿي ٿر جي برساتي زراعت جي بنيادي حقيقت آهي جنهن سبب هتي هڪ عام برساتي وقفو بہ خاندان جي معاشي مستقبل لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو ٿر ۾ فصل رڳو بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ پيدا نہ ٿيندا آهن هڪ سٺو فصل خاندان لاءِ خوراڪ جو ذريعو آهي، جانورن لاءِ چارو آهي ۽ ڪيترن ئي خاندانن لاءِ قرض لاهڻ جو موقعو پڻ آهي باجهري، گوار، مڱ، موٺ ۽ ٻين فصلن مان حاصل ٿيندڙ پيداوار خاندان جي خوراڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ فصلن مان نڪرندڙ گوارٽي، پني، ڏانا وري جانورن لاءِ خوراڪ طور ڪم اچن ٿا. جيڪڏهن فصل سٺو ٿئي تہ خاندان کي بازار مان اناج خريد ڪرڻ جي ضرورت گهٽ پوي ٿي، جانورن لاءِ ڪجهہ چارو گهر مان ئي ملي وڃي ٿو ۽ محدود آمدنيءَ مان ڪجهہ رقم ٻين ضرورتن لاءِ بچي سگهي ٿي پر جيڪڏهن فصل نہ ٿئي تہ اهي سڀئي فائدا هڪ ئي وقت ختم ٿيڻ شروع ٿين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ٿر ۾ فصل جي نہ ٿيڻ کي صرف زرعي نقصان سمجهڻ غلط ٿيندو فصل نہ ٿيڻ سان جتي خاندان جي خوراڪ متاثر ٿئي ٿي، اتي آمدني گهٽجي ٿي، قرض واپس ڪرڻ جي صلاحيت گهٽجي ٿي، جانورن لاءِ چارو خريد ڪرڻ جو خرچ وڌي ٿو ۽ بازار تي انحصار وڌي وڃي ٿو يعني هڪ ئي موسمي مسئلو ڪيترن ئي معاشي مسئلن کي جنم ڏئي ٿو جيڪڏهن برسات جي کوٽ ڏگهي ٿي وڃي تہ هاريءَ جي لاءِ اها صورتحال صرف هڪ خراب موسم نہ رهندي، پر سندس خاندان جي معاشي استحڪام لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي سگهي ٿي ٿرجي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ مالداريءَ جو ڪردار زراعت جيترو ئي اهم آهي ڪيترن ئي خاندانن وٽ جانور سندن سڀ کان اهم اثاثو آهن ٻڪريون، رڍون، ڳئون، اٺ ۽ ٻيا جانور خاندان لاءِ کير، گوشت، آمدني ۽ هنگامي وقت ۾ نقد رقم جو ذريعو فراهم ڪن ٿا. جڏهن خاندان کي شادي، بيماري، تعليم يا گهرجي ڪنهن وڏي خرچ لاءِ پئسن جي ضرورت پوي ٿي تہ جانور وڪڻي ان ضرورت کي پورو ڪيو وڃي ٿو ان ڪري جانور ٿر جي ماڻهن لاءِ صرف مال نہ پر هڪ قسم جي هلندڙ بچت ۽ معاشي تحفظ آهن برسات سٺي ٿئي تہ جانورن جي خوراڪ جو وڏو حصو قدرتي چراگاهن ۽ فصلن مان حاصل ٿي وڃي ٿو. جهنگ ۾ گاهہ ۽ ٻوٽا پيدا ٿين ٿا، ٻنيءَ مان فصل سان گڏ جانورن لاءِ چارو ملي ٿو ۽ مالوند خاندانن کي ٻرڙاجي علائقن مان چارو خريد ڪري آڻڻ جي ضرورت گهٽجي وڃي ٿي پر هن سال شروعاتي برسات کان پوءِ ٻي برسات ۾ دير ٿيڻ سبب قدرتي چاري جي صورتحال بابت خدشا وڌي رهيا آهن ان جو هڪ اهم اشارو اهو آهي تہ آگسٽ جي مهيني ۾ بہ وڏي جانورن لاءِ پالال گاڏين ذريعي ٻرڙاجي علائقن مان ٿر جي ڳوٺن ڏانهن پهچايو پيو وڃي چاري جون موجوده قيمتون مالوند خاندانن لاءِ هڪ ٻي پريشاني آهن هن وقت پالال جو هڪ مڻ لڳ ڀڳ 1100 رپين تائين پهچي چڪو آهي، جڏهن تہ ٻوهہ جو هڪ مڻ تقريباً 2500 رپين تائين وڪامڻ جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي جيڪڏهن برسات ۾ وڌيڪ دير ٿي ۽ مقامي چراگاهن مان مناسب چارو پيدا نہ ٿيو تہ چاري جي طلب وڌڻ سان ان جي قيمت بہ وڌيڪ وڌي سگهي ٿي اهڙي صورت ۾ مالوند خاندانن کي پنهنجن جانورن کي زنده رکڻ لاءِ وڌيڪ پئسا خرچ ڪرڻا پوندا، جڏهن تہ انهن وٽ اضافي آمدني جا ذريعا محدود هوندا **(هلندڙ)**

ويانا جي گهٽين مان اڀرندڙ هڪ شاهي رشتي جي خبر ۽ ڀٽو خاندان جي تاريخ!

راجا زاهد اختر خانزاده

پاڪستان ۾ ڪي سوال اهڙا آهن، جن جو نہ آئين سان تعلق آهي، نہ پارليامينٽ سان ۽ نہ ئي حڪومت ناهڻ يا ڪيرائڻ سان. پوءِ بہ عوام انهن کي بجيٽ ۽ چونڊ نتيجن کان وڌيڪ ڌيان سان ٻڌي ٿو ورهين کان اهڙوئي هڪ سوال بلاول ڀٽو زرداريءَ جو پيڇو ڪندو پيو اچي تہ 'بلاول، شادي ڪڏهن ڪري رهيا آهيو؟' هن سوال تي ڪڏهن هو مُشڪي پيو، ڪڏهن ٽاري ويو تہ ڪڏهن اُلٽو صحافيءَ کان ئي پُڇي ويٺو تہ شادي مون کي ڪرڻي آهي يا اوهان کي؟ پر وقت عجيب مُنصف آهي، هو سوالن کي پوڙهو ٿيڻ نٿو ڏئي، رڳو جواب جو انتظار ڪندو رهي ٿو بلاول 21 سيپٽمبر 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو يعني ڪجهہ هفتن کان پوءِ هو 38 ورهين جو ٿي ويندو. اها عمر جڏهن اسان وٽ مائرون پُٽ جي سياسي ڪاميابين کان وڌيڪ سندس مٿي تي سهرو ڏسڻ جي فڪر ۾ پئجي وينديون آهن. هن ڀيري ڪهاڻيءَ جا ڪردار نوان آهن. مختلف ويب سائيٽن ۽ سوشل ميڊيا تي دعويٰ ڪئي پئي وڃي تہ بلاول جي شادي طئي ٿي چُڪي آهي ۽ ڇوڪريءَ جو تعلق آسٽريا جي ويجهو هڪ يورپي ملڪ سان آهي، جڏهن تہ صدر آصف علي زرداري بہ انهيءَ ئي عرصي ۾ يورپ جي نجي دوري تي ويل آهي.

هڪ رپورٽ موجب صدر زرداري 27 کان 31 آگسٽ تائين آسٽريا ويل آهي ۽ خاندان پاران ڪوبہ باضابطہ اعلان سامهون ناهي آيو. صحافي عليند شگريءَ چيو تہ صدر زرداري بلاول جي شاديءَ جي تاريخ طئي ڪرڻ جي سلسلي ۾ ويانا ۾ موجود آهي ۽ بلاول جي امڪاني گهرواريءَ جو تعلق پاڪستان سان نہ پر يورپ سان آهي. ان هوندي بہ اهو واضح ناهي تہ هوءَ ڪهڙي يورپي ملڪ سان تعلق رکي ٿي. سوشل ميڊيا هن خال کي پنهنجي انداز ۾ ڀريو. هڪ بيانيو ٿيندڙ ڪنوار کي ليختن اشٽائين جي حاڪم خاندان (House of Liechtenstein) سان ڳنڍي ٿو. ٻيو وري کيس آسٽريا جي اڳوڻي شاهي خاندان (Habsburg) ۽ آخري آسٽرين شهنشاهہ ڪارل اول جي نسل سان منسوب ڪري ٿو. ڪٿي واڊوز جو ذڪر آهي تہ ڪٿي ويانا جو. يعني ڪنوار هڪ آهي يا هر پوسٽ پنهنجي شهزادي ڳولي ورتي آهي، اهو اڃا طئي ٿيڻو آهي. پوءِ اهو جواب اچي ويو جيڪو صحافت کي وري ميز تي آڻي ويهاري ٿو. ميئر ڪراچي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين جي ترجمان مرتضيٰ وهاب انهن خبرن کي رد ڪندي چيو تہ بلاول ڀٽو زرداريءَ جي مڱڻي يا شاديءَ بابت خبرون غلط ۽ بي بنياد آهن. گذريل عرصي ۾ سندس وزن ۾ چڱي خاصي گهٽتائي آئي آهي، ايتريقدر جو آمريڪا، واشنگٽن ۾ منهنجي هڪ صحافي دوست خود ڪائنس فٽنيس جو راز پُڇي ورتو هو؟ هاڻي شرارتي ذهن ٻنهي ڳالهين کي جوڙي پُڇندو تہ صاحب گهٽي وقت کان سهرو ٻڌڻ جي تياري تہ نہ پيو ڪري؟ پر هتي ئي صحافت کي مُشڪ کان پوءِ هڪ ليڪ ڪڍڻي پوي ٿي. وزن گهٽائڻ حقيقت آهي، ان کي شاديءَ جي تياري قرار ڏيڻ جو ڪوبہ ثبوت ناهي. اها خبر ناهي، رڳو هڪ خوشمزاج قياس آهي. اڄڪلهہ جيڪي تصويرون گردش ۾ آيل آهن، انهن ۾ موجود عورت جي سڃاڻپ، شاهي نسب يا بلاول سان ڪنهن ممڪن رشتي جي تصديق رڳو هڪ پوسٽ جي بنياد تي نٿي ڪري سگهجي. جيڪڏهن اهي تصويرون شايع ٿين تہ انهن تي 'سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ تصوير' ئي لکڻ گهرجي، بلڪ 'بلاول جي امڪاني گهرواري' هرگز نہ لکجي. سوال اهو ناهي تہ بلاول شادي ڪري رهيو آهي يا نہ؟ سوال آهي تہ هڪ ماڻهوءَ جو نڪاح قوم لاءِ بحث جو موضوع ڇو بڻجي وڃي ٿو؟ ان جو جواب ڀٽو خاندان جي پنهنجي تاريخ ۾ موجود آهي. ڊسمبر 1987ع ۾ ڪراچيءَ ۾ بينظير ڀٽو جي آصف علي زرداريءَ سان شادي ٿي، هڪ طئي ٿيل شادي، جيڪا آڪسفورڊ ۽ هارورڊ جي تعليم يافتہ بينظير لاءِ گهڻن جي نظر ۾ حيران ڪندڙ هئي. سندس مطابق آصف زرداريءَ سان سندس تعارف رشتو قبول ڪرڻ کان رڳو پنج ڏينهن اڳ ٿيو هو. جولاءِ 1987ع ۾ لنڊن ۾ مڱڻيءَ کان پوءِ پارٽيءَ پاران جاري ڪيل پڌرائيءَ ۾ بينظير چيو تہ هوءَ پنهنجي مذهبي ذميوارين ۽ خاندان سان فرض جي احساس هيٺ هن رشتي کي اڳتي وڌائي رهي آهي. ان وقت ڪيترن ئي ڪالم نگارن لکيو تہ شايد بينظير شاديءَ کان پوءِ سياست ئي ڇڏي ڏيندي. اها ناراضگي وقت سان گڏ آصف علي زرداريءَ ڏانهن منتقل ٿيندي وئي. "مسٽر ٽين پرسينٽ" جو لقب، ڪميشن ۽ ڪِڪ بيڪس جا الزام ۽ اهو عام تاثر هو تہ سندن شادي بينظير جي زوال ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندي. 1990ع ۾ پهرين حڪومت برطرف ٿيڻ تي گرفتاري، 1993ع ۾ جيل مان آزادي، پوءِ 1996ع ۾ ٻيهر قيد. 1987ع کان 2007ع تائين شاديءَ جي 20 سالن ۾ جوڙو مشڪل سان 7 سال گڏ گذاري سگهيو. 1994ع ۾ هن نيويارڪ ٽائيمز کي چيو تہ هڪ مسلم جماعت جي قيادت ڪندي هوءَ محبت جي شادي ڪرڻ جي آزادي نہ رکندي هئي، ائين ڪرڻ سندس سياسي ڪيريئر کي تباهہ ڪري ڇڏي ها. سندس اهو جملو هن پوري ڪالم جو مرڪزي نُڪتو آهي. پاڪستان ۾ سياستدان جي ذاتي زندگي سندس پنهنجي ملڪيت نہ رهندي آهي. بلاول جو نانو ذوالفقار علي ڀٽو جنهن جي زندگيءَ ۾ بہ اهو ئي تضاد موجود هو. سندس پهرين شادي 1943ع ۾ پنهنجي ڪزن شيرين امير بيگم سان ٿي، جيڪا ڪائنس ڏهہ ورهيہ وڏي هئي ۽ جنهن مان ڪا اولاد نہ ٿي. ٻي شادي بيگم نصرت ڀٽو سان، جيڪا پاڪستان جي خاتون اول بڻجي آئي ۽ جنهن جي ڪُک مان بينظير ڄائي، مير مرتضيٰ ۽ شاهنواز جنم ورتو. اڃن هڪ وڌيڪ نالو بہ آهي، جيڪو تاريخ ۾ لڪيل آهي، حسنہ شيخ.

1961ع ۾ ڍاڪا ۾ جڏهن چوٽيهہ سالن جو ڀٽو ايوب خان جو نوجوان پرڏيهي وزير هو تڏهن سندس ملاقات حسنہ شيخ سان ٿي، جيڪا ان وقت بنگالي وڪيل عبدالاحد جي گهرواري ۽ ٻن ننڍڙين نياڻين جي ماءُ هئي. آمريڪي مؤرخ اسٽينلي وولپرٽ کي ڏنل بيان موجب اهو تعلق پندرهن ورهيہ قائم رهيو. ڊسمبر 1971ع ۾ ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ کان وٺي 1977ع جي فوجي انقلاب تائين، جڏهن هوءَ لنڊن هلي وئي، حسنہ شيخ حڪومت جي اندر هڪ غيررسمي 'ڪچن ڪيبنيٽ' هلائيندي رهي. پيپلز پارٽيءَ جي سلمان تاثير ڪيس 'پاڪستان جي ميڊم دي پومپادور' قرار ڏنو هو. ٺيڪ اڌ صديءَ کان پوءِ اڄ اسان وري هڪ ڀٽي جي نڪاح تي قياس ڪري رهيا آهيون ڪجهہ نہ بدليو آهي، سواءِ ان جي تہ ان زماني ۾ اهڙا بيان محفلن ۾ ٿيندا هئا، اڄ ٽرينڊ بڻجي ويندا آهن. عمران خان جون ٽئي شاديون سياسي مواد بڻيون. جمعما گولڊ اسمٿ سان رشتي کي سندس مخالفن ورهين تائين "يهودي لابي" جي طعني ۾ وجهي ڇڏيو. ريحام خان کان جدائي هڪ ڪتاب ۽ مهينن جي ٽاڪ شوز ۾ بدلجي وئي. ٽين شادي؟ اها تہ باقاعده عدالت ۾ وڃي پهتي. فيبروري 2024ع ۾ هڪ عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بيبيءَ کي 7 سال قيد جي سزا ٻڌائي، ڏوهہ اهو تہ سندن 2018ع واري شادي عدت جي مُدت پوري ٿيڻ کان اڳ ٿي هئي. 13 جولاءِ 2024ع تي انهيءَ ئي عدالت ٻنهي کي بري ڪري ڇڏيو. ٿي سگهي ٿو اها ڪهاڻي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سوشل ميڊيا جي مٽيءَ ۾ گم ٿي وڃي، جيئن اڳ ڪيتريون ئي گم ٿي چڪيون آهن. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن صبح پيپلز پارٽيءَ جي ڪنهن باضابطہ اڪائونٽ تان هڪ تصوير نمودار ٿئي، ساڻ ڪجهہ لفظ لکيل هجن ۽ ورهين کان ٿيندڙ سوال جو جواب ملي وڃي.

هڪ نظر گاديءَ واري شهر ۾ پيش ايندڙ واقعن تي!



ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ

جڏهن گاديءَ واري هنڌ اهڙيون ڏکوئيندڙ حالتون هجن جو نہ رڳو پارليامينٽ هائوس بلڪ شفا گهرن (اسپتالن) تائين لاشن جا ڍير ڏسجن هر طرف اوڇنگارون ئي اوڇنگارون نظر اچن جيڪڏهن امن امان جي صورتحال مٿان نظر ڦيرائجي تہ خود امن ۽ قانون جي پاسداري ڪندڙ هٿن ۾ هٿيار ڪٽي انهن معصومن مٿان حملا ڪندا هجن گاديءَ واري شهر ۾ اهڙيون حالتون آهن تہ ملڪ جي ٻين ڪهڙن علائقن جا حال ڏسي ويهي ڏک ڏورجن وفاق جي دارلحڪومت شهر اندر بہ آهي معصوم ٻار جيڪي پيدائشي ڏينهن ۾ محفوظ ناهن ۽ هاڻ حڪومت ٺوڙي ذميوار آفيسر کهڙا بہ جواز پيدا ڪن انهن مائرن جون جهوليون تہ لاپرواهي ڪندي هٿن سان خالي ڪيون ويون ڪڏهن چيو پيو وڃي تہ شارٽ سرڪٽ سڙڻ سبب واقعو پيش آيو آهي تہ وري شروعاتي طور اهو ٻڌايو پئي ويو تہ ايئرڪنڊيشن جي ڪمپريسر ڦاٽڻ سبب باهہ لڳڻ ڪري هيلو سانحو پيش آيو آهي هونئن بہ پاڻ ڏٺو آهي تہ جيتري وڏي اسپتال نہ رڳو اوتري ڪرپشن پر وڏي ۾ وڏو جيڪو الميو آهي سو اهڙين اسپتالن اندر لاپرواهيءَ جو هوندو آهي اها جيڪا نرسري چئي وڃي ٿي جتي نئين ڄاول ٻارن کي ڪنهن انتهائي خطرناڪ حالتن ڪانپوءِ سندن لڪين رويہ پري اتي داخل ڪيو ويندو آهي هتي اسلام آباد جي جيڪا پمز اسپتال ٻڌائي پئي وڃي سا تہ سرڪاري آهي جو اهڙا پندرنهن ٻار جيڪي 5 کان 10 ڏينهن تائين جي پيدائش آهي جا ٻڌايا پيا وڃن اهي اهڙي واقعي جي ليپٽ ۾ اچڻ ڪانپوءِ انهيءَ پمز اسپتال جي اصليت ظاهر ٿي چڪي آهي جتان تازو اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جون ٽيسٽون ڪرائي سندن صحتياب قرار ڏيڻ ڪانپوءِ وفاقي حڪومت معزز عدالت جي ڪيل فيصلي جي تعميلات نہ ڪرڻ ڪانپوءِ سندن ٻيهر اڊيالا جيل موڪلي ڇڏيو ڪجهہ حلقن ذريعي اهي بہ خبرون ٻڌڻ ۾ اچن پيون تہ پمز اسپتال نہ رڳو لاپرواهي پر ڪرپشن جو گڙهہ بہ بڻجي چڪي آهي واقعي ڪانپوءِ جيتوڻيڪ ملڪ ۾ هڪ انتهائي ڳنڀيرتا جوڳي صورتحال ۽ بي چيني بہ ڇانئجي وئي آهي تہ وفاقي دارلحڪومت شهر جي سرڪاري اسپتال جو اگر اهڙو حال آهي تہ پوءِ ملڪ جي ٻين شهرن جي اسپتالن اندر ڇا وهندو واپرندو هوندو؟ پاڻ مختلف وقتن تي سرڪاري يا پرائيويٽ اسپتالن مان اهڙيون افسوسناڪ واقعن جون خبرون ٻڌندا ۽ پڙهندا آهيون پر گاديءَ واري شهر ۾ شايد اهڙو المناڪ واقعو ڪڏهن بہ پيش نہ آيو هجي، جيڪو هيئنر پيش آيو آهي صحت واري وفاقي وزير جا بہ ڪافي بيان ٻڌڻ ۾ آيا، جيڪو وڏي حوصلي ۽ اعتماد سان چوندو رهيو تہ جيڪڏهن آئون ڪٿي بہ ذميواري نڀائي نہ سگهيس تہ فوري استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندس اهڙيون ڪوڪليون دعوائون نہ رڳو پاڻ موجوده صحت واري وفاقي وزير جون ٻڌيون آهن پر مجموعي طور تي هر اقتداري ڌر جا ذميوار نمائندا اهڙيون ڳالهيون ڪندا رهن ٿا هتي اسين جيڪڏهن ملڪ سميت چئني صوبن جي سڌاري طرف وک کڻنداسين تہ هر طرف پاڻ کي شامِ غريبان نظر ايندي حيرت جي تہ اها ڳالهہ آهي جو خود وفاقي پارليامينٽ هائوس حقيقي طور محفوظ ناهي آيل خبرن موجب تہ اڄ کان هڪ هفتو اڳ پارليامينٽ هائوس اندر ڇهن جڳهن تان پاڻي ٽمندو رهيو، جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي چيمبر سميت ڇت مان ڇهن هنڌن کان پاڻي ٽمڻ جون خبرون سامهون آيون گذريل ڏينهن اڃان وڌيڪ حيرت ڪندڙ خبر ان وقت ٻڌي وئي، جڏهن اسلام آباد ۾ تيز برسات پوڻ سبب اڃان وڌيڪ پارليامينٽ هائوس جي ڇت ٽمڻ شروع ٿي وئي هاڻي اهڙيون حالتون ڏسڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن سنڌ جي انهن اسڪولن طرف نظر ڦيرايون جتي سکر جي بوائز هيڊ ڪوارٽر شهر جي هڪ گرلس اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب 20 جي لڳ ڀڳ معصوم شاگرديائيون ۽ استاد زخمي ٿي پيا، ان کان علاوه هتي ڪروڙين روپين جي بجيٽ هوندي بہ ڪا سرڪاري ايمبولينس موجود نہ هجڻ ڪري فوت ٿيل لاشن کي ڪٽي گڏهہ گاڏن ذريعي کڻايو ويندو آهي پارليامينٽ هائوس جي ڇت جيڪا مسلسل پاڻي ٽمڻ جون خبرون آيل آهن هاڻ اها خبر ناهي تہ انهيءَ ڇت جو ڪم 2019ع وارن ڏينهن ۾ ٿيو هو يا وري اڄوڪي حڪومت جو جيڪي پارليامينٽ هائوس جي ڇت بہ ڪونہ نهرائي سگهيا آهن لڳي ائين رهيو آهي تہ وفاقي حڪومت اهڙا پيرا بہ ماضيءَ جي عمران حڪومت ڏانهن ڪٽي ويندي ۽ پمز اسپتال جي واقعي ٺوڙي پارليامينٽ هائوس جي ٽمندڙ ڇت کان علاوه گاديءَ واري شهر جي هڪ ٻي خبر آهي تہ جتي هڪ امن جو رکوالو آپي مان نڪري ويو ۽ سرعام معصوم شاگردن مٿان نہ رڳو لٺين جو آزادانو استعمال ڪيو پر ور مان پستول ڪڍي يونيورسٽيءَ جي شاگردن مٿان هوائي فائر بہ ڪيائين اهڙي وڊيو وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ ملزم کي گرفتار ڪيو ويو آهي

هتي پاڻ انهيءَ پسند يا ناپسند عمل کي بہ نٿا وساري سگهون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ننڍي کان وڏي شهرن ۾ اڄ مختلف کاتن اندر پنجاب جو ڊوميسائيل رکندڙ ملازم ڀرتي ٿي رهيا آهن پر پوري دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو تہ ڪڏهن بہ سنڌ جي شهرين سان تعصب واري ٻولي يا رويو نہ رکيو هوندو جيڪڏهن سنڌ اندر اهڙو ماحول ڪونهي تہ پوءِ سنڌ جائي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي هڪ معزز جج سان مقامي وڪيلن پاران اهڙو نازيبا رويو ڇو پيو رکيو وڃي؟ خبر ناهي تہ ڪهڙيون قربيون سنڌ مان آيل معزز ججن کي قبولڻ لاءِ تيار ڪونہ آهن يقيناً سنڌ جو وڪيل اهڙي افسوسناڪ عمل تي انتهائي ڏکارو آهي بهرحال هيءُ تہ ملڪ جي گاديءَ واري شهر جون گهڻ رُخيون ۽ جيءُ جهوريندڙ حالتون بيان ڪيونسين ساڳئي وقت سنڌ اندر جيڪا مسلسل احتجاج واري صورتحال ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي انهيءَ جا پيرا بہ اوڏانهن وڃن ٿا. بهرحال هن وقت جيڪو تازو پمز اسپتال جو واقعو پيش آيو آهي، ان جي گهڻ رُخي جانچ ڪري گاديءَ واري شهر جون حالتون نظر ۾ رکڻ گهرجن

سائين روي شنڪر مُوراڻي: هڪ عظيم استاد

نندلال لوهاڻو

80جي ڏهاڪن کان پوءِ آئون جڏهن پنهنجي اباڻي ڳوٺ هرٻار مان پنجون درجو پاس ڪري هاءِ اسڪول مٺي ۾ داخلا ورتي ۽ ڪجهہ مهينن کان پوءِ مون کي بابا مٺي ڇڏي ڏيپلو ۾ منهنجي ڦڦي سيٺ ڪرمچند لوهاڻي جي گهروڄي ڏيپلو ۾ داخلا وٺي پڙهڻ جو حڪم ڪيو تہ آئون بہ وڃي ڏيپلو پهتس ۽ هاءِ اسڪول ڏيپلو ۾ داخلا وٺي پنهنجي تعليم جي شروعات ڪئي هي ڏيپلو شهر جو عظيم ۽ شاهڪار دور هو ۽ ان وقت ڏيپلو ۾ ميمڻ صاحبان جي عروج جو دور هو. ان وقت هاءِ اسڪول ڏيپلو جو هيڊ ماستر سائين محمد عثمان ميمڻ هو ۽ باقي ٻين استادن ۾ سائين مولي ڏنو ميمڻ الياس ڪلر، مشتاق ڪلر، رمضان جوڻيجو، سائين روي شنڪر موراڻي، انور جوڻيجو ۽ ٻيا بہ محنتي استاد هوندا هئا، جن ۾ حبيب الله ڪنڀار، سائين دولترام ميگهواڙ بہ هن تعليمي درسگاهہ ۾ پڙهائيندا هئا. ڏيپلو شهر ۾ ماما ميمڻ صاحبان رهندا هئا، جيڪي انتهائي سخي دل ۽ غريبن جا همدرد هوندا هئا. هاءِ اسڪول ڏيپلو ۾ اسان کي سائين روي شنڪر موراڻي سنڌي ۽ سِوِڪس جا سبجيڪٽ پڙهائيندا هئا. هوم ورڪ اسان کان رهجي ويندو هو ۽ اسان بهانا ڪري سائين روي شنڪر موراڻيءَ کي ٻڌائيندا هئاسين پر سائين اسان کي ڪڏهن بہ چماٽون نہ هڻيون ۽ وري بہ پيار ۽ اڪيچار سان سمجهائي هوم ورڪ لکي اچڻ لاءِ چوندا هئا. هي اهو دور هو جڏهن ميمڻ صاحبان جو ڏيپلو ۾ عروج هو ۽ ميمڻ صاحبان شرافت جو هڪ وڏو مثال هئا. سائين روي شنڪر جڏهن ڪلاس ۾ سبجيڪٽ پڙهائڻ لاءِ ايندا هئا تہ شاگردن ۾ خوف طاري ٿي ويندو هو پر موراڻي صاحب ڪلاس ۾ اچڻ شرط سڀني شاگردن کان خير و عافيت معلوم ڪرڻ کان پوءِ ئي پڙهائڻ جي شروعات ڪندا هئا ۽ ڪڏهن بہ ڪاوڙ ۾ نہ پر محبت سان ڳالهائيندا هئا. ان ڪري ئي ڪلاس ۾ دوستاڻو ماحول پيدا ڪري پوءِ پڙهائيندا هئا ۽ اها خوبي اسان کي هر استاد ۾ نظر ڪونہ ايندي هئي اسان سائين مُوراڻي کي جهڪي سلام ڪندا هئاسين ۽ موڪل ٿيڻ بعد سائينءَ جي اڳواڻيءَ ۾ اسڪول مان نڪري گهرن تائين ويندا هئاسين تہ سائين روي شنڪر سڀني شاگردن سان هر هر موڪلائي ڪلي چوندو هو تہ هوم ورڪ سڀائي مڪمل ڪري اچجو، نہ تہ ڏنڊا کائيندا! پر ڏنبو تہ پري جي ڳالهہ اسان کي ڪڏهن ڪن مهٽ بہ نہ ڪيائون. سدائين اسان شاگردن جي همت ۽ عزت افزائي ڪندا هئا. اهو فن چئون يا ڏاهپ چئون يا وڏائي چئون پر اها هر استاد ۾ ناهي هوندي روي شنڪر موراڻي جو اولاد بہ اڄ اهل قلم آهي جنهن تي اسان کي ناز آهي ۽ سندن ڪيترائي شاگرد هن وقت مختلف هنڌن تي ملڪ يا ملڪ کان ٻاهر ڪم ڪري رهيا آهن پر اهي سندن ڪردار ۽ شخصيت کي وساري نہ سگهيا آهن پاڻ هن فاني دنيا ۾ نہ آهن پر سندن ڪردار اڄ بہ هزارين دلين ۾ ياد آهي ۽ ياد رهندو اسان جي دعا آهي تہ ملڪ سائين روي شنڪر مُوراڻي جن کي سرڳ ۾ جاءِ ڏئي ۽ اسان جي دلين ۾ هميشہ موجود رهن



اسان جو مستقبل سڙي ويو!



محمود شام

اسان اهو ٻڌندا آيا آهيون تہ دنيا ۾ جيڪو بہ نئون ڄاول ٻار اچي ٿو اهو اهو پيغام کڻي اچي ٿو تہ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کان مايوس ناهي ٿيو. پر اهي 15 نوان ڄاول ٻار تہ ڪو ٻيو ئي پيغام ڏئي ويا. رحمان ۽ رحيم ڪين پاڻ وٽ واپس گهرائي ورتو. ڇا اسان سڀني کي ڏکي نہ وڃڻ گهرجي تہ مٿان قادرِ مطلق اسلام آباد کان ناراض تہ نہ ٿي ويو آهي؟ پر ان خوف ۽ ڏکڻيءَ بدران حڪمران تہ انهن مظلوم ۽ غمگين ماءُ پيءُ کي ئي للڪاري رهيا آهن: سامهون اچو سڀ ڪجهہ صحيح هو. سڀ ڊاڪٽر نرسون ۽ ٻيو عملو موجود هو. سڀ خبردار هئا. آسمان ڏسي رهيو هو ڪئميرا نگهبان هئا. سڀني پنهنجون ذميواريون نڀايون. جيڪڏهن سڀ موجود هئا تہ پوءِ علائقي جي مائرن جون تمنائون، پيئرن جون مرادون، نانن جون آرزون ۽ ڏاڏن جون منتون، پنهنجي پيدائش کان ڪجهہ ڪلاڪن اندر ئي اوچتو ڀڙڪندڙ باهہ جي نذر ڇو ٿي ويون؟ اسان جو مستقبل ڇو سڙي ويو؟ انهن جي موجودگي تہ پوءِ ڏوهہ ۾ مددگار هجڻ جي برابر ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ موقعي تي موجود هوندي بہ غفلت ڪئي وئي.

حقيقت تہ اها آهي تہ 15 نوان ڄاول پاڪستاني ٻار ٻاهہ ۾ ساهہ ڏئي ويا. 20هين صديءَ ۾ جتي ٽيڪنالاجي اڏامندڙ پکيءَ جا پَر بہ ڳڻي وٺي ٿي، جتي ان جي سُونگهڻ جي صلاحيت ڏکندڙ چڻنگ جي گرمي محسوس ڪري سگهي ٿي ۽ خطري جون گهنٽيون وڄي وڃن ٿيون، اتي اهو حادثو ڪيئن ٿي ويو؟ حڪمراني سخت کان سخت ٿيندي پئي وڃي، بي رحمي ۽ سنگ دلي اعليٰ ترين عهدن کان وٺي مختلف درجن ۽ سرڪاري آفيسن جي هيٺين عملي تائين پهچي رهي آهي. جن ماڻهن خلاف رياست کي سخت ٿيڻ گهرجي ها، انهن کي تہ وڏا وڏا عهدا ڏنا پيا وڃن. عام پاڪستانين، غريب مائرن ۽ پيئرن سان ڳالهائيندي وزيرن جي وات مان جڻ ڪاوڙ جا گولا نڪرڻ لڳن ٿا؛ ڪمپريسر ڦاٽي پيو، باهہ ڀڙڪي اٿي. هاڻي تہ ڪمپريسرن جو زمانو ئي ناهي رهيو. سڀ ڪجهہ سينٽرلي ايئرڪنڊيشنڊ هوندو آهي. چونڊون سينٽرل ايئرڪنڊيشننگ ۾ ٿين ٿيون. پوءِ رات جي اونداهيءَ ۾ چونڊ جي حسن جو فيصلو ڪيو وڃي ٿو. ڪمپريسر لڳايا وڃن ٿا پر اوچتو ٿيندڙ حادثا سڀ ڪجهہ بي نقاب ڪري ڇڏين ٿا. اسلام آباد جي علاج گاهہ ۾ لڳل باهہ واهگا کان گوادر تائين سڀني کي خبردار ڪري ڇڏيو آهي. ڪنهن سوچيو آهي تہ حادثا، اسڪينڊل ۽ سانحا راڄڌانيءَ ۾ ئي ڇو ٿا ٿين؟

اهي مائرون، اهي والد، اهي منهنجون ۽ توهان جون ڀينرون، جن جي نسل ختم ڪئي وئي؛ جن جا خواب سڙي خاڪ ٿي ويا؛ جن جي اڱڻن جي ڪِل دفن ٿي وئي. ملڪ جي سڀ کان وڏي اسپتال جي وارڊ ثابت ڪري ڇڏيو تہ اسان کي مستقبل جي پرورش ڪرڻ ئي نٿي اچي. اسان انهيءَ کي لاوارث ڇڏي ڏنو آهي؟ اهي 15 ٻار هارين، مزدورن ۽ دڪاندارن جا ٻار هئا. اهي نہ هجن تہ زماني جي ساهہ ٿي بيهي وڃي. انهن ئي ٻارن کي 2047ع ۾ پاڪستان جي صديءَ ۾ 21 سالن جو ٿيڻو هو. حڪمران پنهنجي ٻارن ۽ نياڻين کي صدر، وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ بڻائڻ جا خواب پلن ٿا پر غريبن جي ٻارن ۽ نياڻين کي اهڙيءَ طرح بند وارڊن ۾ لاوارث ڇڏيو وڃي ٿو. هتي پاڪستان جي مستقبل جي حفاظت جي ذميواري صحت واري سيڪريٽريءَ سان گڏ گهرو معاملن واري سيڪريٽريءَ جي بہ هئي. اسان انگريزن جي دور جي مذمت ڪندا رهون ٿا پر حڪمرانيءَ جو هنر انگريزن کي ئي ايندو هو. جيستائين انهن جو قائم ڪيل نظام هلندو رهيو، اهڙا حادثا گهٽ ٿيندا هئا. تعليم، صحت، بازار، خوراڪ، زراعت، مواصلات ۽ عوام سان سڌو واسطو رکندڙ دفترن ۽ ادارن جي روزاني انسپيڪشن ٿيندي هئي. بي رحمي ۽ سنگ دلي نہ هئي. انسانن جي خدمت جو جذبو موجود هو. شهرين جي داد رسيءَ ۾ جتي بہ رڪاوٽ هوندي هئي، انسپيڪٽر ان جي نشاندهي ڪندا هئا ۽ سندن رپورٽ روزانو لاڳاپيل اعليٰ آفيسرن تائين پهچندي هئي. باهہ وسائڻ جو عمل ڪڏهن جاچيو آهي، ان جي مشق ڪڏهن ڪرائي آهي؟ انهيءَ لاءِ سڀني شعبن ۾ وقت ۽ مهينو مقرر هوندو هو. هڪ شعبو شهري دفاع جو بہ هوندو هو، جنهن جي رضاڪارن ذريعي شهرين سان روزانو رابطو ڪيو ويندو هو. اهي رضاڪار ٻارن ۽ علائقن ۾ گهمندا رهندا هئا.

آڊٽ ۽ انسپيڪشن جا صوبائي ادارا سڄي صوبي ۾ آفيسرن ۽ ملازمن جي ڪارڪردگيءَ جو ايمانداريءَ سان جائزو وٺندا هئا. منصوبن جي انسپيڪشن وقت بوقت ٿيندي رهندي هئي. انسپيڪٽر ڪنهن جي دعوت قبول نہ ڪندا هئا. جمهوريت ۽ آمريت، ٻنهي گڏجي انگريزن جي ان نظام کي جاٽي واٽي ناڪاره بڻائي ڇڏيو. انگريزن جون ڏنل جاگيرون، لقب ۽ خطاب تہ برقرار رکيا ويا پر عام ماڻهن جي خدمت ۽ انهن جي مسئلن جي حل لاءِ جيڪو نظام انگريزن قائم ڪيو هو ان کي تباهہ ۽ برباد ڪيو ويو. انڪوائري ڪميٽيون، اسپتالن جي جوڙاري پاڻيءَ جا ذخيرا ۽ ٻيا ڪيترائي دليل، مشورا ۽ تجزيا پنهنجي جاءِ تي پر سڀ کان وڌيڪ ضروري آهي تہ سڄي ملڪ ۾ بلدياتي ادارن کي بااختيار بڻايو وڃي ۽ شهري دفاع جي کاتي کي بحال ڪيو وڃي. هر بيماريءَ جو علاج اسلام آباد ۾ نہ ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هاڻي پاڻ اسلام آباد کي ئي علاج جي ضرورت نظر اچي رهي آهي.

اڄوڪو ڏينهن ــــــــ 31 آگسٽ

مير علي احمد ٽالپر

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان مير علي احمد ٽالپر جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 31 آگسٽ 1915ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود ۾ ٿيو ننڍي هوندي کان ئي سياسي ۽ سماجي سرگرمين طرف لاڙو رهيس. 1936ع ۾ جميعت علماءِ سنڌ ۾ شامل ٿي سياست جي شروعات ڪيائين. 1937ع ۾ ڪانگريس ۾ شامل ٿيو. 1939ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. هي سنڌ جي انهن سياستدانن مان هڪ هو جن ون يونٽ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو. 1956ع ۾ اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ مختلف محڪمن جو وزير رهيو. هو جنرل ضياء الحق جي مارشل لا واري دور ۾ مجلس شوريٰ جو حصو رهيو. هن 5 اپريل 1987ع تي وفات ڪئي.

لوڪ نوتاڻي

لوڪ نوتاڻي پنهنجي دور جو مشهور ليکڪ هو. هن جو جنم 31 آگسٽ 1920ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي مشهور شهر پڊعيدن ۾ ٿيو. هو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ماڻهو جا چونڊا"، "ٻونڊون"، "سنڌ جا درويش" ۽ "سچ جي ڪوجنا" شامل آهن. ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر بڙودا ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين.

سشيلا مهتاڻي

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي نامور ڪلاڪاره سشيلا مهتاڻيءَ جون ساروڻيون کڻي آيو آهي، جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1931ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن جا مائٽ اصل ۾ ڪوهستان جي ننڍڙي شهر ٿاڻي بولا خان جا رهواسي هئا. هن ڪراچيءَ جي ڊامي ٻائي بسنت سنگهہ هاءِ اسڪول ۾ ٻارهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن جو خاندان ممبئيءَ ۾ وڃي ٿانيڪو ٿيو جتي هن جئہ هند ڪاليج مان گريجوئيشن ڪئي. 1950ع واري ڏهاڪي ۾ سندس خاندان هندستان ڇڏي هڪ ڀيرو ٻيهر اچي ڪراچيءَ ۾ رهائش ڪئي. هن کي ڳائڻ ۽ موسيقيءَ سان شروع کان ئي دلچسپي هئي. هن سنڌ جي مشهور راڳيءَ ماسٽر محمد ابراهيم کان سُر ۽ سنگيت جا گُر سکيا. هن جا ڪيترائي صوفي ڪلام ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊ ٿيا، جن کيس سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ مقبول بڻائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ صوفي شاعرن جو ڪلام اسان جي سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور سنگيتڪارن ڳايو آهي پر سشيلا جي آواز ۾ ڪو عجيب جادو هو، جيڪو بہ سندس آواز ٻڌندو هو سو سندس آواز جي سحر ۾ گم ٿي ويندو هو. سندس مشهور ڪلامن ۾ "واڳ ڏٺي تنهنجي وس- آئون ڪا پاڻ وهيٽي الا"، "پيرين پوندي سان، چوندي سان، رهي وڃ رات پنهور ۾"، "آئون سڄڻ جي ٻانهي آهيان"، "دل ڪر درخت جي دستور" ۽ ٻيا ڪلام شامل آهن. هن ڪجهہ سنڌي فلمن ۾ پس پرده ڪلاڪاره طور بہ ڳايو پر سندس اصل ڌيان صوفي ڪلامن طرف ئي رهيو. 1966ع ۾ سندس خاندان سنڌ ڇڏي اسپين جي ٻيٽ ڪينيري آئيليند ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي. انهيءَ ٻيٽ تي 17 سيپٽمبر 2022ع تي سنڌ جي هن سريلي سنگيتڪاره جو آواز هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو.

حاجي محمد اسحاق هالائي

هن قادرالڪلام شاعر جو جنم 17 اپريل 1899ع تي هالا ۾ حاجي محمود ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو. ان وقت جي دستور مطابق خانگي طور تي تعليم حاصل ڪيائين. هو پنهنجي دور جو هڪ پلوڙ شاعر هو. سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ "مارئيءَ جا آلاپ ڏينهن راتين ۾"، "شيرين زبان" عرف جذبات اسحاقيہ" ۽ "نوراني فراق" شامل آهن. مشهور صحافي ۽ ليکڪ حاجي محمود هالائي سندس پٽ هو. هن 31 آگسٽ 1947ع تي وفات ڪئي.



مختيار اثر

ايڇ ٽي لئمبرڪ

ايڇ ٽي لئمبرڪ سنڌ جو هڪ انگريز عملدار هو، جنهن سنڌ تي انگريزن جي حڪمرانيءَ دوران مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو هو آثار قديمہ ۽ تاريخ ۾ وڏي مهارت رکندو هو. هن جو پورو نالو هف ٽريور لئمبرڪ (Hugh Trevor Lambrick)هو. هن جو جنم 20 اپريل 1904ع تي انگلينڊ جي شهر ڊربيءَ ويجهو شارڊلو نالي هڪ ڳوٺڙي ۾ ٿيو. هن آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي اوريل (Oriel)ڪاليج مان جديد تاريخ واري شعبي ۾ گريجوئيشن ڪئي. هو 1927ع کان 1946ع تائين سنڌ ۾ مختلف عهدن تي فائز رهيو. انهيءَ دوران هن سنڌي ۽ بلوچي ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي ۽ موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي قديم آثارن تي کوجنا ڪئي. هن جي دور ۾ حُرن جي انگريزن خلاف تحريڪ پنهنجي عروج تي پهتي. هن جي حڪم تي حُرن تي ظلم ۽ زيادتين جا پهاڙ ڪيرايا ويا ۽ سنڌ جي عظيم سرواڻ سورهيہ بادشاهہ کي شهيد ڪيو ويو. هن پنهنجي ڪتاب "The Terrorist"۾ حُرن خلاف ڪافي ڳالهيون لکيون. انهيءَ ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمون "حُر گوريلا جنگ" جي نالي سان مرحوم عطا محمد ڀنڀري ڪيو. هن سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، قومن ۽ قبيلن بابت ڪيترائي مضمون لکيا. هن سنڌ بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "Sir Charles Napier and Sindh"، "Sindh: A General Introduction"، "Sindh before Muslim Conquest" ۽ "John Jacob of Jacobabad"شامل آهن. 1946ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو انگلينڊ موٽي ويو جتي اوريل ڪاليج ۾ فيلو طور ڪم ڪيائين. هن 31 آگسٽ 1982ع تي هي جهان ڇڏيو.

علي نواز اثر

هن مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان 1922ع ڌاري شهيد بينظيرآباد ضلعي جي مشهور شهر قاضي احمد ۾ رئيس ولي محمد خان اثر جي گهر ۾ اکيون کوليون. هن پنهنجي والد جي نگرانيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي. هن پاڪستان ٺهڻ کان بہ پهرين پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي. پاڻ آل انڊيا مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن هو. هن 1940ع ۾ مسلم ليگ جي انهيءَ تاريخي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ منظور ٿيو هو. هن جي ئي ڪوشش سان قاضي احمد کي يونين ڪائونسل جو درجو مليو ۽ پاڻ ئي انهيءَ جو چيئرمين چونڊيو. اڳتي هلي انهيءَ يونين ڪائونسل کي ٽائون ڪميٽيءَ جو درجو مليو ۽ علي نواز اثر انهيءَ جو چيئرمين مقرر ٿيو. 1970ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين. ان بعد پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو حصو بڻجي ويو. هن قاضي احمد شهر ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا، جن ۾ پرائمري، مڊل ۽ هاءِ اسڪول جي تعمير، سرڪاري اسپتال ۽ جانورن جي اسپتال جو قيام، ٽيليفون ۽ بينڪ جي سهولت ۽ ٻيا ڪيترائي عام ڀلي جا ڪم شامل آهن. قاضي احمد جو عظيم الشان ناز باغ، سفاري پارڪ، ڪميونٽر سينٽر ۽ لائبريري سندس دور جا عظيم يادگار آهن. هن 31 آگسٽ 2007ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.



بقايا 1 ”روزاني عبرت“

۽ ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. حادثي جي نتيجي ۾ ٽرالر ڊرائيور فيصل آباد واسي سجاد ولد مشتاق ۽ ٽرڪ جو ڪلينر بلوچستان جي علائقي فريد آباد واسي دلدار احمد ولد سردار خان گوسو موقعي تي فوت ٿي ويا. جڏهن ته حادثي ۾ دلمراد ولد سردار ۽ محمد عباس ولد عبدالغفار سخت زخمي ٿي پيا. حادثي کان پوءِ فوتين جا لاش ۽ زخمين کي تعلقه اسپتال هالا منتقل ڪيو ويو جتي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ٻئي طرف فوتين جا لاش ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيا ويا.

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

جي دروازي وٽ بيٺل هو ته اوچتو پير ترڪڻ سبب ٽرين هيٺان اچي فوت ٿي ويو. واقعي جي تصديق سنڌس ڀاءُ سهيل احمد ڪندي ٻڌايو ته زبير احمد خيرپور سينٽر تي ٽريننگ لاءِ ڪراچي کان ضروري ڪاغذ کڻي رحمان بابا ٽرين ذريعي اچي رهيو هو جتي ڪوٽڙي وٽ حادثو پيش آيو اطلاع ملڻ بعد وارث مڙهه وٺڻ لاءِ روانا ٿي ويا. مرحوم جي جنازي نماز اڄ سومر ڏينهن گهوٽڪي ۾ ادا ڪرڻ بعد تدفين ڪئي ويندي.

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

موٽرسائيڪلن تي سوار هٿياربند وڪس آيا، جن سائٽس ڪچهري شروع ڪئي ان دوران مبينا طور هٿياربندن ڪيبل جي کاڻي ۾ رکيل 3 لک رپيا کڻي ورتا ۽ موٽرسائيڪلن تي سوار ٿي فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ متاثر اٽي چڪي مالڪ ۽ علائقي واسين ۾ سخت ڇڪتاڻ پکڙجي وئي، جڏهن ته متاثر ڌر پاران واقعي کي ڦر قرار ڏيندي پوليس کان جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي اختر علي شيخ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن جي سڃاڻپ ڪري ڪين گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦريل 3 لک رپيا واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي هوڏانهن علائقي واسين جو چوڻ آهي ته آس پاس ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پوليس گشت کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي ته جيئن شهرين ۽ واپارين کي تحفظ فراهم ٿي سگهي ۽ اهڙين وارداتن جي روڪٿام ممڪن بڻجي پوليس پاران واقعي بابت وڌيڪ جاچ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

ته قريشي ڳوٺ سکر شهر جي قيام کان به اڳ کان آباد آهي ۽ هتي قريشي برادري ڪيترن ئي ڏهاڪن کان رهائش پذير آهي. جڏهن ته اهي انهن زمينن تي پوک پڻ ڪندا رهيا آهن هنن چيو ته قريشي ڳوٺ جي زمين کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ ناانصافي ۽ سراسر زيادتي آهي سندن چوڻ موجب وٽن قريشي ڳوٺ جي زمينن جا قانوني ڪاغذ ۽ ٻيا دستاويز موجود آهن ان باوجود سندن اباڻي زمين کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي قريشي برادري جي اڳواڻن چيو ته هو پاڪستان پيپلز پارٽي جا بنيادي ڪارڪن آهن ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمينن ۽ گهرن تي ڪنهن به صورت ۾ قبضو ٿيڻ نه ڏيندا. هنن واضح ڪيو ته پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ هو هر قانوني رستو اختيار ڪرڻ جو حق رکن ٿا. مظاهرين سنڌ حڪومت، سکر انتظاميا ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته قريشي ڳوٺ جي زمين جي رڪارڊ جي قانوني حيثيت جي مڪمل جاچ ڪرائي وڃي، مبينا ناانصافي جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ قريشي برادري کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

لوهان امام الدين نظاماڻي، سڪندر درس، محمد ماڇي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نظاماڻي پمپ کان شهيد فاضل راهو چوڪ تائين ريلي ڪڍي سڃاڻي جي سڏ ڏنو ويو. ننڍڙا ٻارڙا ۽ شريڪ ريلي دوران جلال پور ڪئنال سنڌ جي وسيلن ۽ زمينن تي قبضي نون صوبن خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وفاقي سرڪار صوبن جي معاملن ۾ دخل اندازي ڪرڻ بند ڪري. سنڌ پاڪستان جو خالق صوبو آهي ان کي ديوار سان لڳايو ويو ته هي ملڪ هلي نه سگهندو هنن چيو ته سنڌ جي وحدت تي وار پاڪستان تي وار سمجهون ٿا، سنڌ هزارين سالن کان سنڌي قوم جو تاريخي ۽ ناقابل تقسيم وطن آهي جنهن تي ڪنهن به قسم جي هٿ چراند برداشت نه ڪنداسين ۽ ان خلاف هر حد تائين مزاحمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. هنن الزام هڻندي چيو ته پيپلزپارٽي اقتدار جي لالچ ۾ وفاقي سرڪار جي هر سنڌ دشمن فيصلي ۽ منصوبي ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي ۽ سنڌي قوم کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ سنڌ دوستي جو ڊرامو ڪري رهي آهي. سنڌ جا ماڻهو هن مڪر کي سڃاڻن هنن مطالبو ڪندي چيو ته وفاقي سرڪار ۽ پاڪستان کي هلائيندڙ ڳجها هٿ سنڌ جي زمينن، پاڻي، وسيلن ۽ وحدت سان هٿچراند بند ڪن ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ ڪروڙ سنڌين جي مزاحمت لاءِ تيار رهن.

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ڪري چڙهي گرفتاري واري واقعي تي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران سخت مذمت جو اظهار ڪيو ويو آهي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته پرامن سياسي ۽ سماجي سرگرمين تي گرفتاريون ڳڻتي جوڳيون آهن هنن مطالبو ڪيو آهي ته گرفتار ڪيل نور محمد خاصخيلي ۽ محمد علي خاصخيلي کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

آهي ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته واقعي جا اصل سبب جاچ مڪمل ٿيڻ بعد ئي سامهون اچي سگهندا. جڏهن ته تيڪري جي وارثن ٻڌايو ته منشاد جو ذهني توازن درست نه هيو ۽ هو گهر ۾ اڪيلي هئي جيڪا گهر ۾ پيل صندوق تان ڪري فوت ٿي وئي آهي.

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

لطيف پليجي چيو ته سنڌ هزارين سالن کان هڪ آهي، هڪڙو وطن، هڪڙي وحدت آهي. هڪڙي تاريخي حيثيت آهي سنڌ جي وحدت تي حملو ڪروڙ سنڌي برداشت نه ڪندا. ڪراچي سنڌ آهي ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ وارو ملڪ دشمن راڳ بند ڪيو وڃي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ کي ٽوڙڻ جي سازشن پويان عالمي سامراجي طاقتن جا هٿ آهن اهي ملڪ جي 25 ڪروڙ عوام جا دشمن آهن عالمي سامراجي طاقتون سنڌ کي ٽوڙي نئون اسرائيل بنائڻ چاهين ٿيون ايم ڪيو ايم انهن جي سازش تي عمل ڪري رهي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته اڄ ڪروڙ سنڌي کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ دشمن قوتون پنهنجي وطن، درياهه وسيلن جي مالڪي کي بچائڻ لاءِ متحد، منظم ۽ هڪ آهن سنڌو درياهه زمينون ۽ وسيلا سنڌ جي هزارين سالن جي تهذيب ۽ جياپي جو ذريعو آهن پنهنجي ڌرتي ۽ وسيلن کي لٽجڻ نه ڏينداسين پيپلزپارٽي اقتدار جي طاقت جي نشي ۾ سنڌ کي تباهه ۽ برباد نه ڪري.

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

پوليس عملدار سوير برهماڻي رحم جهيجڙي ۾ ڌرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا جنهن ۾ رٽائر پوليس عملدار سوير برهماڻي، سوشل ورڪر اصغر برهماڻي، ٽريڪٽر ٽرالي ڊرائيور پورهيت لطيف جنجهه شامل آهي پوليس زخمين کي علاج لاءِ ليٽر ڏئي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو ان موقعي تي زخمي سوشل ورڪر اصغر برهماڻي چيو ته ٽريڪٽر ٽرالي ڊرائيور لطيف جنجهه موٽر سائيڪل تي رٽائر پوليس عملدار معزز شخص کي بنا جواز ٽڪر هڻڻ دوران جهيڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ آيس جتي مونکي زخمي ڪيو ويو آهي جيڪا مون سان زيادتي آهي ٻئي طرف ٽريڪٽر ٽرالي پورهيت لطيف جنجهه چيو ته اوچتو موٽر سائيڪل سان ٽڪر ٿيو جنهن جي ڪري برهماڻي برادري جي ماڻهن مون مٿان حملو ڪري زخمي ڪيو آهي هوڏانهن ڌرين رحم چتي فائرنگ ٿيڻ ڪانپوءِ ڪڪڙ پوليس ٻي خبر رهي جهيڙي واري جاءِ تي نه پهتي هوڏانهن جهيڙي ڪانپوءِ ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي ۽ واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

ڪئي آهي ان موقعي تي هنن چيو ته جلال چانديو جي مبينا طور مختلف ٿاڻن ۾ ڏوهن جن ۾ چوريون ڌاڙا ڦرون ۽ جهيڙا شامل آهن ملوث آهي جنهن سبب سندن زندگي عذاب بڻجي وئي آهي ۽ هو خوف ۽ پريشاني ۾ مبتلا آهن هنن چيو ته جلال چانديو جي مبينا سرگرمين سبب نه رڳو ڪين پر سندن خاندان ۽ علائقي جي ٻين ماڻهن کي پڻ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي الزامن جي غيرجانبدارانه جاچ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن ڪين ۽ علائقي واسين کي تحفظ ملي سگهي اسماعيل چانديو ۽ حسين چانديو ايس ايس پي بدين سميت ٻين وس وارن اختيارين کي اپيل ڪئي ته جلال چانديو خلاف مبينا ڏوهن جي شفاف جاچ ڪرائي ڪين ۽ علائقي واسين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

سيد جڙيل شاهه حبيب الله رند رمز علي پلاڻ ۽ راجد علي شاهه ڪٺي ريلي دوران صوفي فنڪارن حضرت محمد مصطفيٰ صه جي شان ۾ صوفياڻا ڪلام پيش ڪيا جڏهن ته نعتن ۽ صوفياڻا ڪلام ذريعي امن محبت رواداري ۽ ڀائيچاري جو پيغام عام ڪيو ويو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن جشن عيد ميلادالنبي صه جي خوشي جو اظهار ڪندي حضور اڪرم صه سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو هنن چيو ته ٻنهي جهانن جي سردار آقا حضرت محمد مصطفيٰ صه جي ولادت انسانيت لاءِ رحمت العالمين بڻجي آيا جن محبت رواداري ڀائيچاري جو درس ڏنو.

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

وڊيو پري تذليل ڪرڻ واري واقعي جي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن پاران سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي آهي جڏهن ته ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر شاهنواز وسير بيان جاري ڪندي چيو آهي ته نوجوان ملهه شر جي مبينه تذليل ڪندڙ ايس ايڇ او انڌل سنڌراڻي قابل پيو سميت ٻين جوابدارن کي 12 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ٻي صورت ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران عدالتي ڪمن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري معطل ڪورٽ سان گڏ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي ياد رهي ته گذريل ڏينهن اهڙي واقعي خلاف ايس ايس پي گهوٽڪي سميت ڄج صاحبان پاران نوٽس ورتو ويو هيو جنهن بعد ايس ايڇ او قابل پيو سميت ٻين پوليس اهلڪارن خلاف سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو هيو.

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جڏهن ۾ مظاهرين پاران پنهنجن جائز مطالبن جي حق ۾ زوردار نعريبازي پڻ ڪئي وئي،ان موقعي تي اڳواڻن سيد وسيم شاهه سيد منتصر شاهه، ڊاڪٽر عارف ڪلهيڙي، ظهير لغاري ۽ ٻين چيو ته آءِ بي اي 40 پلس پاس بي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي اميدوار گذريل 14 مهينن کان پنهنجن جائز حقن لاءِ مسلسل جدوجهد ۽ احتجاج ڪري رهيا آهن پر هن وقت تائين سندن مسئلو حل نه ڪيو ويو آهي هنن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي پاران ميرٽ ۽ شفافيت جون وڏيون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون پر بي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جون خالي جايون موجود هجڻ باوجود آءِ بي اي 40 پلس پاس ويٽنگ اميدوارن کي ميرٽ جي بنياد تي ايڊجسٽ ڪرڻ بدران مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته ڪانٽريڪٽ پيريڊ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ جاري ڪيل مبينا جعلي يا غيرقانوني آفر آرڊرن ۽ انهن جي بنياد تي ٿيل جوائننگز جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، جيڪڏهن ڪنهن اميدوار کي غيرقانوني طريقي سان ويٽنگ اميدوارن جي نظرانداز ڪري مقرر ڪيو ويو آهي ته اهڙا آفر آرڊر فوري طور رد ڪري حقدار اميدوارن کي ميرٽ تي سندن حق ڏنو وڃي هنن چيو ته سندن مطالبو ڪنهن هڪ ضلعي يا فرد لاءِ نه پر سڄي سنڌ جي آءِ بي اي 40 پلس بي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ويٽنگ مرد توڙي عورت اميدوارن لاءِ هڪجهڙي انصاف، ميرٽ ۽ روزگار جو مطالبو آهي هنن مطالبو ڪيو ته خالي پيل ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي سيٽن تي آءِ بي اي 40 پلس پاس ويٽنگ اميدوارن کي ميرٽ جي بنياد تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي، ڪانٽريڪٽ پيريڊ ختم ٿيڻ کانپوءِ جاري ڪيل مبينا جعلي يا غيرقانوني آفر آرڊرن جي فوري جاچ ڪرائي وڃي غيرقانوني طور جاري ڪيل آفر آرڊرن ۽ انهن جي بنياد تي ٿيل جوائننگز کي فوري طور رد ڪيو وڃي، سنڌ حڪومت آءِ بي اي 40 پلس ويٽنگ اميدوارن جي مسئلي جو مستقل ۽ منصفاڻي حل ڪڍي مرد توڙي عورت ويٽنگ اميدوارن کي ميرٽ ۽ برابري جي بنياد تي روزگار جو حق ڏنو وڃي هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سندن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪنداسين ۽ پرامن احتجاج جو دائرو وڌائيندي بلاول هائوس ڪراچي ۽ زرداري هائوس نوابشاهه آڏو پڻ پرامن ڌرڻو ڏيڻ تي مجبور ٿينداسين.

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

علي ترڪ، دلدار احمد سميجو ۽ شڪيل احمد لوهار چيو ته صحافين جي اتحاد ۽ يڪجهتي سان صحافت وڌيڪ مضبوط ٿيندي ۽ صحافتي برادري جي مسئلن کي گڏيل طور تي حل ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿيندي هنن چيو ته هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ سان نه صرف صحافين جا حق بهتر نموني محفوظ ٿي سگهندا پر علائقي جي عوامي مسئلن کي به وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ اجاگر ڪيو ويندو صحافتي، سماجي ۽ سياسي حلقن هن قدم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته گڏيل پريس ڪلب جي قيام سان جاتي جي صحافت جو معيار بلند ٿيندو ۽ صحافين وچ ۾ ڀائيچاري ۽ هم آهنگي کي هٿي ملندي.

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

ڪول ۾ مزدورن سان ٿيندڙ مبينا زيادتين، نوڪرين ۾ ٿر جي مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ مناسب روزگار نه ملڻ ۽ ٻين مختلف مسئلن تي پڻ تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون ان موقعي تي وڪيل ليلارام ميگهواڙ سيد ناصر حسين شاهه کي آگاهه ڪيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٿيل ڳالهين دوران ڳوٺاڻن کي خاطري ڪرائي وئي هئي ته ڳوڙانو ڊيم ۾ ٿر ڪول مان نڪرندڙ پاڻي نه ڇڏيو ويندو پر ان باوجود پاڻي ڇڏڻ جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي جنهن سبب مقامي ماڻهن ۾ سخت ڳڻتي ۽ بيچيني پيدا ٿي آهي شڪايتن تي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ترت توانائي کاتي جي سيڪريٽري ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر سان رابطو ڪري معاملي جا تفصيل معلوم ڪيا. هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته ڳوٺاڻن سان رابطي ۾ رهي سندن مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ اڳ ٿيل واعدن تي هر صورت ۾ عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. سيد ناصر حسين شاهه ڪمپني عملدارن کي پڻ پابند ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪندي چيو ته ڳوڙانو ڊيم ۾ پاڻي ڇڏڻ جو عمل ترت بند ڪيو وڃي ۽ ڳوٺاڻن سان ٿيل ڳالهين ۽ واعدن تي عمل ڪيو وڃي. هن لاڳاپيل اختيارين کي معاملي تي نظر رکڻ ۽ مقامي ماڻهن جون شڪايتون ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي سخت هدايت ڪئي.

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

پڻ ڪئي ان موقعي تي ويٽنگ اميدوارن فريد عباسي جميل پٺو مريم عباسي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت 97 هزار استادن جي ڀرتي ڪئي پر ويٽنگ 12 هزار استادن جي ڀرتي ڪرڻ بجاءِ نظرانداز ڪيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ڪانٽريڪٽ پيريڊ ۾ واڌ ڪري رهيل سمورن 40 بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي موجوده پاليسي ۾ ترميم ڪري اميدوارن کي تعلقي بدران ضلعي، ڊويزن يا صوبائي سطح تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي جيڪڏهن اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

ڪان وڌيڪ رقم ۽ لکين روپين جي ماليت جا سونا زيورات چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته واقعي بابت ڪوٽڙي پوليس رپورٽ درج ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي هوڏانهن شهرين ڏوهن ۾ اضافو ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. سائيٽ ڪوٽڙي مان ڪي بي اسپتال لڳ نامعلوم جوابدار عاطف ميمڻ نالي نوجوان کان هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽر سائيڪل ڦري فرار ٿي ويا جڏهن ته ڪوٽڙي شهر مان نامعلوم چور عبدالقيوم جونيجو جي گهر اڳيان بيٺل سي ڊي موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا.

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

معاملو رڳو پاڪستان پيپلزپارٽي جو مسئلو ناهي پر سنڌ جي هر سنڌي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ جو مسئلو آهي سنڌ جو ماڻهو ڪڏهن به سنڌ کي ورهائڻ نه ڏيندو بلاول ڀٽو زرداري به اڳ ئي اهڙن عنصرن کي واضح طور شٽ اپ ڪال ڏئي چڪو آهي ته سنڌ کي ڪڏهن به ٽوڙڻ نه ڏنو ويندو نواب خان وسڻ چيو ته اوهان کي ياد هوندو ته ڪالا باغ ڊيم خلاف محترمه شهيد بينظير ڀٽو ڪمو شهيد وٽ تاريخي ڌرڻو هنيو هو جنهن ۾ لکين ماڻهن شرڪت ڪئي هئي هن چيو ته ڪنهن به مائي جي لال ۾ اها طاقت ناهي ته سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪري، سنڌ هميشه سنڌين جي رهي آهي ۽ رهندي هن چيو ته ايم ڪيو ايم جهڙا جي ڪي بيس اسان سيني تي چڙهن ٿا ته اسان سان گڏجي هلو ۽ سنڌ جي ڳالهه ڪيو سنڌ جي حقن لاءِ آواز اٿاريو جيڪڏهن اوهان سنڌ جي ڳالهه نه ڪندا ته پوءِ اوهان کي هتان جو رهواسي به تسليم نه ڪنداسين ۽ سنڌ جي ورهاڱي واري ڪنهن به سازش کي ڪڏهن به برداشت نه ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت، سالميت ۽ تاريخي حيثيت تي ڪو به وار قبول نه ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي عوام کي پنهنجي سرزمين جي حفاظت لاءِ متحد رهڻو پوندو نواب خان وسڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي عوام پنهنجي گهرن، ڪاروبار ۽ رستن تي به پاڻ کي محفوظ نٿو سمجهي ڦرون ڌاڙا قتل ۽ ٻين ڏوهن جي واقعن سبب عام ماڻهو سخت پريشان آهن امن امان قائم رکڻ حڪومت ۽ پوليس جي بنيادي ذميواري آهي اسان سمجهون ٿا ته ڌاڙيلن خلاف بنا ڪنهن سياسي ذاتي يا قبائلي فرق جي سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي پوليس کي جديد سهولتون ۽ وسيلا ۽ مڪمل سهڪار فراهم ڪري ڌاڙيلن جو خاتمو ڪرڻو پوندو هن وڌيڪ چيو ته خيرپور پرسان حسين آباد اسٽاپ وٽ پيش آيل ڊڪيتي واقعي تي اسان کي سخت افسوس آهي انجنيئر فيصل گلزار پٺو جي قتل جهڙا واقعا عوام جي اندر خوف پيدا ڪن ٿا. اهڙن واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي هن چيو ته پيپلزپارٽي هميشه عوام جي مسئلن کي اوليت ڏني آهي بدامني خلاف به حڪومت ۽ پارٽي قيادت گڏجي عملي قدم کڻندي عوام کي جلد امن امان جي صورتحال ۾ بهتري نظر ايندي هوڏانهن هفتو اڳ ڪوٽڏيجي ڦاٽڪ جي حد حسين آباد روڊ تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل فيصل گلزار پٺو جي وارثن وٽ نظاماڻي محلي ۾ پ پ پ خيرپور جو صدر نواب وسڻ وسڻ پهچي ويو، نواب وسڻ پاران مقتول فيصل گلزار پٺو جي وارثن سان تعزيت ڪري دعا گهري تعزيت ڪرڻ بعد نواب وسڻ جون ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خيرپور ضلعي ۾ بدامني سبب واقعا وڌيا آهن غلام مصطفيٰ ٻگٽي ڪانپوءِ وري فيصل گلزار پٺو کي شهيد ڪيو ويو آهي. پٺو برادري جي ماڻهن اسان جا پراڻا ورڪر آهن هنن جو وڏو ڪردار رهيو آهي پارٽي ۾ ان جي نوجوان جي قتل تي دلي تڪليف پهتي آهي هن چيو ته ڪنهن وقت ڪوٽڏيجي ۽ خيرپور ضلعو امن جو گهوارو رهيو آهي فيصل گلزار پٺو واقعي جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي ڪير به ملوث هجي ان کي قانون موجب سزا ڏني وڃي.

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

فاروق ستار پاران الڳ الڳ پارٽيون ٺاهيون ويون آهن هنن جا نمائندا پاڻ پريشان آهن ته ڪنهن جي حمايت ۽ سپورٽ ڪيون ۽ سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جون ڳالهيون فضول آهن سنڌ صوبو ڌار ٿيڻ وارو هنن جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو هي پهريان به اسيمبلي سنڀالن پوءِ سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جي ڳالهه ڪن ايندڙ اجلاس ۾ ريزوليوشن پاس ڪيو ويندو ۽ هالار خان وسڻ.

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

مڪمل طور بي ڏکي بي بنياد ۽ منطق کان ٻاهر آهي هن چيو ته وفاقي وزيرن کي اچانڪ جمهوري سسٽم ناڪام ٿيندي تي نظر اچي ٿو پر ڪين اقتدار ۾ رهندي ۽ ملڪي نظام بهتر ڪرڻ نظر نٿو اچي اچانڪ نوان صوبا ٺاهڻ سان اهو ڪرپٽ سسٽم ڪيئن بهتر ٿي سگهندو ملڪ تي روزانو غير قانوني ۽ عوام دشمن پاليسيون مسلط ڪيون پيون وڃن مظهر راهوجو ۽ ٻين وڌيڪ چيو ته عالمي سامراجي قوتون مسلم ملڪن کي مستحڪم ڏسڻ نٿيون چاهين جنهن ڪري پاڪستان ۾ اهڙا هٿڪنڊا استعمال ڪن ٿيون جن ڳالهين سان عوام ۾ تيش ۽ باهه پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي وفاقي منسٽرن جي اهڙن بيانن سان ملڪ ۾ افراتفري ۾ اضافو ٿيو آهي جڏهن ته ملڪ جي صورتحال اڳي ئي نازڪ آهي بلوچستان، ڪي پي ڪي ۽ آزاد ڪشمير ۾ حالتون هٿن کان نڪري چڪيون آهن سنڌ اندر اهڙي ڳالهه نه هئي پر هاڻي اتي به اهڙيون بي بنياد ڳالهيون پکيڙي خانه جنگي جي فضا قائم ڪئي پئي وڃي هن مشاهد حسين سيد جي بيان جو حوالو ڏيندي چيو ته نوان صوبا ٺاهڻ دراصل آمريڪا جو پلان آهي جيڪي ماڻهو ملڪ ۾ وڌيڪ صوبن ۽ سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪن ٿا اهي آهن جن ڪراچي کي تباهه ڪيو بوري بند لاش ڏنا ۽ نياڻين جي عزت لٽي نامي گرامي دهشتگرد اچانڪ محب وطن بڻجي ميڊيا تي پريس ڪانفرنسون ڪري صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهن جيڪا پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش آهي ۽ اسان ڪين اها ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪرڻ نه ڏينداسين قومي عوامي تحريڪ جي سربراهن وڌيڪ چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ ويٺل وزيرن کي اهو ڪو به اختيار يا عوامي مينڊيٽ حاصل ناهي ته اهي سنڌ جي انتظامي اراضياتي تبديلين تي ڳالهائي سنڌ جو عوام ڪين اهڙي اجازت هرگز نه ڏيندو ٿرڪول جي مسئلن تي ڳالهائيندي هن چيو ته ٿر مان ڪوئلو نڪرڻ سان مقامي ماڻهن کي ڪجهه به ناهي مليو روزگار کان وٺي سڀ وسيلا ملڪ جي ٻين حصن ۾ ورهايا ويا آهن جڏهن ته مقامي ماڻهو اڄ به بنيادي سهولتن روزگار ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهن.

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

سڪندر خان چيو ته سندس اولين ڪوشش آهي جنهن کي مان وڌيڪ ترجيح ڏيندو آهيان اها آهي عوام جي خدمت ۽ سياست به عوام جي خدمت جو نالو آهي . هن چيو ته ميونسپل ٻولهاڙي ۾ پهريان به اسان ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ هاڻي به ترقياتي اسڪيمون ڏيندو رهيو آهيان ۽ هن علائقي جي ماڻهن جي تڪليفن کي چڱي طرح ڄاڻندو هئس پر ڪوبه ڪم جلد نه ٿيندو آهي بلا آخر اڄ مسلم ڪالوني ۽ آسياس روڊن ، پيور بلاڪ ۽ واٽر سپلاءِ جون اسڪيمون منظور ٿي چڪيون آهن جن جو افتتاح ڪنداسين هن چيو ته تاريخ گواهه آهي ملڪ خاندان عوام جي ووٽ جي عزت ڪئي آهي ماڻهن جا مسئلا انهن جي درن تي اچي حل ڪيا آهن ۽ اڳتي به اهو سلسلو هلندو رهندو ان موقعي تي سائين گڏ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي فقير داد ڪوسو ماسٽر نياز ڪوسو امام الدين پٺو جمالي، منٺار خاصخيلي، سائين خليل شاهه ۽ ٻيا ساٿي موجود هئا.

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

ميراڻي کي الزامن جي تصديق ٿيڻ ڪانپوءِ نوڪري تان برطرف ڪري ڇڏيو آهي، صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان چيو آهي ته خوراڪ کاتي جي 24 هزار 838 ڪڻڪ جون ٻوريون غائب هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي هن چيو ته دادو ضلعي جي مختلف ڪڻڪ مرڪزن جي فصل سال 2022-23 ۽ 2023-24 جي سرڪاري ڪڻڪ جي ذخيرن ۾ وڏي پيماني تي بي ضابطگيون سامهون آيون آهن مخدوم محبوب الزمان موجب، سرڪاري ڪڻڪ خانگي واپارين، فلور ملز ۽ ٻين ملز کي پيشگي ادائگي ڪانسواءِ چالان جاري ڪري فراهم ڪئي وئي جنهن جي نتيجي ۾ سرڪاري ڪڻڪ جي ذخيرن ۾ غبن ٿيو ۽ صوبائي خزاني کي مالي نقصان پهتو صوبائي وزير چيو ته معاملو سنڌ اينٽي ڪرپشن کاتي حوالي ڪيو ويو آهي، جيئن سرڪاري خزاني کي پهتل نقصان جي رقم ذميوارن کان وصول ڪري سگهجي هن واضح ڪيو ته سرڪاري ڪڻڪ عوام جي امانت آهي، ان جي چوري يا غبن ۾ ملوث ڪنهن به آفيسر يا اهلڪار کي بخشيو نه ويندو خوراڪ کاتي ۾ ڪرپشن ۽ بي ضابطگين خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي جاري رهندي.

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

ميمڻ علي اڪبر چوهاڻ عبدالعزيز پٺو ڪاشف سومرو سيد تقي شاهه، فوٽو خان زرداري، حامد اڪبر چوهاڻ آفاق اڪبر چوهاڻ حسين زرداري، دلي جان چانديو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وفاقي حڪومت لاڙڪاڻو ڊويزن سميت دادو ضلعي جي عوام کان سستي سفر جون سهولتون کسي ڇڏيون آهن جنهن ڪري لاڙڪاڻو دادو ريلوي ٽريڪ تي گذريل ڪافي عرصي کان ولي موهن جو دڙو بولان ميل، خوشحال خان خٽڪ، شاهنواز شهباز ذوالفقار ۽ دادو پسينجر ٽرينون بحال نه ٿي سگهيون آهن ۽ نه ئي ڪشمور کان دادو تائين تباهه ٿيل ريلوي ٽريڪ کي اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي هن چيو ته اسان جي پرامن احتجاج جي نتيجي ۾ 3 سال اڳ موهن جو دڙو بولان ميل ۽ خوشحال خٽڪ ٽرينون بحال ٿيون هيون پر ريلوي هيڊڪوارٽر لاهور جي تعصب پرست ريلوي انتظاميا هلندڙ ٽئي ٽرينون تيل جو اگهه وڌڻ جو بهانو ڪري 6 مهينا اڳ ڇاڪائي ٽرينون بند ڪري ڇڏيون ان سنڌ دشمن عمل خلاف اسان جي لاڳيتي هلندڙ پرامن جدوجهد سبب ريلوي جي وزير حنيف عباسي موهن جو دڙو ٽرين 15 سيپٽمبر تي هلائڻ جو فيصلو ڪري نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي اسان جو ريلوي جي وفاقي وزير سميت ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته ايم ايل ٿري سنڌ جون رهيل ٽرينون بولان ميل، خوشحال خان خٽڪ شاهنواز شهباز ذوالفقار ۽ دادو پسينجر سميت سمورين ٽرينون بحال ڪيون وڃن ڪشمور کان دادو تائين ريلوي ٽريڪ اپ گريڊ ڪيو وڃي ٽرينن ۾ مسافرن کان پئسا وٺي بنا ٽڪيٽ سفر ڪرائڻ وارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

ٿو هن ٻڌايو ته گذريل ڏينهن هن ٻن پيل برادرين وچ ۾ ويڙهه جي ڪوشش ڪئي جنهن سون بروقت پهچي ڪاري خون ريزي روڪرائي هن وڌيڪ چيو ته مذڪوره شخص فسادي جهڳڙالو جيڪو زميندار جي هشي تي پيو ڪري هن سون کي پوليس هٿان پڻ گرفتار ڪرايو ته جي پ پ اڳواڻ راڻا خالد سون کي پوليس کان آزاد ڪرايو هن اعليٰ اختيارين کان اپيل ڪندي انصاف جي گهر ڪئي ۽ تحفظ جو مطالبو ڪيو.

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

وارثن حوالي ڪيو ويو ته قهرام مچي ويو ۽ ٻئي طرف روڄ راڙو پئجي ويو ۽ لاش ڳوٺ پهچڻ تي ماحول سوڳوار ٿي ويو. 3 فوتين جا جنازا ڪڍڻ وقت قهرام مچي ويو جنازه نماز ادا ڪرڻ بعد مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۾ ماڻهن وڏي تعداد شرڪت ڪئي جڏهن ته سندس جنازي نماز ۾ ڪوبه انتظاميا يا چونڊيل نمائندو شرڪت نه ڪئي وارثن موجب حلوو کائڻ ڪانپوءِ ٽنهي جي طبيعت خراب ٿي جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي علاج دوران فوت ٿي ويا. وارثن شاهپورجهانيان ۽ نوابشاهه اسپتال جي ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي جي مبينا غفلت جا الزام لڳائيندي بروقت علاج نه ٿيڻ جون شڪايتون ڪيون حلوي ۾ زهريلي شيءِ يا جيت شامل ٿيڻ جو شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي جڏهن ته موت جي حتمي سبب طبي ۽ فرانزڪ رپورٽن ڪانپوءِ معلوم ٿيندو ٽنهي فوتگين سبب علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي.

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيش امام حافظ نظام الدين سلطاڻي پنهنجي پائرن فقير راڻو امام الدين سڪوٽ ممتاز علي سلطاڻي ۽ پاڙيوارن سان گڏجي ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته 2 سال اڳ ايمپائر روڊ واري علائقي جي رهواسي ٻاڙر غلام سرور عرف برڪت شيخ مون کان مختلف سرڪاري نوڪرين عيوض 5 ڪروڙ 60 لک روپيا ورتا هئا جن پيسن عيوض هن مون کي صرف هڪ نوڪري وٺرائي ڏني جنهن ڏانهن منهنجا ڏيڍ ڪروڙ روپيا جيڪو پئسا ڏيڻ تي ڪافي عرصي کان ڪوڙا آسرا ڏئي رهيو آهي اهڙيون شڪايتون مان چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ ايس ايس پي آفيس لاڙڪاڻو کي لکت ۾ شڪايتون ڪيون ۽ معززن کي ڏانهن ڏنيون پر ان جي باوجود ڪو تدارڪ نه ڪيو ويو آهي جيڪا وڏي ناجائزي آهي منهنجي وس وارن کي اپيل آهي ته ٻاڙر خلاف ڪارروائي ڪري رهيل پئسا واپس ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

جي ڀهارپور ۾ جي ڊي اي ڇڏي پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪندڙ تشڪيل حيدر جتوئي جي رهائشگاهه تي تقريب ڪرائي وئي جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي باقراڻي جي صدر طارق انور سيال سيد رياض علي شاهه پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي اطلاعات سيڪريٽري عمران حسن جتوئي سميت علائقي جي رهواسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پيپلز پارٽي اڳواڻ طارق انور سيال ميمبر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو تشڪيل حيدر جتوئي، يوسي ڦل جي چيئرمين عاشق علي ميراڻي سميت چٽني ڪائونسلر حضوربخش کهڙو بابر علي ڦل اسحاق گل کهڙو لياقت ميراڻي سميت علائقي واسين محراب علي جتوئي ابراهيم علي جتوئي، غازي خان جتوئي لياقت علي کهڙو اصغر علي جتوئي امجد علي جتوئي منظور علي جتوئي سيهر علي جتوئي الطاف علي جتوئي دين محمد جتوئي عبدالنبي جتوئي الياس شاهه ۽ ٻين کي پاڪستان پيپلز پارٽي جي جهنڊي وارو رومال پارائي ڪين پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ طارق انور سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ ڪو به شموليت ڪندو آهي ته اسان ان کي ڀليڪار چوندا آهيون اڄوڪي هي شموليت نئين شموليت ناهي انشاءَ الله تمام جلد ٻيون اهم شخصيتون به پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪنديون پاڪستان ماڻهن کي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ان پارٽي جي قيادت مٿان ڀرپور اعتماد آهي تنهن ڪري تشڪيل جتوئي غيرمشروط طور ۽ دل سان پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هر چونڊن ۾ وڌيڪ سيٽون کٽيندي آهي ۽ ايندڙ چونڊن ۾ به پاڪستان پيپلز پارٽي پوري سنڌ ۾ ڪلين سوئيپ ڪندي شموليت ڪندڙ تشڪيل جتوئي چيو ته مان پاڻ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو ميمبر آهيان اسان پاڪستان پيپلز پارٽي تي اعتماد ڪري اڄ پنهنجي يونين ڪائونسل ڦل جي چيئرمين چٽي ڪائونسلر ۽ برادري سميت پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ غير مشروط طور شموليت ڪندي جيئي ڀٽو جو نعرو هنيو آهي.

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

برادري جي معزز شخصيتن، مهمانن ۽ وڏي انگ ۾ عقيدتمندن شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات ليڊي آف ويلينڪني جي مقدس مجسمي ۽ مقدس جهنڊي سان عقيدت ڀري جلوس سان ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ ليجن آف ميري پاران اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ مقدس روزري جي گڏيل تلاوت ڪئي وئي ۽ چرچ جي گهنٽين جي آواز حضرت مريم عليه السلام سان منسوب عقيدتي گيتن ۽ خاص دعائن سان سڄو ماحول روحاني ۽ پروقار بڻجي ويو ان موقعي تي منجهند 12 وڳي مقدس جهنڊي جي پرچم ڪشائي ڪئي وئي، جڏهن ته 12 وڳي 20 منٽن تي گرجا جي سامهون خاص دعائيه تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي مذهبي تقريبن ۾ پيرش پريسٽ فادر آرٿر چارلس اسسٽنٽ پيرش پريسٽ فادر اشر افتخار، فادر واريئر ۽ فادر جوشوا شرڪت ڪئي جڏهن ته مذهبي خدمتن ۾ سهڪار ڪيو تقريب ۾ پاڪستان- يورپي يونين بزنس فورم جي ڪرسچن فورم جي چيئرمين پرويز گل ۽ سپريم ڪورٽ جي وڪيل شهباز سوٽرا سميت مسيحي برادري جون نمايان شخصيتون ۽ وڏي انگ ۾ عقيدتمند شريڪ ٿيا ان موقعي تي ڳالهائيندي پرويز گل چيو ته ليڊي آف ويلينڪني جي نوويني ايمان دعا، محبت، امن ۽ انسانيت جي خدمت جو پيغام ڏئي ٿي هن چيو ته مذهبي تقريبن دوران پاڪستان جي امن سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ به خاص دعائون ڪيون وينديون ۽ وزيراعظم پاڪستان ميان محمد شهباز شريف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير لاءِ پڻ نيڪ خواهشن ۽ خاص دعائن جو اظهار ڪيو هن چيو ته پاڪستان اسان جو گڏيل وطن آهي ۽ ان جي ترقي سلامتي ۽ خوشحالي اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ پاڪستانين وچ ۾ اتحاد، ڀائيچاري برداشت ۽ هڪ ٻئي جو احترام هڪ مضبوط، پرامن ۽ خوشحال پاڪستان جو بنياد آهن.

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن غوث بخش عباسي ،ساهر شيخ ،حليم سومرو ،نظير سروهي ،پروفيسر اڪرم آرائين ،حنيف لاشاري ،زين سولنگي ،ڪشور ڪمار ،اقبال ابڙو ،عبدالسميع شيخ ۽ ٻين حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو ته استاد رجب الدين سومرو جو اڻ ڇپيل ڪتابي ۽ علمي ادبي مواد سرڪاري خرچ تي ڇپرائي منظر عام تي آندو وڃي جيئن ايندڙ نسل ۽ عام پڙهندڙ سندس علمي ۽ ادبي ڪارنامن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن.

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

ناليواري عالم دين علامه طاهر الرضا مدني خصوصي روحاني خطاب ڪندي چيو ته حضور اڪرم ﷺ جي سيرت طيبه پوري انسانيت لاءِ مشعل راهه آهي پاڪ سڳورن ﷺ انسانيت کي محبت، ڀائيچاري، برداشت، عدل انصاف ۽ حسن اخلاق جو درس ڏنو هن چيو ته عشق رسول ﷺ رڳو زباني اظهار نه پر نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات ۽ اسوه حسنه کي عملي زندگي جو حصو بڻائڻ آهي علامه طاهر الرضا مدني وڌيڪ چيو ته موجوده دور ۾ معاشري کي باهمي محبت، اتحاد، رواداري ۽ اسلامي قدرن کي هٿي ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. مسلمانن کي گهرجي ته نبي پاڪ ﷺ جي سيرت مبارڪ مان رهنمائي حاصل ڪري پنهنجي ڪردار ۽ عمل کي بهتر بڻائين ۽ معاشري ۾ امن ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن خطاب دوران شرڪت ڪندڙن پاران درود ۽ سلام جا نذرانا پيش ڪيا ويا. جڏهن ته محفل جي پڄاڻي تي بارگاهه رسالت ﷺ ۾ درود ۽ سلام پڙهي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن خوشحالي امت مسلمه جي سربلندي ۽ ديني اتحاد لاءِ خصوصي دعا گهري وئي محفل ۾ مولانا محمد علي قادري، حافظ محمد ساجد عطاري، آصف انصاري، وسيم قادري سميت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن ۽ عاشقان رسول ﷺ شرڪت ڪئي.

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

ڪئي. پروگرام جي شروعات پرفارمنگ آرٽس ۽ ڊراما شعبي جي ڪوآرڊينيٽر فهيم يحييٰ پٺو جي ميزباني سان ٿي جڏهن ته خيرپور آرٽس ڪائونسل جي جنرل سيڪريٽري جبدار جاگيراڻي مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو تقريب دوران مرحوم اداڪار نذير سومرو عاشق شاهه ۽ خان محمد انصاري جي فني ۽ ادبي خدمتن زندگي ۽ فن تي خصوصي ڊاڪيومينٽريز پيش ڪيون ويون جن کي شرڪت ڪندڙن وڏي دلچسپي ۽ جذبات سان ڏٺو ڪان پوءِ مرحوم فنڪارن جي زندگي ۽ فن بابت ڳالهائيندي فهيم يحيٰ پٺو خان محمد انصاري بابت پنهنجا خيال پيش ڪيا. مزمل سومرو نذير سومرو ۽ مير صوبدار سعيد مرحوم نذير سومرو جي فن ۽ شخصيت تي روشني وڌي جڏهن ته ڪرم علي شاهه ۽ سينيئر اداڪار عطا حسين قاضي مرحوم سيد عاشق حسين شاهه جي فني خدمتن ۽ شخصيت تي ڪيا پيش ڪئي مهمان خاص مسرت علي منگي پنهنجي خطاب ۾ ريڊيو اسٽيج ۽ ٽي وي جي دنيا سان لاڳاپيل انهن فنڪارن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته اهڙيون تقريبون فنڪارن جي ياد کي زنده رکڻ سان گڏ نئين نسل کي پنهنجي ثقافتي ۽ فني ورثي کان واقف ڪرڻ جو اهم ذريعو آهن صدارتي خطاب ڪندي مختيار ملڪ فنڪارن جي فني صلاحيتن سندن خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو هن ريڊيو ۽ اسٽيج جي شاندار دور جي ياد ڏياري ڪئي خيرپور آرٽس ڪائونسل جي پرفارمنگ آرٽس ۽ ڊراما شعبي پاران منعقد ڪيل اهڙي شاندار تقريب کي ساراهيو ۽ مستقبل ۾ پڻ فن ۽ فنڪارن جي حوالي سان وڌيڪ پروگرام منعقد ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو تقريب جي آخر ۾ سينيئر اداڪار عطا حسين قاضي فنڪارن کي پرڏا سان ڪندي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو جنهن کان پوءِ مرحوم فنڪارن جي وارثن ۽ لاڳاپيل شخصيتن ۾ يادگار سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا مجموعي طور تي تقريب انتهائي پرجوش جذباتي ۽ يادگار رهي، جنهن ۾ فنڪارن جي فني خدمتن کي ڀرپور نموني سان ياد ڪيو ويو ۽ شرڪت ڪندڙ اهڙي خوبصورت ۽ بامقصد تقريب جي واکاڻ ڪئي تقريب ۾ ادب ۽ اداڪارن ميوزڪ سماجي ورڪر وڪيلن شاگردن پڻ وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

جي معاملن ۾ شريعت ۽ خاندان جي رضامندي کي نظر ۾ رکيو وڃي جڏهن ته شادي، طلاق ۽ ٻين خانداني معاملن بابت مقرر ڪيل اصولن جي پابندي ڪئي وڃي. حڪم نامي موجب، ڪنهن به خاندان يا فرد جماعت جي معاملن ۾ مقرر ڪيل اصولن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي صورت ۾ چيف خليفي ۽ لاڳاپيل ذميوارن کي ڪارروائي جو اختيار هوندو طلاق جي معاملن ۾ به شرعي طريقيڪار اختيار ڪرڻ ۽ عورتن جي حقن جو خيال رکڻ تي زور ڏنو ويو آهي پير سائين پاڳارا پاران چيف خليفي فقير ڪليم الله وساڻ کي هدايت ڪئي وئي آهي ته حر جماعت جي اندر نظم اتحاد ۽ شريعت جي اصولن کي برقرار رکڻ لاءِ حڪم نامي تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي واضح رهي ته فقير ڪليم الله وساڻ حر جماعت جي چيف خليفي جي حيثيت سان جماعت جي معاملن ۾ اهم ذميواريون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

حسين، سيد فاروق علي گيلاني، پير عمير شهزاد، سيد سڪندر علي شاهه جيلاني، پير حبيب الله شاهه سيد فرزند علي شاهه جيلاني، مخدوم شهباز جمالي، ڊاڪٽر ڪاشف سلطان، پير آغا جي سرڪار سائين فقير سيف الرحمان هيسباڻي ملڪ شڪيل اعوان سيد شهباز علي پير عظمت نواز پير زبير رحمان قادري، صاحبزاده عبيدالله قادري، مخدوم احسن سائين پير منظور حسين اويسي، اجمل حسين گيلاني صوفي محبوب حسين، سيد سعدالله شاهه راشدي، ميان عابد حسين انيڙ سيد عطاالله شاهه جيلاني، سيد سهيل جهانزيب شاهه جيلاني، سيد امتياز حسين شاهه موسوي، سيد اعجاز رسول شاهه سيد منظور حسين شاهه راشدي، سيد معظم شاهه جهانيان،سيد پرويز علي شاهه موسوي،ڊاڪٽر نبي ڏنو بليدي، مخدوم ارسلان فقير بيدل بخش قريشي، لالا بشير احمد لطيفي، ميان فدا حسين پيرزادو فقير نجف علي جوڻيجو فقير هوت محمد ۽ ٻين معزز مشائخن چيو آهي ته موجوده دور ۾ معاشرو مختلف قسمن جي انتشار بيچيني، عدم برداشت، نفرت، فرقيواريت ۽ هڪ ٻئي کان دوري جو شڪار آهي اهڙين حالتن ۾ اولياءِ ڪرام صوفياءِ ڪرام ۽ بزرگن دين جي تعليمات کي عام ڪرڻ وقت جي اهم ترين ضرورت آهي.

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

معيار، ڪولڊ چين جي برقرار رکڻ، زخمن جي ڌوئڻ، ويڪسين جي تياري، ويڪسين لڳائڻ جي طريقيڪار تربيت يافته عملي جي موجودگي رڪارڊ ۽ دستاويزن سميت مجموعي پروٽوڪولز ۽ سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو. تفصيلي معائني ڪانپوءِ ڊاڪٽر آفتاب گوهر سمز جي اينٽي ريبيز سينٽر جي انتظام ۽ مقرر ڪيل پروٽوڪولز تي مڪمل اطمينان جو اظهار ڪيو هن سمز جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر بشير احمد جمالي جي ڪوششن ذميواري ۽ لگن کي ساراهيندي سينٽر ۾ اعليٰ معيار برقرار رکڻ تي سندس قيادت جي واکاڻ ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر آفتاب گوهر ريبيز سبب فوت ٿيل مرحوم شاهنواز بروهي جي وارثن سان پڻ ملاقات ڪري ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو هن وارثن کي سمز ۾ استعمال ٿيندڙ اينٽي ريبيز ويڪسين جي افاديت، معيار ۽ تياري جي مقرر ڪيل معيارن بابت تفصيلي آگاهي ڏني دوري دوران ڊاڪٽر صنوبر عرفان، ڊاڪٽر عرفان گرواڻ، ڊاڪٽر اسد چنو ۽ ڊاڪٽر سڪندر شاهه پڻ موجود هئا.

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

جي مسئلن ۽ تربيتي پروگرامن بابت اهم فيصلا ڪيا ويا. حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس (HUJ) جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو اجلاس صدر محمد وسيم خان جي صدارت هيٺ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (PFUJ) جي سينيئر نائب صدر خالد کوکر ۽ فيڊرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر اقبال ملاح خصوصي طور شرڪت ڪئي اجلاس دوران ايڇ يو جي جي جنرل سيڪريٽري جام فريد لاکو گذريل اجلاس جي ڪارروائي منظوري لاءِ پيش ڪئي، جنهن کي ميمبرن متفقه طور منظور ڪري ورتو اجلاس ۾ ريجن جي سمورن ضلعن جي ميمبرشپ فهرستن کي اپڊيٽ ڪرڻ ۽ نئين ميمبرشپ حاصل ڪرڻ جي خواهشمند صحافين کان فارم وصول ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو فارم وصول ٿيڻ بعد ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ايندڙ اجلاس ۾ ان بابت حتمي فيصلو ڪيو ويندو اجلاس ۾ لمس ريسرچ لئبريري جي ڪارڊن جي جاري ڪرڻ بابت پڻ فيصلو ڪيو ويو ان سان گڏ ريجن جي سڀني ضلعن ۾ صحافين کي درپيش مسئلن ۽ انهن خلاف داخل ڪيل ڪيسن جي تفصيل گڏ ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو جيئن انهن جو رڪارڊ تيار ڪري لاڳاپيل معاملن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن اجلاس ۾ ڪوٽڙي جي صحافي باريجو پائرن بدين جي صحافي دل مراد ڪمبوهه سان ٿيندڙ مسلسل هراسانين ۽ ٺٽي جي صحافي مرتضيٰ پنهور سان پوليس جي زيادتين واري واقعي تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو اجلاس ۾ ميمبرن لاءِ مصنوعي ذهانت (AI) ۽ ڊجيٽل ميڊيا بابت تربيتي پروگرامن جي انعقاد جو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته جيئن صحافين کي صحافت جي شعبي ۾ ٿيندڙ جديد تبديلين ۽ نون تقاضائن سان هم آهنگ بڻائي سگهجي ان سلسلي ۾ حيدرآباد ريجن جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ٽريننگ سيشن منعقد ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو ان موقعي تي پي ايف يو جي جي سينيئر نائب صدر خالد کوکر اجلاس کي آگاهه ڪيو ته اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل فيڊرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس جي فيصلن موجب صحافين جي جبري برطرفين صحافين خلاف داخل ڪيل ڪيسن ۽ ٻين مسئلن بابت منظور ڪيل پڌرنامو پارليامينٽ جي ميمبرن تائين پهچائڻ لاءِ پي ايف يو جي جي صدر افضل بٽ، سينيئر صحافي مظهر عباس ۽ آر آءِ يو جي جي نمائندن تي مشتمل وفد قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سميت ٻين پارليامينٽيرين سان ملاقاتون ڪيون آهن ۽ اهو سلسلو جاري آهي هن چيو ته صحافين جي مسئلن بابت جلد ملڪ گير احتجاجي لانگ مارچ جو اعلان ڪيو ويندو جنهن ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ڀرپور شرڪت ڪندي اجلاس ۾ تنوير آرائين، ولي محمد لنڊ، جي پرڪاش موراڻي، جاني خاصخيلي، عرفان برفت، عبدالڪريم نظاماڻي، امان الله ڪوکر شاهنواز خاصخيلي حسيب لطيفي، اويس اڪبر سميت ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي.

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

ي چڪاس ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻيءَ، منور ساريو ۽ ٻين ڪيون مانجهي فقير چيو ته سنڌ جي رهواسيت ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين هن چيو ته سنڌ جا مالڪ سنڌي آهن اسان سنڌ جي درياهه جي زراعت سميت سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪيو ويو آهي جنهن سبب اڄ سنڌ جا نوجوان روزگار لاءِ پريشان بڻجي ويا آهن اسان سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙن کي واضح پيغام ٿا ڏيون ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڀڄر ڇڏي ڏيو ٻئي صورت ۾ سنڌ جو هر نوجوان باغي ٿي نڪرندو جنهن کي روڪڻ توهان جي وس جي ڳالهه نه رهندي هوڏانهن ڊاڪٽر نياز ڪالاڻيءَ چيو ته اڄ هن ريلي ڪڍڻ جو مقصد عام ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ آهي هن ريلي ۾ هر نوجوان لاءِ پيغام آهي ته هاڻ سنڌ تي حملو ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن هن چيو ته شاگرد قلم جي ذريعي مستري مزدور ماسٽر هر ماڻهون پنهنجي حصي جو فرض نڀائي پنهنجي وس آهر جدوجهد ڪري جيئن سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙن کي خبر پوي ته سنڌ جا مالڪ سنڌي آهن. منور ساريو چيو ته هن کان پهريان به سنڌ جي حقن تي درياهه سميت ٻين قدرتي وسيلن تي به حملا ڪيا ويا آهن هن سنڌ ورهائڻ جي ڳالهه ڪري اسان جا روح مجروح ڪيا پيا وڃن هن چيو ته فوري طور سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه تان هٿ کنيو وڃي ٻئي صورت ۾ سنڌ انهن حڪمران کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو.

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

ادبي سنگت لطيف آباد شاخ جي اڄ واري نشست ۾ مولا بخش محبتي،پير بخش پلاڻ،حسين بخش سولنگي، سليم چنا،عمران سومرو،آفتاب احمد خشڪ ذوالفقار علي دريان ۽ ٻين اصلاحي تنقيدي رايا پيش ڪيا. گڏجاڻي ۾ فقير نظر حسين راڳي،واجد حسين ادب دوست ۽ قربان علي خاصخيلي شرڪت ڪئي. مرتضيٰ مشوري جي غزل تي ضلعي رابطا سيڪريٽري حيدرآباد مولا بخش محبتي چيو ته مرتضيٰ جو غزل سنڌ جي موجوده صورتحال تي ۽ ٻرندڙ اشوءِ تي وقتائتو غزل آهي. جنهن ۾ هن سنڌ سان ويساهه گهاتي ڪندڙن جا چوڙا لاٿا آهن. ننڍي وزن تي جيتوڻيڪ لکڻ ڏکيو هوندو آهي ليڪن پاڻ ننڍي وزن تي ڪامياب غزل لکيو اٿس. پير بخش پلاڻ راءِ ڏني ته مرتضيٰ مشوري سنڌ وڪڻڻ وارن کي هن غزل ۾ ننديو آهي.

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

طور جادم سومرو نالي شخص پوليو ورڪر واحد سومرو تي ڪهاڙي سان وار ڪري ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو واقعي کان پوءِ زخمي پوليو ورڪر کي علاج لاءِ سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو ويو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جاتي رضوان عالم شيخ سول اسپتال سجاول پهچي زخمي پوليو ورڪر کان واقعي بابت معلومات ورتي پوليس موجب پوليو ورڪر تي مبينا حملي ۾ ملوث جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري آهي. جڏهن ته آخري اطلاعن تائين جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

قومپرست اڳواڻ تاج جويي، فتح چنا، محب آزاد، جبري طور گم ڪيل جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ انور ٻوڙي جي والد ۽ والده سميت وڪيلن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي شريڪ اڳواڻن چيو ته " جبري طور گمشدگيون ملڪي قانون توڙي عالمي اصولن موجب ڏوهه آهي جنهن کي بند ٿيڻ گهرجي جبري گمشدگين سان نه صرف متاثر فرد جو مسئلو نٿو رهي پر خاندان سماج ۽ معاشري ۾ ذهني اذيت ۽ عدم تحفظ جو احساس وڌندو آهي ۽ شهرين رياست توڙي رياستي ادارن اعتماد کي نقصان پهچي رهيو آهي اڳواڻن مطالبو ڪيو آهي ته جبري طور گم ڪيل ڪنهن به ماڻهو تي ڪنهن ڏوهه جو الزام آهي ته ان کي قانون اڳيان پيش ڪيو وڃي، جبري طور گم ڪيل سمورن ماڻهن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ جبري گمشدگين کي قانوني ڏوهه قرار ڏنو وڃي.

بقايا 41 ”روزاني عبرت“

مظاهرو ڪيو احتجاج کان پوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي طالب رند . پروين لغاري، نصرت خاصخيلي، انور قمبراڻي ۽ ٻين دانهيندي چيو ته اسين مختلف ذاتين وارا 40 کان 50 سالن کان رند آباد ڪالوني ۾ 200 کان وڌيڪ خاندان گهر ٺاهي ويٺل آهيون اسان وٽ گهرن جون سرڪاري سنڌون پڻ موجود آهن هنن چيو ته هارون چيچي سندس پٽ عمير چيچي سندن ڪمدار اشرف پنجابي ۽ سندن ٻيا ساٿاري اسان کي اسان جي گهرن مان ڏاڍ جي زور تي زبردستي بي دخل ڪري اتي پلاٽنگ ڪرڻ چاهين ٿا هنن اڳ ۾ به اسان جي خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن پر عدالت ڪين ڪوڙو قرار ڏئي اسان جي حق ۾ فيصلا ڏنا آهن جڏهن ته اسان جي مذڪوره مخالفن مان عمير چيچي اسان کي لاڏاڻ لاءِ بي سيڪشن ٿاڻي تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي پوليس پڻ سائن مليل آهي ۽ پوليس رياض بروهي ۽ اعجاز بروهي کي گرفتار ڪري ظلم ڪيو آهي جڏهن ته پوليس اسان کي هراسان ڪرڻ لاءِ اسان جي گهرن تي اچي گهر خالي ڪرڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهي آهي هنن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته ڪين روڪي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ اسان کي گهرن مان بي دخل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندڙ قبضا مافيا جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 42 ”روزاني عبرت“

ويڪسين ڪئي وئي ان سلسلي ۾ علائقي واسين جو چوڻ آهي ته خيرپور ضلعي ۾ ڪتن جو آزار ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي پر انتظاميا ڪتا مار مهم شروع ناهي ڪئي روزاني ڪتا حملي ڪري ٻارڙن کي زخمي ڪري ڇڏين ٿا جنهنڪري ٻارڙا گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن ۽ مدرسي وڃڻ لاءِ تيار ناهن هنن ڊي سي جي سي خيرپور سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي ڪتا مار مهم شروع ڪئي وڃي.

بقايا 43 ”روزاني عبرت“

غلام عباس ٽوٽيو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ داخل ڪرايو جتي ڪيس طبي امداد ڏني وئي ان حوالي سان زخمي استاد غلام عباس ٽوٽيو چيو ته منهنجي گهر جي پرسان ٻي جڳهه جي اڏاوتي ڪم بغير پردي جي هلي رهيو هو جنهن ڪري مون اهڙي شڪايت جڳهه مالڪ عدنان ٽوٽيو کي ڪئي جنهن پنهنجي ڀاءُ بلاول ٽوٽيو سان گڏجي منهنجي مٿان لوهي سيخن سان حملو ڪري مون کي زخمي ڪري ڇڏيو اهڙي رپورٽ ڪرائڻ لاءِ حد جي علي گوهر آباد ٿاڻي تي وياسين پر پوليس بااثرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جيڪا وڏي ناجائزي آهي منهنجي لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي حملي ۾ ملوث بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 44 ”روزاني عبرت“

ولد شادي خان ميرجت طور ٿي آهي. ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي موجب، جوابدار هڪ مقامي شخص کان موٽرسائيڪل ڦري فرار ٿي رهيا هئا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي سوراهه پوليس ناڪابندي ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا. فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي.

بقايا 45 ”روزاني عبرت“

فنڪشنل جي پاليسي ۽ منشور موجب پارٽي کي هيٺين سطح تائين وڌيڪ فعال ۽ منظم بڻائڻ تي زور ڏنو ويو اجلاس ۾ فقير عنايت الله ٻرڙو .ارباز علي، .فقير غلام نبي .فقيرمحمد عارف ڪنبر.فقيراسلام الدين ۽ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مسلم ليگ فنڪشنل جي صوبائي اڳواڻ ايڊووڪيٽ سيد شفقت حسين شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عوامي مسئلن جي حل جي جمهوري جدوجهد ۽ پارٽي تنظيم کي مضبوط بڻائڻ واري عزم جو ورجاءُ ۽ مسلم ليگ فنڪشنل کي وڌيڪ فعال منظم ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم فيصلن تي غور ويچار ڪيو ويو ۽ پارٽي قيادت پاران ڪارڪنن جي تنظيمي سطح تي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ ۽ عوام سان رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي پڻ زور ڏنو.

بقايا 46 ”روزاني عبرت“

زخمي نينگر کي روئيندي رت ڏسي گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو معصوم نينگر کي فوري قريبي اسپتال پهچايو ويو واقعي جي رپورٽ حد جي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي جنهن بعد پوليس علائقي ۾ جاچ پڙتال شروع ڪري ڇڏي آهي . ٻئي طرف نينگر جي امڙ دانهيندي چيو ته منهنجو ٻچو معصوم آهي منهنجي اکين جي سامهون هڪ گولي پٽ سان ٽڪرائجي ڪيس اچي لڳي سمجهيوسين پٿر آهي بعد ۾ خبر پئي گولي آهي هن چيو ته اسان جي ڪنهن سان ڪابه دشمني ڪانهي جنهن به منهنجي ٻچي سان حالت ڪئي آهي انهن کي سزا ملڻ گهرجي.

بقايا 47 ”روزاني عبرت“

سامهون برج پاور فيڪٽري وٽ ڪري پيو جنهن سبب هٿ پير ٽرين ۾ اچڻ جي ڪري ڪٽجي ويا جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي بيهوش ٿي ويو واري هنڌ پوليس پهچي زخمي کي نازڪ حالت ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي پهچايو جتي زخمي جو علاج هلندڙ آهي.

بقايا 48 ”روزاني عبرت“

اڳواڻن شرڪت ڪري هٿن ۾ بئنر ۽ جهنڊا کڻي اشارن جي ذريعي وس وارن کي اپيل ڪندا رهيا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پنهنجي پريس ڀڏرائي ۾ چيو ته اسان جي تنظيم 2011ع کان وٺي گونگن ۽ ٻوڙن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي افسوس آهي ته سنڌ حڪومت توڙي وفاقي حڪومت طرفان 5 سيڪڙو معذور ڪوٽا جي عملدرآمد نه ڪرڻ جي ڪري هن وقت تائين نه صرف سنڌ پر ٻين صوبن ۾ ڪيترائي گونگا ۽ ٻوڙا بيروزگاري کي منهن ڏئي رهيا آهن.

بقايا 49 ”روزاني عبرت“

حسيني رومانوي شاعر هو ، هن پنهنجي زندگي ۾ رومانوي انداز سان گذاري، هن جي شاعري ۾ ديس جو درد پڻ پڙهيل هيو.

بقايا 50 ”روزاني عبرت“

مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي جتي هنن هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا ۽ بئنر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي.

بقايا 51 ”روزاني عبرت“

جي سول انجنيئرنگ، مڪينيڪل انجنيئرنگ، اليڪٽريڪل انجنيئرنگ، اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ، فيڪلٽي آف سوشل سائنسز اينڊ هيومنيٽيز جي اڪنامڪس اينڊ فنانس ڪامرس انگلش لينگويج اينڊ لٽريچر بي ايڊ آنرز فيڪلٽي آف ايگريڪلچر سائنس جي ايگريڪلچر ايگرانومي، پلانٽ بريڊنگ اينڊ جينيٽڪس سوائل سائنس اينٽامولوجي پلانٽ پيٿالاجي، فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ سائنس اينڊ ڪامرس جي بيچلر آف بزنس ايڊمنسٽريشن پبلڪ ايڊمنسٽريشن، اڪائونٽنگ اينڊ فنانس جي مجموعي طور 800 سيٽن جي داخلا لاءِ 1200 جي لڳ ڀڳ اميدوارن حصو ورتو جنهن ۾ 760 شاگرديائيون ۽ 440 شاگرد شامل هئا سمورن اميدوارن کان آبجيڪٽو بيسڊ انٽري ٽيسٽ ۽ ايم آر اينسر شيٽ جي ذريعي ٽيسٽ ورتي وئي.

بقايا 52 ”روزاني عبرت“

النبين حضرت محمد مصطفيٰ صه جن جي ذات مبارڪ تي درود وسلام پيش ڪيو ويا. تقريب ۾ ٻارن نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت مبارڪ جي مناسبت سان پنهنجن تقريرن ۾ پاڪ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جي شان مبارڪ بيان ڪئي ته پاڪ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ذات مبارڪ ۽ سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم سموري انسانذات لاءِ هڪ مثالي نمونو آهي.

بقايا 53 ”روزاني عبرت“

موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته الله پاڪ جي ڪامل ولين ۽ درويشن هميشه اسلام جي سربلندي سان گڏ محبت ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداري جو درس ڏنو آهي آخر ۾ دعا خير گهري بعد ايندڙ زائرين ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو.

بقايا 54 ”روزاني عبرت“

شاهه جيلاني سيد مست منير احمد شاهه جيلاني سيد پير خليق زمان شاهه جيلاني پاران درگاهه شريف تي آيل سوين مريدن خادمن عقيدت مندن کي زيارت جو شرف بخشيو ان موقعي تي جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جي خوشيءَ ۾ سنڌ جي نالي وارن مشهور نعت خوان حضرت علامه مولانا قادري احتشام افضل پنهور خصوصي طور شرڪت ڪئي جڏهن ته مولانا راشد علي قادري حضرت علامه مولانا حافظ عاشق حسين ٻگهيو مولانا راشد علي قاري عبدالمجيد راڄپر قاري عرفان علي ملڪ عبيدي قربان راڄپر قاري سيد عديل شاهه جيلاني محبوب ڪائنات ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ پڙهي زبردست داد حاصل ڪيو جڏهن ته خصوصي خطاب حضرت علامه مولانا پير طريقت رهبر شريعت سيد نور محمد شاهه جيلاني زبردست خطاب فرمايو ۽ محبوب جي آمد جي خوشيءَ ۾ مٺائي ورهائي وئي هوڏانهن درگاهه شريف جي گادي نشين سيد پير مست منير احمد شاهه جيلاني پاران غريب مسڪين ماڻهن جي مدد سان درگاهه شريف تي هڪ ڏينهن لاءِ ٿيليسيميا بلڊ بئنڪ پڻ لڳرائي ۽ پاڻ به رت جو عطيو ڏنو ۽ سوين مريدن خادمن عقيدت مندن حصو ورتو جڏهن ته ملڪ جي امن ترقي خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون آخر ۾ محبوب جي ميلاد جي خوشي لنگر پڻ ورهايو ويو.

بقايا 55 ”روزاني عبرت“

ٽي بيواهه عورت سونڻ خاتون زال ديدار علي لاشاري پنهنجي پٽن ساگر آڪاش ۽ ڀاءُ نور نبي لاشاري سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته 5 سال اڳ مڙس فالج سبب فوت ٿيو جنهن مان 3 پٽ ۽ 2 نياڻين جي اولاد آهي وڏو پٽ نادر علي سر ڏهاڙي جو ڪم ڪري گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهي

Oil & Gas Development
Company Limited

OGDCL the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CSR-332930734-2026	SUPPLY OF UTILITY WATER TO LOCAL COMMUNITY AROUND NASHPA OIL FIELD, DISTRICT KARAK KPK	16.09.2026 AT 1030 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **25.06.2026, 13.07.2026, 11.08.2026** and **14.08.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4279-331070610-2026	RE-HAZOP STUDY OF DAKHNI PLANT, TEHSIL JAND, DISTRICT ATTOCK, PUNJAB	08.09.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4265-330445650-2026	HAZOP STUDY OF CHANDA OIL FIELD, DISTICT KOHAT, KPK	10.09.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-325365693-2026	CONSULTANCY SERVICES FOR FRAC CANDIDATE WELLS EVALUATION AND SUPERVISION OF FRAC JOBS	16.09.2026 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No.116/09

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هالا ويجهو ٽرڪ ۽ ٽرالر ۾ خوفناڪ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، 2 زخمي

قومي شاهراهه تي سانڊاڻ باءِ پاس وٽ ٽرڪ ۽ ٽرالر وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ سڄاد ۽ ڪلينر دلدار احمد ٿڏي تي فوت، دلمراد ۽ عباس زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، نازڪ حالت سبب زخمي حيدرآباد ريفر

هالا (ت ر) هالا ويجهو قومي شاهراهه تي ٽرڪ ۽ ٽرالر ۾ خوفناڪ ٽڪر 2 ڄڻا فوت، 2 زخمي هالا ويجهو قومي شاهراهه تي سانڊاڻ باءِ پاس وٽ ٽرڪ ۽ ٽرالر وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا فوت ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ميهڙ اٽي چڪي جي مالڪ جا 3 لک رپيا هٿياربند کڻي فرار

باءِ پاس لڳ هٿياربندن ڪچهري دوران ٽيبل جي خاني مان رقم کڻي ورتي

ايس ايس پي دادو جوابدارن کي گرفتاري ڪري رقم واپس ڪرائي: اختر علي شيخ

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر جي باءِ پاس اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سي اين جي پرسان مبينا ڦر جي واردات ۾ ڪن موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن اٽي چڪي جي مالڪ سان ڪچهري ڪرڻ دوران ٽيبل جي خاني مان 3 لک رپيا کڻي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. متاثر اٽي چڪي جي مالڪ اختر علي شيخ موجب هو پنهنجي اٽي چڪي تي موجود هو ته ڪن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سکر جي قريشي ڳوٺ جي واسين پاران سکر انتظاميا خلاف احتجاج

مظاهرين شاهد حسين، نثار احمد قريشي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

قريشي ڳوٺ کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ واري فيصلي کي رد ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ)سکر جي قريشي ڳوٺ جي رهواسين ۽ قريشي برادري پاران سائيٽ ايريا سکر انتظاميا طرفان قريشي ڳوٺ جي زمين کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ واري مبينا فيصلي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شاهد حسين قريشي يونين ڪائونسل چيئرمين نثار احمد قريشي، اورنگزيب قريشي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور ۾ عوامي تحريڪ جي سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ ٻن صوبن خلاف ريلي

جلال پور ڪئنال، زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضي خلاف عوامي سجاڳي مهم، پمفليٽ ورهايا ويا

سنڌ جي وحدت تي وار پاڪستان تي وار سمجهون ٿا، ڪنهن به هٿ چراند کي برداشت نه ڪنداسين: اڳواڻ

ڪڙيو گهنور(ن ع) سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضي، جلال پور ڪئنال، ڪئنالن 28 آئيني ترميم ۽ ٻن صوبن جي سازش خلاف عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي هلندڙ عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ ڪڙيو گهنور ۾ ريلي ڪڍي پمفليٽ ورهايا ويا، عوامي تحريڪ اڳواڻن جاڪرو نوحاڻي، هميرو مل، علي ٽالپر ارشاد نظاماڻي، عبدالڪريم

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد ۾ عوامي تحريڪ جا ٻه اڳواڻ گرفتار ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

24ميل موري وٽ مهم دوران نور محمد ۽ محمد علي خاصخيلي کي پوليس حراست ۾ ورتو

گرفتارين تي عوامي تحريڪ، سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران مذمت، پرامن سرگرمين بابت ڳڻتي جو اظهار

گرفتار اڳواڻن کي بنا دير آزاد ڪرڻ جو مطالبو، گرفتاريون سياسي ۽ سماجي سرگرمين لاءِ ڳڻتي جوڳيون قرار

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) سنڌ جي وحدت خلاف آواز اٿارڻ ڏوهه بڻجي ويو عوامي تحريڪ جا ٻه اڳواڻ گرفتار ڪوٽ غلام محمد جي 24 ميل موري تي سنڌ جي وحدت ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف سجاڳي مهم هلائڻ دوران عوامي تحريڪ جي ضلعي اڳواڻ نور محمد خاصخيلي ۽ محمد علي خاصخيلي کي ڪوٽ غلام محمد پوليس گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور: عوامي تحريڪ پاران سجاڳي مهم جي ريلي ڪڍي پئي وڃي

گوڙانو ڊيم تحريڪ اڳواڻ جي صوبائي وزير ناصر شاهه سان ملاقات، واعدن تي عمل نه ٿيڻ جون شڪايتون

ٿر جي مقامي ماڻهن کي روزگار ۾ نظرانداز ڪرڻ ۽ مزدورن سان مبينا زيادتين سميت مختلف معاملن تي ڳالهيون

ناصر حسين شاهه پاران نوٽيس ورتو، ڪمپني ۽ ضلعي انتظاميا سان رابطو، ڪمپني کي پاڻي جو ڇوڙ فوري بند ڪرڻ ۽ واعدن تي عمل جي هدايت

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) گوڙانو ڊيم ۾ ٿر ڪول مان نڪرندڙ پاڻي ڇڏڻ واري معاملي تي گوڙانو ڊيم تحريڪ جي اڳواڻ ۽ وڪيل ليلارام ميگهواڙ سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات ڪري ڳوٺاڻن سان ڪيل واعدن تي عمل نه ٿيڻ بابت شڪايت ڪئي. ملاقات دوران ٿر

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ويٽنگ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

اميدوارن فريد عباسي، جميل پٺاڻ مريم عباسي ۽ ٻين38 هين ڏينهن به احتجاج جاري رکيو

موجوده پاليسي ۾ ترميم ڪري تعلقي بدران اميدوارن کي ڊويزن يا صوبائي سطح تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس بي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف 38 هين ڏينهن به مسلسل هٿن ۾ پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جي تصويرون وارا بئنر هٿن ۾ کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن نعريبازي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي واسي اهلڪار ڪوٽڙي اسٽيشن تي ريل مان ڪري فوت، گهر ۾ ڪهرام

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي واسي پوليس اهلڪار زبير احمد ميمڻ ڪراچي کان خيرپور سينٽر ٽريننگ لاءِ ايندي مبينا طور ڪوٽڙي وٽ رحمان بابا ٽرين مان ڪري فوت ٿي ويو. وارثن موجب زبير احمد ٽرين

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: گهوٽڪي واسي پوليس اهلڪار زبير ميمڻ جيڪو ڪوٽڙي ويجهو ٽرين تان ڪري فوت ٿي ويو

پنگريو ۾ ڳوٺاڻن جو پنهنجي پاڙي جي مبينا ڌوهن ۽ هراسان ڪرڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

پنگريو (ن ع) ڳوٺ بهادر خان چانڊيو جي رهواسين اسماعيل چانڊيو ۽ حسين چانڊيو پنهنجي پاڙي جلال ولد شفيع چانڊيو جي مبينا ڌوهن ۽ هراسان ڪرڻ خلاف پريس ڪلب پنگريو پهچي صحافين آڏو دانهن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ صوفي فنڪارن پاران جشن عيد ميلاد صہ حوالي سان ريلي ڪڍي وئي

گمبٽ (ت ر) گمبٽ ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جون خوشيون جاري آهن ان سلسلي ۾ صوفي فنڪارن پاران گمبٽ باءِ پاس کان پريس ڪلب گمبٽ تائين پيادل ريلي ڪڍي وئي صوفي ريلي جي اڳواڻي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي بار پاران ملهڻ شر واقعي خلاف احتجاج، جوابدارن کي 12 ڪلاڪن ۾ گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ٻه ڏينهن اڳ ايس ايڇ او آنڌل سندراڻي قابل پيرو ۽ ٻين پوليس اهلڪارن پاران ٻيلي ڪاتي جي باثر وڏيري جي ڀينگار تي نوجوان ملهڻ شر کي ڪيٽڙ کان اڄو ڪري بي رحمانو تشدد ڪرڻ ۽

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

دادو لڳ سيتا روڊ جي سرڪاري گودام مان 24 هزار 838 ڪڻڪ جون ٻوريون گم، فوڊ ڪنٽرولر برطرف

سرڪاري ڪڻڪ خانگي واپارين، فلور ملز ۽ ٻين ملز کي پيشگي ادائيگي کانسواءِ چالان جاري ڪري فراهم ڪئي وئي

ضلعي فوڊ ڪنٽرولر دادو منصور احمد ميراڻي کي الزامن جي تصديق ٿيڻ ڪانپوءِ نوڪري تان برطرف ڪيو ويو

معاملو اينٽي ڪرپشن حوالي ڪيو ويو، ذميوارن کان نقصان جي وصولي ڪئي ويندي: مخدوم محبوب الزمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان سرڪاري ڪڻڪ جي خريداري ۽ ذخيرن ۾ غبن ۽ بي ضابطگين خلاف سخت ڪارروائي ڪندي ضلعي فوڊ ڪنٽرولر دادو منصور احمد

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ بولان ميل، خوشحال خان خٽڪ سميت ٻين ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج

مظاهرين مشهور ميمڻ علي اڪبر چوهاڻ، عبدالعزيز پٺو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سموريون ٽرينون بحال ڪري ڪشمور کان دادو تائين ريلوي ٽريڪ اپ گريڊ ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سيتا سرڄهار فورم طرفان بولان ميل، خوشحال خان خٽڪ سميت ٻين ٽرينن جي بحالي توڙي ڪشمور کان دادو تائين تباهه ٿيل ريلوي ٽريڪ کي اپ گريڊ نه ڪرڻ خلاف لاڙڪاڻو ريلوي اسٽيشن تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر کڻي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي سيتا سرڄهار فورم جي سرواڻ مشهور

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: صوفي فنڪارن عيد ميلاد جي موقعي تي ريلي ڪڍي رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ جي ڊي اي اڳواڻن پاران پ پ ۾ شموليت جو اعلان

عاشق علي ميراڻي سميت ٻين طارق انور سيال سان ملاقات ڪري اعلان ڪيو

اچو، شموليت نئين ناهي، انشاءَ الله تمام جلد ٻيون اهم شخصيتون به اسان سان گڏ هونديون: طارق انور

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ جي ڊي اي سان واسطو رکندڙ يوسي ڪُل جي چيئرمين عاشق علي ميراڻي ۽ ميمبر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل تشڪيل جتوئي يوسي جي چٽني ڪائونسلر اڳوڻي چيئرمين ۽ پنهنجي برادري سان گڏجي جيئي ڀٽو نعرو هڻي جي ڊي اي کي الوداع ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سکر ۽ ڪراچي ۾حضرت مريم عہ جي ولادت تقريبن جو آغاز

ليڊي آف ويلينڪني جي نووينا جي سلسلي ۾ افتتاحي تقريب ٿي

اڳواڻن،مسيحي برادري جي شخصيتن،مهمانن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي

سکر/ڪراچي(بيورو رپورٽ)سينٽ اينٿوني ڪيٿولڪ چرچ ڪراچي ۾حضرت مريم عليہ السلام جي ولادت باسعادت جي حوالي سان نون ڏينهن وارين مذهبي تقريبن جو آغاز ٿي ويو ليڊي آف ويلينڪني جي نووينا جي سلسلي ۾ افتتاحي تقريب آرچ بشپ آف ڪراچي هز گريس آرچ بشپ بيني ماري ٽراواس جي اڳواڻي ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ مسيحي مذهبي اڳواڻن مسيحي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

کهڙا ڪاليج ۾ شاعر رجب الدين سومرو جي چوٿين ورسي تقريب، لفظن جي ڀيٽا پيش

گمبٽ (ت ر) سڄي ڄمار علم ۽ ادب جي خدمت ڪري ارپيندڙ ناليواري استاد شاعر ۽ اديب رجب الدين سومرو جي چوٿين ورسي جي تقريب گورنمينٽ بوائز ٽيڪنيڪل ڪاليج کهڙا جي آڊيٽوريم هال ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ ناليوارن اديبن شاعرن صحافين علم دوستن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مقررن پنهنجي خطاب ۾ استاد رجب الدين سومرو جي علمي ادبي ۽ تدريسي خدمتن کي ڀرپور لفظن ۾ ڀيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حضور اڪرم ﷺ جي سيرت طيبه پوري انسانيت لاءِ مشعل راهه آهي: علامه طاهر الرضا مدني

ٽنڊوآدم (ن ع) مرڪزي عيد ميلاد النبي ﷺ ڪميٽي جي اهتمام هيٺ جاري 41 روزه محفل ميلاد جي سلسلي جي 15هين محفل صحافي سيد عاطف علي رضوي جي رهائشگاهه تي عقيدت ۽ احترام سان منعقد ٿي جنهن ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي محفل جي شروعات حافظ سيد حيدار علي رضوي تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي جنهن کانپوءِ نعت خوانن بارگاهه رسالت ﷺ ۾ عقيدت جا گل پيش ڪيا. نعتن جي روح پرور صدائن سان محفل جو ماحول نهايت ئي روحاني ۽ پرنور ٿي ويو ان موقعي تي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سکر: اميدوار نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي: گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيل معصوم ٻار اسپتال ۾ داخل آهي

شهدادپور ۾ پورهيت جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

شهدادپور(ن ع) ڳوٺ گل محمد سهتو جي رهندڙ پورهيت خادم حسين سهتو پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو دانهيندي ٻڌايو ته ترجي زميندار مينيجر حاجي ممتاز لاکو آئي ڏينهن ساڻس ناجائزيون ڪري ڪيس تنگ ڪري رهيو ۽ موت مار ڌمڪيون ڏي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ حلوو کائڻ سبب فوت ٿيل ٽن گهرڀاتين جي تدفين، علائقي ۾ سوڳ

مورو(ن ع) مورو پرسان ڳوٺ بنگل خان ٻڏدي ۾ مبينا زهريلو حلوو کائڻ سبب 12 ورهين جي فرزانه 15 ورهين جي عرفانان ۽ سندن والد سڪندر ٻڏدي نواب شاهه ۾علاج دوران فوت ٿي ويا جنهن جي قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد لاش

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي واسي جو پاڙيسرين سان گڏجي نوڪري بهاني رقم ڦرڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي شهباز ڪالوني جي رهواسي مسجد جي پيش امام پنهنجي وارثن ۽ پاڙيسرين سان گڏجي مبينا طور سرڪاري نوڪريون ڏيارڻ بهاني هڪ ڪروڙ روپين کان وڌيڪ رقم واپس نه ڪرڻ تي باثر خلاف پريس ڪلب

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ پيرسن ڪکن مان ٺهيل ڇٻيون وڪرو ڪري رهيو آهي

ڊاڪٽر آفتاب گوهر پاران سمز شهدادپور جو دورو ڪري سهولتن جو جائزو ورتو

شهدادپور(ن ع) ٽيڪنيڪل ليڊ ريبيز پريوينشن اينڊ مينيجمينٽ سروسز ڊاڪٽر آفتاب گوهر پاران سمز شهدادپور جي اينٽي ريبيز وئڪسين (ARV)سينٽر جو بنا اطلاع اوچتو دورو ڪيو ويو،دوري دوران ڊاڪٽر آفتاب گوهر سينٽر ۾ وئڪسين جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: شهر جو مک روڊ جتي ٽريفڪ جام نظر اچي رهي آهي

سيهارجا ۾ نينگري پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

13ورهين جي منشاد ڌيءَ راڻو گهر اندر پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

سيهارجا (ن ع) سيهارجا جي رهواسڻ 13 ورهين جي ٻارڙي منشاد ڌيءَ راڻو گهر اندر ڪمري جي پکي ۾ رسو ٻڌي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملڻ تي سيهارجا پوليس پهچي ٻارڙي جو لاش تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي پوليس جو چوڻ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سنڌ کي ٽوڙڻ جون سازشون برداشت نه ڪنداسين سنڌ تاريخي وطن ۽ وحدت آهي: اياز پليجو

اقتدار بدلجي سگهن ٿا، پر سنڌ هرگز نه بدلبي، سنڌ جي وحدت تي حملو ڪروڙ سنڌي برداشت نه ڪندا

ڪراچي سنڌ جو حصو آهي ان کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ وارو ملڪ دشمن راڳ بند ڪيو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته سنڌ ڪلهه جي حڪومت جي جوڙيل ناهي جيڪا سياڻ جي حڪومت ٽوڙي سگهي سنڌ هزارين سالن جي ڌرتي تاريخ، مزاحمت، ثقافت، ٻولي ۽ درياهه آهي اقتدار بدلجي سگهن ٿا، سنڌ هرگز نه بدلبي اياز

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ککڙ ۾ برهماڻي ۽ جنجهه برادري وچ ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

ٽريڪٽر ڊرائيور لطيف جنجهه ۽ رٽائر پوليس عملدار سوڀو برهماڻي وچم جهيڙو ٿي پيو

زخمين ۾ رٽائرڊ پوليس عملدار سوڀو برهماڻي، اصغر برهماڻي ۽ لطيف جنجهه شامل، اسپتال منتقل

ککڙ (ن ع) ککڙ ۾ برهماڻي ۽ جنجهه برادري وچم معمولي ڳالهه تان پوليس ٿاڻي جي سامهون وچ شهر ۾ فائرنگ ۽ ڏنڊن جو استعمال ڪيو ويو اڌ ڪلاڪ تائين فائرنگ سبب شهر جي سمورن دڪاندارن ۽ شهرين ۾ خوف پکڙجي ويو جڏهن ته جهيڙي دوران ٽريڪٽر ڊرائيور لطيف جنجهه ۽ رٽائر

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ککڙ: جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف مظاهرو، ڌرڻو

اميدوارن حيدرآباد ۾ پبلڪ ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

ميرٽ تي ايڊجسٽ ڪرڻ بدران مسئلي کي مسلسل ڊگهو ڪيو پيو وڃي: اميدوار

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) آءِ بي اي 40 پلس مارڪون کڻي پاس جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف 14 مهينن کان احتجاج جاري، مظاهرو ڌرڻو نعريبازي سڄي سنڌ جيان ضلعي حيدرآباد جي آءِ بي اي پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي استاد اميدوارن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

جاتي جا ٻئي پريس ڪلب متحد، گڏيل طور جاتي پريس ڪلب قائم

صحافتي اتحاد سان صحافت وڌيڪ مضبوط ۽ صحافين جا مسئلا گڏيل طور حل ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي: اڳواڻ

هڪ پليٽ فارم تان علائقي جي عوامي مسئلن کي وڌيڪ اثرائتي نموني اجاگر ڪرڻ جو عزم

جاتي(رپورٽ: شڪيل رزاق لوهار) جاتي جي صحافتي برادري لاءِ هڪ تاريخي ۽ خوش آئند اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جتي جاتي پريس ڪلب ۽ پريس ڪلب جاتي گڏ ٿي هڪ پريس ڪلب جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي گڏيل طور جاتي پريس ڪلب قائم ڪيو ويو آهي ان موقعي تي سڪندر

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ پرپاسي بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو، چوري ۽ ڦر جون ٽي وارداتون

چور شيرازي پاڙي جي رهواسي زوهيب خاصخيلي جي گهران لک کان وڌيڪ رقم ۽ سونا زيور کڻي ويا

ٽي بي اسپتال لڳ نامعلوم جوابدار عاطف ميمڻ هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل ڦري ويا

شهر مان نامعلوم چور عبدالقيوم جوڻيجو جي گهر اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل کاهي ويا

ڪوٽڙي (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي شهر ۾ شيرازي پاڙي جي رهواسي بلديا ڪوٽڙي جي ملازم زوهيب خاصخيلي جي گهر مان نامعلوم چور رات جو دير سان ديوارون ٽپي اندر داخل ٿي هڪ لک روپين

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

جيڪو به سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندو پاڻ تباهه ٿي ويندو: نواب خان وساڻ

سنڌ هجي يا ڪراچي، اسان هڪ ٻئي جي دل آهيون، ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي

ورهاڱي واري ڪنهن به سازش کي برداشت نه ڪيو ويندو، فيصل گلزار ٻگهيو جي وارثن سان تعزيت بعد ڳالهيون

خيرپور(ذر)خيرپور: پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي نواب خان وساڻ چيو آهي ته اسان ڀيريان به چئي رهيا آهيون ته سنڌ سنڌين ۽ سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ جي آهي سنڌ هجي يا ڪراچي اسان هڪ ٻئي جي دل آهيون اسان کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي، جيڪو به سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندو اهو پاڻ تباهه ۽ برباد ٿي ويندو هن چيو ته سنڌ کي ورهائڻ وارو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جون ڳالهيون فضول آهن: هالار خان وساڻ

مصطفيٰ ڪمال، خالد مقبول ۽ فاروق ستار الڳ الڳ پارٽيون ناهيون آهن

ايم ڪيو ايم جا نمائينده پاڻ پريشان آهن ته ڪنهن جي حمايت ۽ سپورٽ ڪيون

گمبٽ (ت ر) گمبٽ لڳ ڪوٽڏيجي واري علائقي ۾ 3 ڏينهن اڳ ميرواهه نهر ۾ ٻڏي ويل 4 معصوم ٻارڙن جي وارثن سان ڪوٽڏيجي ٽڪ جي ايم پي اي بئريسٽر هالار خان وساڻ پهچي دلي همدردي ۽ افسوس جو اظهار ڪيو جڏهن ته ميڊيا سان ڳالهائيندي هالارخان وساڻ چيو ته ايم ڪيوايم پاڻ ڌڙابندي ٿي وئي آهي، مصطفيٰ ڪمال ،خالد مقبول صديقي ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به سازش کي عوام قبول نه ڪندو:مظهر راهوجو

وفاقي وزير افراتفري پکيڙي ملڪ کي امڪاني خانه جنگي طرف ڌڪي رهيا آهن: عبدالله چانڊيو

ٿرڪول جي وسيلن مان ڪجهه نه ملڻ مقامي ماڻهو اڄ به بنيادي سهولتن کان محروم آهن:جلال بجير

اسلام ڪوٽ (ن ع) عوامي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو سنڌي هاري تحريڪ اڳواڻ عبدالله چانڊيو جلال بجير محبت خاصخيلي، زيد گل اوٺو ضلعي ٿرپارڪر جي صدر وڃڻ ساگر گلشن سنڌي مرڪزي اڳواڻ سنڌي شاگرد تحريڪ وزير سميجو ۽ ٻين اسلام ڪوٽ پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ملڪ ۾ نوا صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

تاريخ گواهه آهي ملڪ خاندان عوام جي ووٽ جي عزت ڪئي آهي: ملڪ سڪندر

ميونسپل ٻولهاڙي ۾ ڀيريان به ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ هاڻي به اسڪيمون ڏيئي رهيو آهيان

ٽڪ جي مختلف هنڌن لاءِ روڊن ، پيور بلاڪ ۽ واٽر سپلاءِ جون اسڪيمون منظور ٿي چڪيون آهن

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي ميونسپل ٻولهاڙي ۾ وڌيڪ ترقياتي ڪمن جي اسڪيمن جو افتتاح ڪرڻ نوجوان ايم پي اي جونيئر ملڪ سڪندر خان ڪوٽڙي سائيٽ جي مختلف هنڌن مسلم ڪالوني ۽ مختلف وارڊن جو دؤرو ڪري وڌيڪ ترقياتي اسڪيمن واٽر سپلاءِ پيور بلاڪ ۽ روڊن جي اسڪيمن جو افتتاح ڪري ڇڏيو جتي ڳالهائيندي ايم پي اي جونيئر ملڪ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: ايم پي اي ملڪ سڪندر ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

خيرپور آرٽس ڪائونسل ۾ ٽن مرحوم فنڪارن جي ياد ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي

خيرپور (ذر) خيرپور آرٽس ڪائونسل ۾ ٽن مرحوم فنڪارن جي ياد ۾ پروقار تقريب. خيرپور آرٽس ڪائونسل جي ڊراما ۽ پرفارمنگ آرٽس شعبي پاران ٽن مرحوم فنڪارن جي ياد ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جي صدارت خيرپور آرٽس ڪائونسل جي صدر مختيار ملڪ ڪئي تقريب ۾ مهمان خاص طور عطا حسين قاضي مير صوبدار سعيد ۽ ريڊيو پاڪستان خيرپور جي اسٽيشن ڊائريڪٽر مسرت علي منگي شرڪت

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

پيرسائين پاڳاري خانداني معاملن بابت شرعي ۽ انتظامي اصولن تي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي: خليفو ڪليم الله

گمبٽ (ت ر) حرن جي روحاني پيشوا پير سائين پاڳارا پاران چيف خليفي فقير ڪليم الله وساڻ کي حر جماعت لاءِ اهم حڪم جاري حرن جي روحاني پيشوا اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا پاران حر جماعت جي چيف خليفي فقير ڪليم الله وساڻ کي حر جماعت لاءِ اهم هدايتون ۽ حڪم جاري ڪيا ويا آهن جاري ڪيل حڪمن ۾ جماعت جي معاملن شادي، طلاق ۽ خانداني معاملن بابت شرعي ۽ انتظامي اصولن تي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي پير سائين پاڳارا جي حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته حر جماعت ۾ شاديءَ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

اولياءِ ڪرام هميشه محبت، امن، رواداري، ڀائيچاري ۽ اتحاد جو درس ڏنو آهي: وقار شاهه

خيرپور(ذر) پاڪستان عالمي مشائخ ڪائونسل جي پليٽ فارم تان مختلف درگاهن جي گادي نشين سيد وقار حسين شاهه لطيفي ڊاڪٽر سيد مهدي رضا شاهه سبزواري، فقير نويد حسين وسطڙو خواجه عبدالحق فاروقي سائين حسنات ياسين پير منير شاهه ذاڪري، پير رڪن الدين قريشي سيد انعام شاهه راشدي سيد وسيع الله شاهه راشدي، پير سيف الرحمان ڪگهو، سيد علم الدين شاهه بخاري، پير سيد افضال حسين زنجاني سائين رضوان فاروق

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ سائيٽ ايريا ۾ ٻه وارداتون، هڪ ڄڻي کان موٽر سائيڪل ڦر ٻي چوري

ڪوٽڙي (ن ع) سائيٽ ڪوٽڙي مان ٽي بي اسپتال لڳ نامعلوم جوابدار عاطف ميمڻ نالي نوجوان کان هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته ڪوٽڙي شهر مان نامعلوم چور عبدالقيوم جوڻيجو جي گهر اڳيان بيٺل سي ڊي موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جو اجلاس، صحافين جي مسئلن ۽ ٽريننگ پروگرامن بابت اهم فيصلا

ريجن جي ضلعن ۾ صحافين کي درپيش مسئلن ۽ داخلي ڪيسن جو رڪارڊ گڏ ڪرڻ ميمبرشپ فهرستن کي اپڊيٽ ڪرڻ جو فيصلو

صحافين جي مبينا هراسانين ۽ پوليس زيادتين تي ڳڻتي، متاثر صحافين جي معاملن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جو عزم

صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ ملڪ گير احتجاجي لانگ مارچ جو جلد اعلان ڪيو ويندو: خالد کوکر

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو اجلاس، صحافين

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايڇ يو جي جو اجلاس وسيم خان جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

نادرا آفيس سجاول ۾ سڪيورٽي گارڊ ڊيوٽي دوران دل جو دورو پوڻ سبب فوت

سجاول (ذ ر) نادرا آفيس سجاول ۾ ڊيوٽي دوران سڪيورٽي گارڊ دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو فوتي سڪيورٽي گارڊ جي سڃاڻپ غلام فريد بروهي طور ٿي آهي جيڪو ٺٽي جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي اطلاع تي سجاول پوليس پهچي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو ڊاڪٽر پاران طب

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سيهارجا: آپگهات ڪندڙ ناري جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

ٽنڊوالهيار ۾ رند آباد ڪالوني جي رهواسين جو زبردستي گهر خالي ڪرائڻ خلاف احتجاج

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار جي رند آباد ڪالوني جي رهواسين پاران بنا جواز گرفتارين، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ، گهرن ۾ گهڙي تشدد ڪرڻ ۽ ڏاڍ جي زور تي گهرن کي خالي ڪرائڻ خلاف عورتن ۽ مردن ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ رولو ڪتن ٻارڙي کي چڪي زخمي ڪيو، اسپتال منتقل

خيرپور(ذر)خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٻچل شاهه محلي ۾ رولو ڪتن هڪ ٻارڙي کي هڪ نينگر ريحان علي کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو وارثن پاران زخمي نينگر کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي کين ڪتن جي چڪڻ واري

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: گوڙانو ڊيم تحريڪ جا اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي دوران پ ٽ الف اڳواڻ زخمي، اسپتال داخل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي علي گوهر آباد ٿاڻي جي حد ايمپائر روڊ واري علائقي ۾ مبينا طور جهڳي جي اڏاوت دوران پردو نه ڪرائڻ واري ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لوهي سيخ لڳڻ سبب پ ٽ الف تعلقي وارهه جو اڳواڻ پرائمري استاد

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سوراهه پوليس پاران مقابلي بعد ڌاڙيل کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ذر) سوراهه پوليس جو چوڻ آهي ته پرسان ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران مختلف ڪيسن ۾ گهربل هڪ جوابدار کي ڦريل موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدار جي قبضي مان بنا لائسنس وارو پسٽول پڻ هٿ ڪيو ويو گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ ظفر علي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ ف ليگ جو اجلاس، پارٽي کي مضبوط ۽ فعال ڪرڻ لاءِ غور ويچار ڪيو ويو

گمبٽ (ت ر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سکر ڊويزن جو جنرل اجلاس صوبائي اڳواڻ ايڊووڪيٽ سيد شفقت حسين شاهه جي نگراني ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ پارٽي جي تنظيم نو ۽ تنظيمي معاملن تي اهم مشاورت عهديدارن ۽ جماعتي ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي مسلم ليگ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ نامعلوم هنڌان فائر ٿيل گولي لڳڻ سبب معصوم ٻار زخمي، اسپتال منتقل

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي جي سڪندر آباد ڪالوني جي هڪ گهر ۾ اڻڄاتل هنڌ تان آيل گولي ديوار سان ٽڪرائجي راند ڪندڙ 5 سالا معصوم نينگر علي حسن خاصخيلي کي لڳي جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي پيو .

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ مسافر ٽرين مان گهوٽڪي واسي ڪري سخت زخمي، اسپتال منتقل

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ مسافر ٽرين مان گهوٽڪي واسي شخص ڪري سخت زخمي، لاهور کان ڪراچي ويندڙ ٽرين ۾ گهوٽڪي واسي مجيب الرحمان ٽرين جي مين گيٽ آڏو بيٺل هو ٽرين جي تيز رفتار ۽ لوڏن سبب پير ترڪڻ سبب ڪوٽڙي سائيٽ خورشيد چوڙنڪ جي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ گونگن ۽ ٻوڙن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پيپلز ڊيف اينڊ ڊمب يونٽ آرگنائيزيشن جي سڏ تي گونگن ۽ ٻوڙن طرفان پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن فدا حسين ٻڙدي، فياض احمد کهڙو آصف علي سوهرو، فرمان سولنگي سميت ٻين

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

هالا: فوت ٿيل شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي واسي بيواهه جو جهت پٽ پوليس خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ وڏو لاشاري جي رهواسڻ بيواهه عورت مبينا طور بلوچستان جي جهت پٽ پوليس هٿان ڪنبي گم ڪيل نوجوان پٽ جي آزاديءَ لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي

بقايا نمبر 55 ڏسو صفحو 5

سنڌ وحدانيت جو پيادل مارچ ڀٽ شاهه پهتو، درگاهه ڀٽائي تي حاضري

سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي ان جو ورهاڱو هر گز برداشت نه ڪنداسين:مانجهي فقير

اسان جي درياهه اسان جي زراعت سميت سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪيو ويو آهي: نياز ڪالاڻي

سنڌ ورهاڱي جي ڳالهه تان هٿ ڪنيو وڃي، ٻي صورت سنڌ حڪمران کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو:منور ساريو

ڀٽ شاهه (ن ع) سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي ان جو ورهاڱو هر گز برداشت نه ڪنداسين اسان لطيف سان وچن ڪيو آهي ته سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪنداسين اهڙيون ڳالهيون سنڌ وحدانيت جي پيادل مارچ جي اڳواڻن ڀٽ شاهه درگاهه تي پهچي چادر چاڙهي دعا گهرڻ بعد عبرت نيوز سان ڳالهائيندي ڪيون هن موقعي تي پيادل ريلي جي اڳواڻي ڪندڙ مانجهي فقير

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت لطيف آباد جي ڪٺجاڻي، مرتضيٰ مشوري جي غزل تي ادبي ويچار

ڪيفي خانا بدوش ۾ ادبي نشست، شاعرن ۽ اديبن پاران ڪافي، غزل ۽ استاد بخاري جي شاعري پيش

مرتضيٰ مشوري جو غزل سنڌ جي موجوده صورتحال ۽ قومي جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو: اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ لطيف آباد جي دستوري ڪٺجاڻي نامياري ڪهاڻيڪار اديب ۽ شاعر سليم چنا جي صدارت هيٺ ڪيفي خانا بدوش قاسم آباد حيدرآباد ۾ منعقد ٿي ادبي نشست ۾ مولا بخش محبتي ڪافي، معروف شاعر مرتضيٰ مشوري غزل نامياري صحافي ۽ ليکڪ تي ڊي ڪابوري استاد بخاري جي شاعري پيش ڪئي، سنڌي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سڄاول: پوليو ٽيم تي مبينا حملو، ورڪر ڪهاڙي جي وار ۾ زخمي، جوابدار فرار

ڳوٺ عجائب سومرو ۾ ٻارن کي پوليو بوسٽر ڊوز پيارڻ دوران ڪجهه ڳوٺاڻن انڪار ڪيو

جوابدار جادم سومرو ڪهاڙي سان حملو ڪري واحد سومرو کي زخمي ڪري ڇڏيو

پوليس ۽ اي سي جاتي پاران زخمي پوليو ورڪر کان معلومات حاصل، جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري

سڄاول (ذ ر) سڄاول جاتي تعلقي جي ڳوٺ عجائب سومرو ۾ پوليو ٽيم تي مبينا حملي جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ پوليو ورڪر واحد سومرو زخمي ٿي پيو ذريعن موجب پوليو ٽيم ٻارن کي پوليو بچاءَ واري بوسٽر ڊوز پيارڻ لاءِ ڳوٺ عجائب سومرو پهتي هئي جتي مبينا طور ڪجهه ڳوٺاڻن پاران ٻارن کي پوليو بوسٽر ڊوز پيارڻ کان انڪار ڪيو ويو ان دوران مبينا

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ جبري گمشدگين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي HRCPجي ريلي

انساني حقن واري ڪميشن جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب آڏو ريلي ڪڍي وئي

جبري گمشدگيون ملڪي قانون ۽ عالمي اصولن موجب ڏوهه آهن، سلسلو بند ڪيو وڃي: اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان انساني حقن واري ڪميشن HRCPپاران جبري گمشدگين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان انساني حقن واري ڪميشن جي ڪائونسل ميمبرن ڊاڪٽر خوشحالداس، سليم جروان امداد ڪوسي، پشپا ڪماري، ڪوآرڊينيٽر غفران آرائين ڊاڪٽر امداد چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

missing
پاکستان جبری گمشدگی سے متعلق میثاق پر دستخط کرے
Ratify the UN Convention disappearances

حيدرآباد: ايڇ آر سي پي پاران گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ امداد حسينيءَ جي چوٿين ورسي، بزم روح رهاڻ پاران لفظن جي ڀيٽا

امداد حسيني رومانوي شاعر هو سندس شاعريءَ ۾ ديس جو درد سمايل هو: ڊاڪٽر قاضي خادم

اياز کان پوءِ امداد حسينيءَ کي شاعريءَ جي دنيا ۾ مڃتا ملي، ٻه ونڊ دور کان عوام کي جاڳائڻ لاءِ شعر لکيا: نصير مرزا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) بزم روح رهاڻ پاران سنڌي ٻوليءَ جي صف اول نامور شاعر محترم امداد حسينيءَ جي چوٿين ورسيءَ جي موقعي تي امداد حسينيءَ جي ياد عنوان هيٺ ڪٺجاڻي ٿي گذري، ڪٺجاڻي ۾ امداد حسينيءَ کي لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ڪٺجاڻي جي صدارت ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم چيو ته قومپرستي کان وڌيڪ جو رومانس ٿي نه آهي امداد

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ليبر ايمپلائيز پاران پورهيتن لاءِ اعلانيل اجرت نه ملڻ خلاف احتجاج

مظاهرين ايڊووڪيٽ طفيل احمد اهين ايڊووڪيٽ انعام خشڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ حڪومت پاران اعلانيل ماهوار اجرت 44 هزار رپيا ڏيڻ واري فيصلي تي عمل درآمد ڪرايو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ وطن دوست ليبر ايمپلائيز فيڊريشن سنڌ طرفان سنڌ حڪومت جي پورهيتن لاءِ اعلانيل ماهوار اجرت 44 هزار رپيا ڏيڻ واري فيصلي تي عمل درآمد نه ٿيڻ توڙي لاڙڪاڻي ۾ ليبر آفيسر ۽ ليبر انسپيڪٽر جي خالي پيل جاين تي مقررين نه ٿيڻ خلاف شهر جي لاهوري ريگيوليٽر کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

دي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو پاران 2026ع جي داخلائن لاءِ انٽري ٽيسٽ ورتي وئي

800سيٽن جي داخلا لاءِ 760 شاگردياڻين ۽ 440 شاگرد پاران حصو ورتو ويو

اهل شاگردن کي ميرٽ لسٽ موجب داخلائن جا ليٽر ڏينداسين: وي سي نيڪ محمد شيخ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) دي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو طرفان سال 2026ع جي داخلائن لاءِ يونيورسٽي جي مک ڪيمپس ۾ انٽري ٽيسٽ ورتي وئي جنهن ۾ يونيورسٽي جي 5 فيڪلٽيز جي مختلف انڊر گريجوئيٽ پروگرامن فيڪلٽي آف نيچرل سائنسز جي ڪمپيوٽر سائنس، سافٽ ويئر انجنيئرنگ، آرٽيفيشل انٽيليجنس، ميٿميٽڪس، فيڪلٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

اپيل... اپيل... اپيل
بينظير بھٹو کا خواب ادھورا کیوں؟
قوم کے معمار سڑکوں پر!
40+ PST/JEST
SNE, STR

حيدرآباد: اميدوار نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ملڪي ۾ سيرت النبي ۽ ذڪر ميلاد مصطفيٰ ﷺ جا مقابلا

گورنمينٽ هاءِ اسڪول ملڪي ۾ تقريرن، نعت خواني ۽ ڪوئز جا مقابلا منعقد ڪيا ويا

شاگردن پاران سيرت طيبه ﷺ، امن ڀائيچاري ۽ اعليٰ اخلاق بابت تقريرون پيش

مختلف مقابلن ۾ پوزيشن ماڻيندڙ ۽ حصو وٺندڙ شاگردن کي شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

ملڪي (ذ ر) تعليم کاتي ٿرپارڪر جي طرفان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ملڪي ۾ ڪالهه 12 ربيع الاول جشن عيد ميلادالنبي صہ جي مناسبت سان سيرت النبي صہ ۽ ذڪر ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليه واله وسلم جو ضلعي سطح جو مقابلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻنهي جهانن جي سردار خاتم

بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

اگهم ڪوٽ ۾ پير حسين شاهه جيلاني جو 106هون ساليانو عرس عقيدت سان ملهايو ويو

سجاده نشين پير فتح محمد شاهه جيلاني ۽ پير لڪي شاهه پاران چادر چاڙهي عرس جو افتتاح

مريدن ۽ عقيدتمندن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، محبت، ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداري جو درس

گلاب لغاري(ن ع) گلاب لغاري پرسان سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ مدفون مشهور بزرگ اولياء پيرحسين شاهه جيلاني جو ساليانو 106 هڪ سئو ڇهون هڪ روزه عرس مبارڪ جو ڏهاڙو نهايت ئي عقيدت احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ درگاهه جي مريدن ۽ عقيدتمندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي درگاهه جي سجاده نشين پير فتح محمد شاهه جيلاني ۽ پير لڪي شاهه درگاهه تي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيو ويو پير فتح محمد شاهه جيلاني انهيءَ

بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 5

دولتپور ۾ حضرت سيد ڪامل شاهه سرڪار پير تي جشن عيد ميلادالنبي ﷺ محفل

محفل ۾ علماءِ ڪرام، نعت خوانن ۽ سوين عقيدتمندن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

درگاهه شريف تي [illegible] گادي نشين سيد پير [illegible] شاهه جيلاني [illegible]

دولت پور صفن (ن ع) سنڌ جي نالي واري روحاني صوفي بزرگ حضرت سيد ڪامل شاهه سرڪار پير تي جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جي حوالي سان عظيم عاليشان جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور عالم الدين جماعت اهل سنت جي علماء ڪرامن ۽ ثناء خوانن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي درگاهه شريف جي گادي نشين سيد پير مختيار علي

بقايا نمبر 54 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: صحافي عاطف شاهه رضوي جي رهائش گاهه تي ٿيل محفل ميلاد جو ڏيک

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.